
آکاڻي

# آڪاٽي — ٢

سلسليوار

سهيڙيندڙ:
**ستار پيرزادو**

**سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي**

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا

ڪتاب: آڪاٽي – 2 (سلسليوار)
سهيڙيندڙ: ستار پيرزادو
ڇپائيءَ جو سال: آڪٽوبر 2006ع
ڪمپوزنگ: اسلم ڪتياڻ،
سنڌ ڪمپيوٽرز ڪمپوزرس،
موبائل: 0302_3499833
قيمت: 50 روپيا
پاڪستان ۾ سال لاءِ: 200 روپيا
پاڪستان کان ٻاهر: 20 آمريڪي ڊالر (پوسٽ خرچ سميت)
ڇپائيندڙ: سنڌ ادبي اڪيڊمي
رابطي لاءِ: آڪاٽي، سلسليوار
سامهون ايف -ٽي- سي- بلڊنگ
ايبيسينيا لائينس، مبارڪ شهيد روڊ،
ڪراچي.
فون: 021_2782597
موبائل: 0345_2317417

ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

[هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو.]

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”آڪاٽي 2“ اوهان اڳيان پيش آهي. سنڌ جي چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪارن جي چونڊ ڪهاڻين ۽ عالمي ادب مان چونڊ ڪهاڻين جي ترجمن تي مشتمل آڪاٽي سيريز جو سهيڙيندڙ **ستار پيرزادو** آهي.

هن ڪتاب ۾ حميد سنڌي، رسول ميمڻ، ستار پيرزادي، جان خاصخيلي، امرلال هنگوراڻي، آسانند مامتورا، شمس نورالدين، ثميره زرين، گورداس واڌواڻي، موهن ڪلپنا جون لکيل سنڌي ڪهاڻيون شامل آهن، جڏهن ته پرڏيهي ادب مان خليل جبران، سعادت حسن منٽو، موپاسان ۽ گرهام گرين جون ڪهاڻيون شامل آهن جن جو سنڌي ترجمو ستار پيرزادي، ولي رام ولڀ، جيوت چاولا ۽ ميمڻ علي بخش ڪيو آهي.

آڪاٽي سيريز جي ڪڙيءَ جو هي ٻيو ڪتاب آڪٽوبر 2006ع ۾ سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سِٽاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | شعور | ستار | 6 |
| 2 | اکڙيون مينگهه ملهار | حميد سنڌي | 8 |
| 3 | ڊاڪٽر ربنواز پوڙهو ڪيئن ٿيو | رسول ميمڻ | 12 |
| 4 | ذهن کي ڏونڌاڙيندڙ رَڙِ | ستار پيرزادو | 23 |
| 5 | مردهه معاشري جي زندهه تصوير | جان خاصخيلي | 29 |
| 6 | ٻڍيءَ جي ٻاجهه | امرلال هنگوراڻي | 31 |
| 7 | ڪڪي | آسانند مامتورا | 33 |
| 8 | ستي ساوتري غلام فاطمه | شمس نورالدين | 36 |
| 9 | ايرڪا | ثميره زرين | 42 |
| 10 | دوست /ست عنصر | جبران خليل / ستار | 52 |
| 11 | ٽوبه ٽيڪ سنگهه | سعادت حسن منٽو / جيوت چاولا | 56 |
| 12 | پيڻ | موپاسان / ميمڻ علي بخش | 62 |
| 13 | سَرهو شهزادو | گورداس واڌواڻي | 71 |
| 14 | ڏوراپو | گرهام گرين / ولي رام ولڀ | 78 |
| 15 | مختصر ڪهاڻيون | | 85 |

# شعور

شعور ۾ ڏاهپ جا هڙئي رستا ادب جي نڪتي کان نڪرن ٿا. جو ادب، زندگيءَ جي سنوار، حسن ۽ انسانيت جي لاءِ هوندو. اهو ئي زندگيءَ جي بهتريءَ جي حاصلات ڏانهن وڃڻ جي رهنمائي ڪندو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ادب تخليق ڪرڻ جي به ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، جيڪو معاشري جي اوڻاين ۾ ڪوجهائين ڪي عوام جي آڏو آڻڻ ۾ ان جي نشاندهي ڪرڻ ۾ ان کي سڌارڻ سنوارڻ لاءِ ڪي گس ڏيکاري سگهي يا ڏس ڏئي سگهي. اهڙي ادب کي معاشري ۾ وڏي اهميت حاصل ٿيندي آهي.

اهڙو ادب تخليق ڪرڻ لاءِ وري به تخليق ڪار کي علم جي لاٽ سان جرڪندڙ واٽ جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي. اڄ اسان جن اديبن کان متاثر آهيون يا متاثر ٿيون ٿا، انهن جي ذهنن ۾ ڪنهن به قسم جي لالچ جو عمل دخل نه هو، هنن جو ڪم هو معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ جو ڪجهه بهتر آهي اهو لکڻ ۾ هو، ان تي پوري توجهه ۾ پنهنجي سگهاري سوچ وسيلي ادب تخليق ڪري پنهنجي دؤر جي عوام جي لاءِ پنهنجي پوري سچائيءَ ۾ صدق سان لکيو. جنهن مان شعور حاصل ڪري، ڪيترائي اديب بين الاقوامي معاشري کي سنوارڻ لاءِ سندرو ٻڌي عمل جي ميدان ۾ نڪري نروار ٿيا. انهن جا نالا ڳڻائڻ ضروري نه آهن. ادب سان واسطو رکندڙ ۾ ڪتابن سان ياراني رکڻ وارا پليءَ پت چاڻ رکن ٿا.

شعور ۾ ڏاهپ جي حاصلات خاطر پاڻ کي اهڙو ادب پڙهي، پُرجهي ۽ پُرجهي پير کڻڻ خاطر اهڙي سنجيده ادب جي چونڊ ڪرڻي پوندي. اهو ئي سبب آهي جو اسان پنهنجي سنڌي عوام کي پنهنجي ادبي وڏڙن ۾ ڏاهن جي گس جا ڏس ڏيڻ لاءِ ’آکاٽي‘ نالي هي سلسلو شروع ڪيو آهي. جنهن جو پهريون سلسلو اوهان ضرور پڙهي چڪا هوندا، اسان کي ان سلسلي تي اوهان جي بي ريا راءِ جو اوسيئڙو رهندو. جنهن جي لاءِ اسان جي پوري ڪوشش هوندي ته اسان پنهنجي وس ۾ وت آهر جيڪو ڪجهه ڪري سگهون ٿا ضرور ڪريون ۾ ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو اٿئون. پر اسان اوهان مان به اها اميد رکڻ جي خواهش رکون ٿا ته اسان جي ان ڏس ۾ پنهنجي املهه آکاٽين موڪلڻ سان مدد ڪريو جيئن هن سلسلي جي لاٽ ڪا روشن واٽ ڏسي وجهي، ته اسان جي اکين جا اوجاڳا ۾ ڪراچيءَ جي ٽڪائيندڙ جاکوڙ ثاب پوي.

سنڌ ۾ سنڌي ادب وسيلي شعور ۾ ڏاهپ جا ڏيئا جن شخصيتن ٻاري، نوجوان نسل لاءِ واٽ کي روشن رکڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. انهن جي به ڪا تُوري ڳڻپ نه آهي. وري به اهو ئي چئجي ته انهن جا نالا ڳڻائڻ ضروري نه آهي. پر ويجهي ماضي ۾ حال حيات اهڙين شخصيتن مان هڪڙي شخصيت سائين محمد ابراهيم جويو جي به آهي. سائين جويو هن سال ڏاهپ جا ڏس ڏيندي 91 سال پورا ڪري 92 سال جي عمر ۾ پير پائي چڪا آهن،12آگسٽ سندن جمڻ جو ڏينهن آهي.

سندن شخصيت، چاڻ، روشن خيال ادبي، خدمتن تي لکڻ ويهبو ته هر موضوع تي هڪ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. پاڻ سنڌ جي نوجوان نسل کي تعليم کان وٺندي ادبي ڏاهپ جا ڏس ڏيڻ تائين ڪڏهن به نه ڪيپايو آهي. انهن خدمتن جي روشني ۾ هو به جوڳو مان لهڻي. آڪاڻي سلسلي جو سٽ ڪيس 92 سال ۾ پير پا ــ ـئڻ تي واڌايون آڇي ٿو۽ اميد ٿو رکي ته اهي ضرور قبول پونديون.

تاريخ: 10 آڪٽوبر 2006 **ستار**

حميد سنڌي

# اڪرين ميگهه ملهار

اهو هڪڙو وڏو گهر هو. جنهن ۾ ڪيئي ڪٽنب ميٺ محبت سان گڏ رهندا هئا. مان ان وڏي گهر ۾ نپجي، سيني ڪٽنبن جو پيارو ۽ لاڏلو نينگر ٿي وڏو ٿيس. ان گهر جا ٻه اهم اهڃاڻ هئا. هڪ ته داخل ٿيڻ وقت ڏيڍي ٽپڻ لازم هو ۽ هن ڏيڍيءَ ۾ ڪيئي ورَ وَڪَڙَ هئا. جيڪي عام ڏيڍين ۾ نه هوندا آهن. شروع ۾ ئي هڪ ڏيڍي اها هئي، جيڪا ورهائجي ٻن ڏيڍين ۾ تبديل ٿي ويندي هئي. اڳتي هلي اسان واري ڏيڍي ورَ وَڪڙ کائيندي وچي وڏي اڱڻ ۾ پهچندي هئي. جتان ان وڏي حويلي جهڙي گهر جا عجيب نظارا پسبا هئا. ڪرت وارا، قرب ونڊڻ وارا، ڪل خوشيءَ وارا، جيڪي نه رڳو اڱڻ جو مَرڪُ هئا پر شاهي ڏکهو وراندو جنهن ۾ گهر ننڍڙيون ۽ وڏڙيون واندڪائيءَ ۾ ڪچهري ٻه ڪنديون هيون ته ڪي چلم مان ٻڙ ڪاٽ ڪيندي مسئلن جا سڳا سورينديون هيون. وڏڙا ڪم ڪار لاهي ايندا هئا ته روٽي پاڻيءَ سان گڏ سندن ڳالهين ۽ چلم ۾ پاڳي پائيوار ٿيندا هئا.

ان گهر جو ٻيو وڏو اهڃاڻ، گهر جي وڏي منهنجي ڏاڏي سونل هئي، جيڪا سنئين سڌي، ٻنا ڪنهن وَرَ وَڪڙ جي سنئين راند سوٽي واريءَ ۾ يقين رکندي هئي. هن جا فيصلا سيني ڪٽنبن ۾ وڏي خاندان لاءِ هڪ قانون جو درجو رکندا هئا. پاڻ ۾ سڱن پنڌن جا معامرا هجن يا ننڍن جهيڙن جهٽن جا فيصلا هجن، يا ڪنهن ٻاهرين ڪٽنب سان پير ڪٽجي يا نه؛ سندس حڪم اٽل هوندو هو. چون ايئن ٿا ته اسان جو ڏاڏو مرحوم جيڪو هن خاندان جو وڏو هو. تنهن جو حڪم به ايئن نه هلندو هو جيئن ڏاڏي سونل جو حڪم. سندس ڏاڪو به ڏاڪو هو. جو ڏاڏو سائين سندس سامهون ماٺ ٿي ويندو هو. ڏاڏي سونل جي مک تي دَيا ۽ ارادي جي پختائي واسو ڪري ويندي هئي، ۽ خاص طرح جنهن وقت فيصلي جو وقت هوندو هو يا ڪنهن سان اختلاف ڪرڻ جو وقت هوندو هو . پر سندس حياتيءَ ۾ ڪيترا اهڙا واقعا به پيش آيا، جيڪي ڪي قدر سندس مرضيءَ جا نه هئا ته ڪيس ڪڏهن ان جو ڏک به ٿيندو هو. ماسي آسيت ڪاسائڻ جو صدمو ڪيس جڻ جيئري ماري ويو.

هن گهر جي ڏيڍيءَ ڪي جيئن وَرَ وَڪڙَ هئا تيئن قائدا ۽ قانون به پنهنجا هئا. انهن ڪي عمل ۾ آڻڻ، نبيرڻ، ڏاڏي سونل جي اختيار ۾ هيو. ڪيس خاص اختيار هو ته نُهرِن ڪي پنهنجي مائٽن ڏي موڪلي ڏي يا نه. سندس پُٽن جي مرضي پلي هجي، پر ڏاڏي سونل ڪين گهٽو ڪري نه ڇڏيندي هئي. گهرن جي وڏڙن جي انهيءَ فيصلي جي پابندي ۽ پوئيواري ڪرن زميواري هوندي هئي ته جيڪي نُهرون ڏاريون هيون، انهن جي عزيزين، قريبن ڪي ملڻ جي اجازت صرف انهن وَرَ وَڪڙ ڏيڍين ۾ هئي، جيئن ڏارين ماڻهن جو وڏي گهر جي رهواسين تي پاڇو به نه پوي. هوءَ پنهنجين نهرن ۽ نين ڪنوارين سان سنو هلندي به ٻاهر اچڻ وڃڻ جي پابنديءَ تي سخت رويو رکندي هئي. سندس ڇهري تي ان وقت سختي اچي ويندي هئي ۽ سنهڙن چپن جون ڪنڊون سوڙهيون ۽ مرڪ ڪان به آجيون ٿي

ويندیون هيون، جڏهن نهرن جا پيئر يا پائر ساٽن ملڻ ايندا هيا. هوءَ ڏيڍيءَ جا ٻاهريان دَرَ ۽ اوريان دَرَ بند ڪرائي وچ واري حصي ۾ ڪين پنهنجي وارثن سان ملاقات ڪرڻ جي اجازت ڏيندي هئي. حڪم وڏڙن جو هوندو هو ۽ ان حڪم تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڏاڏي سونل بندوبست ڪندي هئي. انهن نهُرن يا نين ڪنوارين جون مائر پينر يا مائٽياڻيون اندر ايندیون ته هيون ته سندن آڏر ڀاءُ ڪو وٽندڙ نه هوندو هو جو هو ڏاريا هيا ۽ هي نهرون يا پيون ڪنواريون "ڏاريون" سڏبيون هيون. هئي جنهن جو آڏرياءُ ٿيندو هيو اها هئي ماسي آسيت ڪاسائڻ جيڪا هڪ ڇٻيءَ ۾ جيرن، ٻڪين ۽ ٻوٽين جون شيخون پچائي وجهي ڪٽي ايندي هئي. سندس اچڻ سان سڄي گهر جا ٻار ٻچا ۽ مايون خوش ٿي ڪائنس جيرن، ٻڪين، ۽ گوشت جون پڪل مرچن مصالحن سان ڀُرڪيل شيخون وٺي سوساٽ ڀري ڪائيندیون هيون. پر وڏي خوشي ڏاڏي سونل کي ٿيندي هئي، وسيع وراندي ۾ هو ٻئي ڄڻيون جڏهن کٽ تي چڙهي ويهي پنهنجيون پرايون ڳالهيون ڪنديون هيون تڏهن وقت ڄڻ ته بيهجي ويندو هو. ماسي آسيت جي ڳالهين ۽ چوٻولن تي ڏاڏي سونل ايڏو ته کلندي ٽڙندي خوش ٿيندي هئي ۽ سندس ٺهڪڙا گونجندا هئا جو ائين لڳندو ئي نه هو ته هيءَ ڏاڏي سونل آهي – هڪ سخت گير منتظم ۽ هن گهر جي پنهنجن قائدن قانونن جي پاسبان.

ڏاڏي سونل ۽ ماسي آسيت جي هيءَ دوستي ورهين جي ساٿ جو نتيجو هئي. ماسي آسيت جو هن حويلي ۾ اچڻ وڃڻ شايد منهنجي ڄمر کان به اڳ جو هجي. مون جڏهن کيس ڏٺو ته کيس ڏسندو ئي رهجي ويو هيس. ڏاڏيءَ جو مون سان گهڻو پيار هوندو هو. ماسي آسيت ايندي هئي ته ڏاڏي ڪڏهن ٽڪو يا آنو خرچ ڪري مون کي پڪل نندي شيخ وٺي به ڏيندي هئي. مان سوسٽ پريندو، پڪل جيرا يا ٻوٽين جا ٽڪر چٻاڙيندو هوس. ماسي آسيت جو پوٽو گلڻ وڏڙو ٿيو ته ساڻس گڏ ايندو هو. ڏاڏي ان کي به پئسو ٽڪو خرچي ڏيندي هئي ۽ پئي مون سان گڏ کيس به منيون ڏيندي هئي. مان پرسان ئي وينو گلڻ سان کيڏندو هوس ۽ ڏاڏي سونل ۽ ماسي آسيت جي ڪچهري نه کٽندي هئي.ماسي شام جو گهڻو ڪري ڇٻو خالي ڪري ئي نڪرندي هئي. اوڙي پاڙي جا ٻار به هتان اچي پڪل شيخون وٺي ويندا هئا. ماسي آسيت ڪڏهن بيمار ٿيندي هئي ۽ نه ايندي هئي ته سيني کي اُون ٿي پوندي هئي ۽ سيئي گهر جا ڀاتي پيا پڇندا هئا. پر وڏي ڳڻتي ڏاڏي سونل کي هوندي هئي. ماسي چاڪ ٿي وَري اچڻ لڳندي هئي ته سيني کان وڌيڪ ڏاڏي سک جو ساهه کڻندي هئي. ماسي آسيت ڪنگهندي به ڏاڍو هئي پر بيڙي پيئڻ نه ڇڏيندي هئي. ڏاڏي کيس منع ڪندي هئي ۽ پنهنجي چلم سندس ويجهو ڪندي چوندي هيس "ادي آسيت اها نياڳي پن جي بيڙي نه پي، ڦوڪ پرٽي اٿئي ته چلم جي ڦوڪ ڀر، هيءَ تڏي اٿئي."

ماسي هڪ ڦوڪ ڀري وري پن جي بيڙي ڪيندي هئي، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن کنگهه اپرندي هيس ته ماسي ساٽي ٿي ويندي هئي. ڏاڏي کيس پاٽي پياريندي هئي، پُٺيءَ کي مهٽيندي هيس ۽ هوءَ سامت ۾ ايندي هئي ته اهي ئي گهر گهر جا قصا، ڪنهن جي گلا ته ڪي پنهنجا سور. ڏاڏي پنهنجي

نُهرن جون شڪايتون ڪندي هئي تہ پٽڪي سان. باقي پنهنجي پُٽن سان ۽ نياٽين سان پيار هوندو هيس.

مون کي اهو سڀ ڪجھہ ياد آهي ۽ اهو صبح بہ ياد آهي تہ جڏهن ڪاسائين جي پاڙي مان اوطاق تي نياپو آيو تہ رات ماسي آسيت گذاري وئي. سڄو گهر وسميءَ ۾ اچي ويو. نيٺ ڏاڏيءَ کي بہ ٻڌايو ويو. آسيت ۾ ساهہ هيس، تہ هوءَ ماٺ ۾ اچي وئي، چون ائين پيا تہ صدمي ڪري ڪيس ڳوڙهو بہ نہ آيو سندس اکيون خشڪ هيون. هوءَ سنبري تہ ڪاسائين جي پاڙي وڃان ۽ وڃي آسيت جو منهن ڏسي اچان. هن اوطاق تي نياپو موڪلي ٽانگو پئي گهرايو تہ اوطاق تان گهر جي وڏي، ننڍي ڏاڏي عثمان جو حڪم آيو تہ ڪاسائين ۽ حجمن جي پاڙي ۾ اسان جون مايون نہ وينديون آهن. تنهن ڪري زالاٽو پيرُ نہ پربو ۽ ڏاڏي سونل يا ڪو بيو بہ نہ وڃي.

ڏاڏيءَ کي تنهان ئي ماٺ اچي وئي. ماسي آسيت آهستي آهستي هن وڏي گهر جي ڪنهن وسريل باب جيان ميساربي پئي وئي پر ڏاڏي اُنهيءَ ڪٽ تي چپ چاپ ويٺي هوندي هئي. هن آهستي آهستي چلم بہ ڇڪڻ ڇڏي ڏني هئي، هوءَ منجهند جو ان وقت ورانڊي ڪان پئي ٻاهر نهاريندي هئي جڻ ڪيس اوسيئڙو هجي تہ ماسي آسيت ضرور ايندي. آسرو پلجي ويندس تہ ململ جو آرَ تي پريل رَئو ٻڌهو ڪري پاڻ مٿان وجهي منهن ڍڪي سمهي رهندي هئي.هن گلوءَ جي پڇا ڪئي هئي. پر گلو جو پنهنجي ڏاڏيءَ لاءِ ڏينهن رات روئندو هُيو ڪيس پٽس ماٽتن وٽ شهر ڪان ٻاهر موڪلي ڏنو. اَبو، چاچا، ٻيا عزيز قريب ڏاڏي سونل جو ڏک سمجهندا هئا. وٽس هاڻ اچي گهنو رهندا هئا. ماسي آسيت لاءِ ڪو نہ ڪچندا هئا پر لڳندو ائين هو تہ وٽس تعزيت لاءِ ويندا آهن. ڏاڏي عثمان اسان جي ڏاڏي جي ننڍي ياءُ گهر کي ماسي آسيت جي ويچار ۾ ڏنو تہ سيني کي دڙڪا ڏنائين، ”اڙي انهيءَ ڪاسائڻ جو تڏو وڇايو اٿوَ ڇا؟ اها ڪاسائڻ توهان جي ماءُ لڳندي هئي جو گهر اونڌو پيو آهي؟“

گهر کي جو ماٺ هئي تہ ڏاڏي سونل بہ چُپ هئي. هوءَ جا نهي جُڙي ڪنن ۾ پنڙا پائي قٽي ڦوڪار ڪري ڪٽ تي ويهي حڪم هلائيندي هئي، تنهن هاڻ نہ رڳو پنهنجو حڪم هلائڻ ڇڏي ڏنو آهستي آهستي حاڪمن جا حڪم مجرائڻ بہ ترڪ ڪندي وئي. نُهرن کي هلڪي سلڪي ڇُٽ ڏئي ڇڏيائين. هاڻ هوءَ ڪنهن کي بہ نہ روڪڻ لڳي. آهستي آهستي هن حويليءَ ۾ اڳ ڪان وڏ ٺهڪڙا گونجڻ لڳا، آزاديءَ جي هوا گهلڻ لڳي. ننڍي ڏاڏي عثمان ڪان بچ بچاءُ ڪري هيءُ گهر وٽندڙ ماحول ۾ هلڻ لڳو. ڏاڏي سونل ويچاري اڪيلي ئي پئي هئي ۽ پوئتي بہ پوندي وئي. ڪو ڇڱو وقت گذري ويو پر ڏاڏي سونل جا ٺهڪڙا ٻاڙا، نڪاءُ ڪنهن نہ ٻڌا.

هڪ ڏينهن مان گهٽيءَ ۾ ٻين سان گڏ اِتي ڏڪر ڪيڏي رهيو هئس تہ ڏنم گلو مٿي تي اهو ئي ماسي وارو ڇبو کنيون اچي پيو. ڇبي تي ڪپڙو هو پر پڪل شيخون نظر اچي رهيون هيون. هو هاڻ وڏڙو بہ ٿي ويو هو. مون پري ڪان هٽ لوڏي ڪيڪر ڪيس، مان راند ۾ مشغول هيس ۽ هو حويلي ۾ هليو ويو. اوچتو ڏيڍي مان رڙيون ٻڌم، اسان ٻوڙياسين، ڏاڏو عثمان گلوءَ کي ٿڦڙن سان ڪٽي رهيو

هيو ڇبو اڇلائي ڏنو هيائنس، پڪل شيخون زمين تي وکريون پيون هيون. گلو رنڀون ڪري روئي پيو ۽ ڏاڏي عثمان جي رڙ پئي پئي.

”هَلُ هتان ڪاسائي، ڪاسائي جا پُٽ، هيڏو سارو تي ڪري نياڻين سياڻين پرديدارن ۾ اندر ٿو وڃين. نڪر هتان.“

ڏاڏي عثمان هن کي گهلي هڪ ڏيڍيءَ مان ڪڍي ٻي ڏيڍيءَ، اتان گهيليندو اڃي گهٽيءَ ۾ ٻاهر اڇلايائنس. هو اجا ٻيون رڙيون ڪري ها پر ائين پويان رڙيون تي ويون، ”اڙي عثمان نه مار منهنجي ٻچي کي. اڙي ايڏو ظلم نه ڪر معصومن سان.“ ڏاڏي سونل ڏيڍيءَ جا ورَ وڪڙَ سپ لتاڙي گهر کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ بنا رئي پوتيءَ ۽ جتيءَ جي مٿي ڏوڙ ۾ ليٽڙيل گلوءَ کي ڇاتيءَ سان لائي هيٺ ويٺي هئي. هيءَ هن خاندان جي وڏي هئي، پر هاڻ خاندان جي ريتن رسمن، قائدن قانونن جي رکوال، انهن زنجيرن کي ٽوڙي ڇڏيو هو. هوءَ گلوءَ سان گڏ رڙيون ڪري ۽ پار ڪڍي رهي هئي. ڏاڏو عثمان ڪا گهڙي سُن ٿي ويو هو. پوءِ ڏاڏي سونل کي اٿارڻ لاءِ وڌيو پر ڏاڏي گهوري ڏنس ۽ رَڙ ڪري چيائينس، ”خبردار عثمان ! مون کي يا هن نينگر کي هٿ لاتو اٿئي.“ ڏاڏي سونل يڪدم مون ڏانهن رخ ڪيو.

”بابلا، وڃ وڃي ٽانگو ڪري آ، مان هاڻي هتان ئي ڪاسائين جي پاڙي ويندس، ڏسان ته مون کي ڪير ٿو جهلي.“

منهنجي سئوٽ کي چيائين، ”اڙي وڃ منهنجي وڏي چادري ۽ چمپل کڻي آ.“

هوءَ اتي ئي مٿيءَ ۾ ويٺي هئي ۽ گلڻ کي پرچائي رهئي هئي.

”نه منهنجا ٻچا، بس، بس گهور وڃانءِ، مان هلان ٿي نه تنهنجي گهر، تنهنجي ڏاڏيءَ لاءِ ته هلان ٿي نه ـــ“

هوءَ هن دفعي روئندي رهي، سندس اکيون هاڻ ميگهه ملهار ڪيو بيٺيون هيون. جن اڳ وسڻ کان بس ڪئي هئي، تن اڄ وسڻ کان بس نه پئي ڪئي.

******

رسول ميمڻ

# ڊاڪٽر ربنواز پوڙهو ڪيئن ٿيو؟

پئٿالاجسٽ ڊاڪٽر ربنواز اسپتال جي ڪوريڊور مان لنگهي ليبارٽريءَ تائين پهتو ته سندس پويان نرس الوينا ٺڏي آهه ڀري ڪنهن کي چيو "سڀ وڏيون مڇيون چار ۾ ڦاسايم پر سواءِ هن هڪ ڊاڪٽر جي."
هن جي ڳالهه تي سندس ڀرسان بيٺل اسپتال جي پراڻي نرس ٺهڪ ڏئي کلي.

مون کي اڄ ڏينهن تائين ڊاڪٽر ربنواز جي جوانيءَ جو راز معلوم نه ٿي سگهيو آهي. گذريل پنجويهن سالن کان مان هن کي ڏسندي پئي اچان, پر هن جي هاڻي ڪانيءَ ۾ ڪو به فرق نه آيو. هن جو چهرو ايئن ئي آهي, جيئن اڄ کان پنجويهه سال پهريون." پراڻي نرس حيرت مان چيو ۽ پوءِ نرسن جو ٽولو ٺهڪ ڏيندو وارڊ ڏانهن روانو ٿي ويو.

ڊاڪٽر ربنواز اسپتال جي ليبارٽريءَ ۾ پهچي پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنو. هن ڪوٽ جي کيسي مان پرس ڪڍي ڪنهن پراڻي تصوير کي ڏٺو. ڪاري اڇي تصوير, جيڪا جڻ ته سندس روح جهڙي اڇي ڪاري دونهين مان ٺهي ڪاغذ تي پنهنجو پاڇو وجهي رهي هئي – اڇو ڪارو دونهون, جيڪو بخارن جيان هن جي دماغ مان مٿي بلند ٿي رهيو هو. ۽ ان دونهين ۾ اهو عڪس واضح طور موجود هو. هڪ حسين خوبصورت منهن واري ڇوڪري, جنهن جي چمڪندڙ ڇپن تي هڪ خوبصورت مرڪ محسوس ٿي رهي هئي. هڪ جوان ۽ حسين چهرو, جنهن تي وقت بيٺل پاڻيءَ جيان ساڪت هيو. اتي ڌرتيءَ جي گردش بند هئي ۽ ڦرندڙ موسمن جو وڻن ۽ درياهن تي ڇڏيل ڪو به نشان نه هيو. هن جي تصوير جي قيد خاني ۾ بند هن جي محبوبه جو چهرو, جيڪو سدا جوان هيو ۽ ان تي ڪڏهن وقت جون ريکائون نه پيون هيون. ڊاڪٽر ربنواز پراڻي فوٽوءَ تي نظر ڌري مرڪي, پرس بند ڪري کيسي ۾ وڌو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

گهڙي گذري ته ڊاڪٽر آصف سندس آفيس ۾ آيو. ڪمزور اڇي ڪاري ڏاڙهيءَ وارو, اکين جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر. جنهن جون اکيون ٻين جون بيمار اکيون ڏسي جڻ ڏک مان لڙڪيل ۽ ننڊيون ٿي ويون هيون. هن محسوس ڪيو, وقت هر ماڻهوءَ مٿان ساڳي رفتار سان نٿو لنگهي ڪي گردش جي تکي چڪر ۾ ڦاٿل آهن ۽ ڪي گردش جي هلڪي ڦيري ۾, سکون ۽ آٿت سان اکيون ٻوٽ مزو ماڻي رهيا آهن. ڊاڪٽر آصف هن جو دوست ۽ هاءِ اسڪول جي زماني جو ساٿي هيو. هو گڏ پڙهيا ۽ ساڳيءَ اسپتال ۾ گذريل پنجويهن سالن کان گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا, پر وقت ساڳيءَ رفتار سان ٻنهي تي اثر انداز نه ٿيو هو.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن چانهه پيئندي ڊاڪٽر ربنواز محسوس ڪيو ته ڇپن تائين ڪوپ آڻيندي سندس سمهون ويٺل دوست جا هٿ ڪنهن پوڙهي جيان ڏڪي رهيا هئا. "مون کي اڄ تائين

تنهنجي جوانيءَ جو راز معلوم ٿي نہ سگهيو آهي .“ ڊاڪٽر آصف ڳالهايو تہ سندس آواز هٿ ۾ جهليل ڪوپ جيئن ڏڪڻ لڳو.

هن جي ڳالهہ تي ڊاڪٽر ربنواز مرڪيو. سندس خوبصورت چهي تي پريل ڳل ڪنهن نوجوان عورت جي چاتين جيان اپا ٿي بيهي رهيا. هن جي ڳالهہ تي ڊاڪٽر ربنواز خاموش رهيو ۽ مرڪي چانهہ جي ڪوپ ڪي مزي سان چپن تائين ايئن آٽيندو رهيو جيئن هوتصور ۾ ڪنهن جي خوبصورت منهن تي پنهنجا چپ رکندو هجي.

”شايد مان وقت کان پهريون پوڙهو ٿي ويس،“ ڊاڪٽر آصف وري ڳالهائيندو چيو. ”جواني جيڪا مون وٽ مهمان ٿي لنگهي وئي. شايد تو وٽ اها ترسي واپسيءَ جا سڀ رستا وڃائي ويٺي. “ هن جي ڳالهہ تي ڊاڪٽر ربنواز کان ٽهڪ نڪري ويو.

”سچ ٿو چوين دوست!“ ڊاڪٽر ربنواز چيو. ”جواني منهنجي محبوب جيان آهي، هڪ سچي محبوب جيان جيڪا ڪڏهن بہ مون سان بي وفائي نہ ڪندي.“ پنجاهہ سالن جو ڊاڪٽر ربنواز جنهن جي مٽي جو هڪ وار بہ اڇو نہ ٿيو هو. اهو هر ڪنهن لاءِ حيرت جو سبب هو. سندس نوجوانن جيان خوبصورت منهن ۽ ڊگهي قد تي پريل ۽ خوبصورت هاٿي هر ڪنهن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪندي هئي تہ ڇا واقعي هو پنجاهہ سالن جو آهي. هو اسپتال جي ڪوريڊور مان لنگهندو هيو تہ نوجوان نرسن جون اکيون هن جي بوٽن پويان بانبڙا پائينديون هلنديون هيون. پر ڊاڪٽر ربنواز جي منهن تي هڪ اهڙي مرڪ هوندي هئي، جڻ هن سڀ فتح ڪري ورتو هجي. هن جي هلڻ جي لوڏ ۾ هڪ اعتماد ۽ انا سمايل هوندي هئي.

ڊاڪٽر ربنواز شام جو گهر پهتو تہ سندس خالي گهر ۾ ڪتابن هن جو استقبال ڪيو. ڪتاب هن کي ڏسي جيئرا ٿي پوندا هئا ۽ اکيون مهٽي شيلفس ۾ جاڳي پوندا هئا. ٽيبل ۽ پلنگ تي وکريل ڪتب اوباسي ڏئي اکيون مهٽيندا هئا. هو گهر ۾ گهريو تہ هزارين آواز ڪتابن جي ورقن جي چپن مان پڙ پڙ ڪندا اسريا. هن گهر ۾ گهمي جڻ تہ پيار مان انهن جي مٿي تي هٿ ڦيريو تہ اهي وري هڪ ڊگهي اوباسي ڏيئي ليٽي پيا. هن ڪپڙا بدلايا ۽ وري هڪ دفعو پرس کولي ان ۾ رکيل اڇي ڪاري فوٽوءَ تي نظر ڦيرائي : هڪ نوجوان خوبصورت چهرو. جنهن کي ڏسي هن جي چهري تي مرڪ ايئن ڊوڙي وئي، جيئن ڏر ٽتيءَ ۾ اگهاڙي وڻ هينان رکيل پاٽيءَ جي دلي مٿان جهڙ وري مڙي آيو هجي. هو مرڪندو رهيو. جڻ جوان مرڪ جيڪا وقت کان بيٺل مرڪ هئي. اهي نيڻ جن ۾ آسمان تري رهيو هو اهي زلف جن مان هير گهلي رهي هئي، چپ جيڪي اجا نرم ۽ جيئرا هيا. ڊاڪٽر ربنواز پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون. هو ان اڇي ڪاري فوٽوءَ ۾ جذب ٿي ويو.

هن ڏنو 1974ع جو زمانو آهي. لاڙڪاڻي جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ هو پنهنجي محبوبہ سان گڏ هڪ جلوس جي اڳين صف ۾ نعرا هڻندي اڳتي وڌي ٿو. سندس محبوبہ جو چهرو پنهنجي تکن نقشن سان گڏ هن جي تصور ۾ موجود آهي. هن جو چهرو جوش ۾ ڳاڙهو ٿي چڪو آهي ۽ سندس چهري جي ڳاڙهاڻ ان کي انفراديت بخشي ٿي. اهو اهڙو واضح آهي جڻ وقت جي ڊوڙ ان کي ڪڏهن

ٻه ڏنڊلو ڪري نه سگهندي. جلوس ميڊيڪل ڪاليج جي ٻاهرين پٽ وٽ پهتو آهي ته اتي بيهي ڪجهه دوستن هن کي روڊ جي پاسي پيل وڏي پٿر تي چاڙهيو آهي ۽ هن جوش مان ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي :"اسلامي سوشلزم جو نعرو ايئن آهي جيئن ڪنهن جانور جو ڏڙ شينهن جو ۽ منڍي ٻڪريءَ جي هجي. هن قوم جو ڇوٽڪارو اهڙي قوم پرست سوشلزم ۾ آهي، جيڪا قوم کي بيدار ڪري، سرمائيداري ۽ جاگيرداريءَ جو خاتمو آڻي، هڪ برابريءَ واري سماج پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي." هو جوش ۾ ڳالهائي رهيو آهي ۽ سامهون هن جي محبوبه ٻين سان گڏ تاڙيون وڄائي رهي آهي. هن جو جوش ۾ پرپيل چهرو سندس سامهون آهي. اهو جوان رت سان پرپيل چهرو، جيڪو هميشه هن جي اکين ۾ اندر لهي هن جي ڇهري ۾ سمائجي ويو آهي. هن جي محبوبه جيڪا سدائين سندس ڪلهي پرسان هلندي رهي. ۽ پوءِ ان ڏينهن جڏهن هو تقرير ڪري رهيو هو ته پوليس جون گاڏيون اتي پهچي ويون. پوليس وارا گاڏين مان تيزيءَ سان لهي هنن جي جلوس کي ڇوڙاري ورائي ويا. ٿوري دير ۾ ڳوڙها گئس جو دونهون ڏماڪن سان گڏ هر طرف ڦهلجي ويو. جلوس " ڀاڄ پئي ۽ هن ڏٺو ته سندس محبوبه جو منهن هن جي ٻانهن ۾ ويڙهيل هو. پر هوءَ بيٺي رهي. ان وقت ايس پيءَ جا هٿ هن پنهنجي گريبان ۾ محسوس ڪيا. هو گهليندو ڪيس وچ روڊ تي ڇڪي آيو. سپاهين هن کي ڳورن بوٽن سان ٽنگن ۾ لتون هنيون. هن محسوس ڪيو ته سندس پيرن تائين رتُ وهي رهيو آهي. ۽ پوءِ هن کي ڪجهه ياد نه رهيو سواءِ هڪ ڇهري جي جيڪو ڳوڙها گئس ۾ ڪنهن چنڊ جيان ايئن بيٺو هيو جيئن اهو جهڙ مان نظرايندو هجي. جڏهن هو هوش ۾ آيو ته اسپتال جي شاگرد وارڊ ۾ بستري تي سور کان ڪنجهي رهيو هو. سندس رڳ ۾ گلوڪوز جي ٿيلهي هلي رهي هئي ۽ ٽنگون ڪنهن مصر جي مميءَ جيان پٽن ۾ ويڙهيل هيون. هن ڏٺو سندس پرسان هوءَ آلين اکين سان بيٺل هئي. هن مرڪي هن جي اکين ۾ نهاريندي پڇيو هو "ڇا اجا ڳوڙها گئس جو اثر گهٽ نه ٿيو آهي؟" هن جي ان مذاق تي سندس محبوبه جي ڇهري تي رونق اچي وئي ۽ ان پنهنجي رئي جي پلاند سان ڳوڙها اگهندي چيو، "ڳوڙها گئس ايترو نه روئاريو هيو جيترو تنهنجن زخمن........ ربنواز هي ماڻهو نه وحشي آهن، هنن وٽ اقتدار کان سواءِ ڪنهن به شئي جو قدر نه آهي."

پوءِ هوءَ ڳالهائيندي رهي ۽ هو هن جي ڇهري کي ڏسندو رهيو. هن جو چهرو جنهن جي ڏسڻ سان زخمن جي تڪليف دور ٿي رهي هئي. هن جو چهرو جنهن ۾ شفا هئي، جيڪو دردن جودارون هيو. جنهن ۾ ڇوٽڪارو هيو. جنهن ۾ جدوجهد ۽ انقلاب هيو. هو کيس ڏسندو رهيو ۽ جلد شفا ياب ٿي ويو. جڏهن هن جون پٽيون کليون، تڏهن هن ڏٺو ته سندس گوڏن کان وٺي پيرن تائين چمڙي بي ترتيب ۽ ناهموار هئي. پوءِ سڄي زندگي اهي نشان سندس ٽنگن تي نقش ٿي ويا. هو جڏهن به پنهنجي ٽنگن کي هٿن سان ڇهيندو هيو ته انهن رهجي ويل زخمن جي نشانن ۾ هن جي محبوبه جو چهرو ڪنهن شفا جيان موجود هوندو هيو ۽ اڄ به جڏهن ڊاڪٽر ربنواز پنهنجي ٽنگن کي هٿ لائي محسوس ڪري رهيو هو، تڏهن اهي رهجي ويل بي ترتيب چمڙيءَ جا نشان هن کي اهڙي قبرستان جيان نظر آيا جتي هر نشان هيٺان هن جي ماضيءَ جو ڪو نه ڪو واقعو دفن هيو.

ڊاڪٽر ربنواز پنهنجي محبوبہ جو فوٽو واپس پرس ۾ وڌو ۽ اڳتي سري جڏهن آرسيءَ اڳيان آيو تہ هن پاڻ کي ڏاڍو خوش ۽ توانو محسوس ڪيو. هن ڏٺو واقعي گذريل صديءَ جي چوٿائيءَ جي عرصي هن جي چهري تي ڪو واضح اثر نہ ڇڏيو هيو. سندس خوبصورت چهري جي چمڙي ايئن چڪيل هئي جڻ سندس ٻنهي ڪلهن تي ويٺل اعمالن جا فرشتا ان کي هٿ سان چڪي بيٺا هجن. چمڪندڙ ويڪري پيشاني جنهن تي ڪڏهن بہ افسوس جو گهنج نہ پيو. پريل هاٿي ۽ سڏو جسم جنهن تي ڪڏهن ڪنهن ڪراڙي جي ڪٻ جو پاچو نہ پيو هو. هو هڪ اهڙي امر جوان جيان هو جنهن کي جڻ تيزيءَ سان گزرندڙ وقت ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ موت وساري ويٺا هيا.

ڊاڪٽر ربنواز آرسيءَ ۾ پاڻ کي پسندو رهيو ۽ پوءِ تصور ۾ ماضيءَ ڏانهن موٽي ويو. هن ڏٺو :"سندس محبوبہ گرلز ڪاليج اڳيان پمفليٽ ورهائي رهي آهي. ميڊيڪل ڪاليج جي پهرين شاگرد يونين جون چونڊون ٽيڻ واريون آهن. هڪ وڏو پُرجوش ۽ سرگرم ماحول آهي. هڪ طرف ٻاڙها سوا بينر هوا ۾ جهومي رهيا آهن. حڪومت جو زور آهي تہ سندس پارٽيءَ سان لاڳاپيل شاگرد يونين جو پينل ڪنهن بہ صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ گهرجي. ڪاليج ٻاهران سرڪٽ هائوس وزير صحت ڪئبر جي ڪئمپ لڳل آهي. پوري سنڌ جا سياستدان شاگردن جي اليڪشن ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح لاڳاپيل آهن. قوم پرست تنظيم پاران بيهاريل پينل ۾ ڊاڪٽر ربنواز کي ميگزين سيڪريٽريءَ جي سيٽ لاءِ بيهاريو ويو آهي. ڊاڪٽر ربنواز ڪاليج آڊيٽوريم ۾ هڪ زوردار تقرير ڪري رهيو آهي. مٿان گئلريءَ ۾ هن جي محبوبہ بيٺل ڇوڪرين سان گڏ پمفليٽ هوا ۾ اڇلائي رهي آهي پمفليٽ آڊيٽوريم جي هوا ۾ اڇن ڪبوترن جيان اڏامي هيٺ ويٺل شاگردن جي ڪلهن تي ڪري رهيا آهن. هر طرف سنڌ جا نعرا آهن ۽ اتي ويٺل حڪومت جي مخبرن جا چهرا پريشان آهن. اليڪشن ڪان پوءِ نتيجن جو اعلان ڪيو ويو آهي. حڪومت جي پارٽيءَ سان لاڳاپيل اگردن جو پينل چونڊ ۾ هارائي ويو آهي. قوم پرست جماعت وڏي اڪثريت سان اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻي آهي. سواءِ سيڪريٽري جنرل جهڙي اهم سيٽ جي، جنهن تي جمعيت جو هڪ حافظ ڪامياب ٿي ويو آهي. اليڪشن جي نتيجن ڪان پوءِ ڊاڪٽر ربنواز پنهنجي محبوبہ سان گڏ ڪاليج جي گيٽ وٽ بيٺو آهي. هن کي شاگرد ڪاميابيءَ تي مبارڪون ڏئي رهيا آهن ۽ هو مرڪي انهن کي سيني سان لڳائي رهيو آهي. رات جو دير سان هڪ وڏي ٽريڪٽر ٽرالي ۾ نيئن چونڊيل يونين کي بيهاري دهلن سان هڪ جلوس جي صورت ۾ سڄي لاڙڪاڻي شهر ۾ گشت ڪرايو ويو آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو اخبارن جي شہ سرخين ۾ وزيراعظم جي شهر ۾ هن جي پارٽيءَ سان لاڳاپيل شاگردن جي پينل جي هار کي خاص اهميت ڏني وئي آهي. جمعيت جي چونڊيل حافظ جي ڪاميابيءَ تي حڪومت مخالف پارٽين پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. ڊاڪٽر ربنواز کي ياد هيو تہ ڪيئن نہ ان حافظ کي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ موڪلي ڪراچي گهرائي ايئرپورٽ تي وڏن ليڊرن پاڪر پائي سندس استقبال ڪيو هيو.

ڊاڪٽر ربنواز سوچيندو ويو ۽ ماضي ڪنهن اڳتي وڏي ويل بادل جيان واپس موٽي هن مٿان يادگيرين جي برسات پئي ڪئي. ماضيءَ جي وسندڙ هر بوند ۾ هن جي محبوبه جو چهرو هيو ۽ ايڏا چهرا هيا جو هن جو وجود انهن وسندڙ چهرن جي وچ ۾ پنهنجي هستي وڃائي انهن جهڙو ٿي چڪو هيو. هن جي تصور ۾ هڪ اهڙو جوان چهرو هيو جيڪو هن جي اکين کان ڪڏهن الڳ نه ٿيو هيو. هو ان چهري تي جيئن سوچيندو ويو، اهوتيئن جيئرو ٿيندو ويو. ان ڄميل چهري پنهنجيون اکيون ڇنڀيون ۽ مرڪي پيو. ان جي سهڻن ڳلن تي جوانيءَ جي سرخي جاڳي ۽ وڏا وار ڪارن ڪڪرن جيان اڏامڻ لڳا.

هن تصور ۾ ڏٺو ميڊيڪل ڪاليج جي وسيع آڊيٽوريم اندر سوين شاگردن جي وچ ۾ هوءَ انتهائي خوش آهي ۽ مرڪي هن ڏانهن نهاري رهي آهي. نيئن چونڊيل يونين جي قسم کڻائڻ واري رسم دوران هڪ وڏي جوش ۽ گوڙ وارو ماحول آهي. هال ۾ هيٺ ۽ مٿي گيلرين ۾ ستيل شاگرد ۽ شاگردياڻيون وڏي آواز ۾ نعري بازي ڪري رهيا آهن. هر طرف سنڌ ۽ سنڌ جا نعرا آهن. ايئن پيو محسوس ٿئي جڻ سنڌ ڪجھ ئي گهڙين ۾ آزاد ٿي ويندي. مهمان خاص طور ويٺل صحت کاتي جو ٽڙهو سيڪريٽري پريشانيءَ جي حالت ۾ ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي نهاري رهيو آهي. اسٽيج تي ايناٽاميءَ جو پروفيسر چوڌري يونين جي هر عهديدار کي واري سان قسم کڻائي رهيو آهي ۽ هر عهديدار جي قسم کڻڻ کان پوءِ شاگرد هڪ نئين جوش ۽ جذبي سان تاڙيون وڄائي نعري بازي ڪري رهيا آهن. ربنواز پنهنجي واري اچڻ تي هڪ نئين ڍنگ سان قسم کنيو آهي. هن پنهنجي نيري ڪوٽ جي کيسي مان شعر جي صورت ۾ لکيل هڪ قسم نامي کي ڪڍي پڙهڻ روع ڪيو آهي :

مون کي قسم آهي ڪارونجهر جي ڪور جو.

۽ آزاديءَ لاءِ اٿندڙ هن شور جو.

ربنواز پڙهڻ شروع ڪيو آهي، هن جي آواز جي گونج تي شاگرد سڄي هال ايا ٿي بيهي رهيا آهن. نعرن جو هڪ طوفان آهي، جيڪو هال ۾ واچوڙن جيان ڦري رهيو آهي. تاڙين جي آوازن تي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي رهيا آهن. جوش مان نعرا هڻندي هڪ شاگرد گيلري مان هيٺ ويٺلن مٿان ڪري پيو آهي. هن کي ڪي خاص ڌڪ نه لڳا آهن ۽ هن جوش مان ٿي هڪ دفعو وري نعرا هڻڻ شروع ڪيا آهن. مٿان گئلريءَ مان ڪنهن شرارتي شاگرد ڪيلي جي کل هيٺ ويٺل پوڙهي سيڪريٽريءَ جي مٿي تي اڇلائي آهي، ڪاوڙ ۾ سيڪريٽري نوڙ ڇنڊيندو ٻاهر نڪري ويو آهي. ڪاليج جو پرنسپال ۽ پروفيسر پريشانيءَ جي حالت ۾ هن پويان هال مان ٻاهر نڪتا آهن. ڊاڪٽر ربنواز جي قسم کڻڻ وقت هڪ افراتفريءَ جو عالم آهي. هي جي شاعريءَ ۾ ڪنيل قسم نامي جي هر سٽ تي شاگرد اڳيان پيل بنچن کي هٿن سان ڌڪ هڻي سيٽيون وڄائي رهيا آهن ۽ پوءِ قسم کڻائڻ واري رسم پڄاڻيءَ تي اهو طوفان جهڪو ٿيو.

ٻئي ڏينهن ڪاليج پرسان نهيل سرڪٽ هائوس ۾ وزيراعظم هڪ ميٽنگ دوران پنهنجي ٻنهي هٿن جون آڱريون کولي هڪ پونڊبو ٻي آءِ جي ۽ ٻيو پونڊبو ٻي سيءَ کي گهروڙي منهن ۾ ڏنو آهي.

ڪاليج ۾ گرفتاريون شروع ٿي ويون آهن. رات جو ٽين وڳي پوليس هاسٽلل جو گهيرو ڪري جهڙتي وٺڻ شروع ڪئي آهي. ستن شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جن ۾ ربنواز به شامل آهي. هن کي پندرهن ڏينهن لاءِ لاڪپ ڪري مٿس معافي نامي لاءِ زور پريو ويو آهي. هن معافي نامي تي صحيح ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو آهي. انتظاميه آخر مجبور ٿي ٻين شاگردن سان گڏ هن کي لاڙڪاڻي نيڪالي ڏئي زوريءَ مائگريشن سرٽيفڪيٽ هٿ ۾ ڏئي ڄامشوري جي ميڊيڪل ڪاليج ڏانهن اماڻيو آهي. مائگريشن سرٽيفڪيٽ هٿ ۾ وٺندي ربنواز محسوس ڪيو ڄڻ هو به اڏ ٿي ويو هجي.

لاڙڪاڻي ۾ ريلوي اسٽيشن جي ريسٽورينٽ ۾ هن اڳيان سندس محبوبه اکيون هيٺ ڪري ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل آهي. هن نيڻ مٿي ڪري ڏٺو سندس اکيون پاڻيءَ سان پرجي ويون آهن. ربنواز کي محسوس ٿيو ڄڻ سندس من موهن جو دڙو پويان ڳاڙهي سج جيان ٻڏي ويو هجي.

”مان واپس ايندس،“ ربنواز هلڪي لهجي ۾ چيو. وقت سدائين ساڳيو نه رهندو آهي، منهنجو وقت اڇٽو آهي.“

سندس محبوب جي جهڪيل ڇهري تي دريءَ مان پوندڙ روشنيءَ ۾ ڳلن تي ڳوڙهن جي آلاڻ چمڪي رهي هئي.

”ربنواز اڪيلو نه وڃ......مان توسان ساڻ هلنديس.“ سندس محبوبه التجا ڀريل آواز ۾ چيو.

ربنواز سيني اندر سور جي هلڪي سٽ محسوس ڪئي.

”نه.“ هن چيو. ”تون ته منهنجي دل اندر هڪ ٻي ننڍڙي دل جيان ڌڙڪندي رهندينءَ....تون ته مون کي جيئرو رکندينءَ.“

سندس محبوبه جي نڙيءَ ۾ آواز ڦاسي پيو آهي.

”ربنواز ٻڌاءِ.“ هن گهٽيل آواز ۾ چيو“ تنهنجي منهنجي ميلاپ جي گهڙي ڪڏهن ايندي، ساوڻ ڪڏهن ورندو، مور ڪڏهن نچندا؟“

”وڇوڙو ته نانءَ ئي وري ملڻ جو آهي. اهڙو بهار ضرور ايندو جڏهن رَتُ جا ڳاڙها گل ٽڙندا ۽ ڳوڙهن جا پکي وڻجارا ورندا ۽ ميلاپ جا گيت ڳائيندا.“

سندس ڳالهين تي سندس محبوبه جي دل اطمينان محسوس ڪيو ۽ هوءَ اکين جا ڳوڙها اگهي منهن مٿي ڪري سڏي ٿي ويني.

”وڇوڙو ڇا مارينڊو پياري!“ ربنواز درد گاڏڙ اعتماد سان چيو. ”تون مون ۾ جيئري آهين ۽ مان تو ۾ جيئرو رهندس.“

سندس محبوبہ جي مک تي مرڪ وري آئي. هو سندس هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي پيار ڀريل نظرن سان ڏسي ٿو ۽ ڏسندو رهي ٿو – هڪ اداس مرڪندڙ جوان چهرو جنهن جي خماريل اکين ۾ گلابي ڏورا آهن. جنهن جا سنها پياسا چپ مرڪندي خوبصورت ٿي چڪا هئا. جنهن جي چهري تي ڳوڙهن جي آلاڻ اجا بہ اميد جي ڪرڻن جيان جرڪي رهي هئي.

ڊاڪٽر ربنواز محسوس ڪيو سندس آئيني اڳيان بيٺل وجود جنهن جي چپن تي مرڪ هئي ۽ اکين ۾ ڳوڙهن جي آلاڻ، ماضيءَ جي انهن مينهن جي بوندن جيان چمڪي رهي هئي جيڪا پنجويهہ سالن جي عرصي دوران ڪڏهن نہ شڪي، هو اڳتي وڌي ڪتابن جي شيلف وٽ آيو تہ سنس ان عرصي دوران لکيل ڪهاڻين جا مجموعا هن سان هم ڪلام ٿيا. هن هٿ وڌائي پنهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ٻاهر ڪڍي ڏٺو. ڪتاب جو ڪانئس ٽائٽل کولي پهرين پني تي نظر وڌي ”سن 1976ع“. هن پڙهيو ۽ ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو.

وڇوڙي جي ڏانهن ۾ ڄامشوري کان واپسيءَ وقت سکر ۾ ٿيل ملاقات دوران هن جي محبوبہ جي هٿن ۾ سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو هيو.

فاصلن جي دوريءَ هنن کي هڪ ٻئي کان گهڻو پري ڪري ڇڏيو هو. سندن ملاقاتن جا سلسلا دل جي مرض ۾ مبتلا مرندڙ ان شخص جي ڪارڊيوگرام جهڙا ٿي ويا جنهن ۾ هڪ سنئين ليڪ کان پوءِ دل جي لڳندڙ ڪنهن جهٽڪي سان زندگيءَ جي ور وڪڙ ڏنگائيءَ جو احساس ٿيندو آهي. ڄامشورو سخت پٿرن جو ديس، جتي درد جون تيز هوائون ڳوڙها خشڪ ڪيو ڇڏين. الطبري هاسٽل ۾ هن جو جسم رهندو هيو ۽ روح لاڙڪاڻي جي گهاٽيل ماحول ۾ ساهہ کڻندو هيو. لاڙڪاڻي ريلوي اسٽيشن تي الوداع ڪندڙ هڪ چهرو جيڪو ريل جي رفتار سان پوئتي ٿيندو ڌُنڌلايل اکين کان اوجهل ٿي ويو. سو هن جي من ۾ هميشہ موجود رهيو. وڇوڙي جي ڏينهن جي اس تيز ۽ رات وڌيڪ ڪاري هوندي آهي. ربنواز چانڊوڪي راتين ۾ گهميو تہ چنڊ ڪنهن ياد جيان هن سان گڏ هلندو رهيو. اڪيلي ڪمي ۾ ڏٺل ڪنهن خواب ڪانپوءِ هن جو ڏينهن سنو گذريو. اڪيلائيءَ جا اداس ڏينهن ڪيڏا نہ منجهيل ۽ سست رفتر هوندا آهن. اهو احساس ربنواز کي ڄامشوري جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٿيو ۽ جڏهن گهيون راتيون تمام ڊگهيون ٿي ويون. تڏهن وڇوڙي جون وٿيون اوندهہ جي انبار سان ڀرجي ويون.

هن وٽ خط پهريون تيزيءَ سان ايندا رهيا ۽ پوءِ خطن جي موٽ جو سلسلو آهستي ٿي مرندڙ ماڻهوءَ جي دل جيان آخري ڌڪ هڻي ختم ٿي ويو.

آخري سال جا امتحان قيامت جي سج جيان ڏيڍ وال جي نيزي تي لٿل هيا ۽ هو پڙهائيءَ ۾ مشغول هيو. هن جڏهن بہ ڪتاب کوليو تڏهن اتي سندس محبوبہ جي چهري کان سواءِ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. سڀ رابطا ٽٽي چڪا هيا ۽ هن هڪ ڏينهن ڪتابن کي بند ڪري لاڙڪاڻي جو رخ ڪيو – لاڙڪاڻو جتي هن جو بندش پيل وجود پهچي پاڻ تي پيل سڀ ڄار ڇني ڦٽا ڪيا.

هو جڏهن اتي پهتو تہ ڏينهن جا ٻارنهن ٿي رهيا هيا. هڪ ڊگهي رستي جي ڊوڙ سندس وڪريل وارن ۾ ماضيءَ جي ڪيل ڪنهن گناهہ جيان موجود هئي. اڻ ڊوتل منهن تي وڌيل ڏاڙهيءَ جا وار جن هن کي ٿوهر ٻڻائي ڇڏيو هو. ميرن گهنجيل ڪپڙن ۽ هٿ ۾ جهليل بريف ڪيس سان جڏهن هو ڪاليج ۾ پهتو تڏهن سندس محبوبہ ڪجهہ ساهيڙين سان لائبريريءَ مان نڪري روڊ تي اچي رهي هئي. هن کي ڏسڻ سان هن محسوس ڪيو ڄڻ سندس اکين ۾ اپامندڙ پاٽيءَ ڪير بيٺل وٽن جا پن ناسي ٿي ويا آهن. هوءَ سري هن وٽ آئي ۽ پوءِ هو ٻئي پاسو وٺي ان آڊيٽوريم جي آخري بينچن مان هڪڙيءَ تي اچي ويٺا. جتي هن ڪڏهن يونين جي عهديدار جو قسم کنيو هو. هن ڏٺو سندس محبوبہ جون اکيون ڪنهن پڇتاءَ کان مسلسل هيٺ جهڪيل هيون.

”ڇا ڳالهہ آهي؟......خطن جي جوابن کان بہ وياسين؟“ ربنواز اهڙي لهجي ۾ چيو جنهن ۾ شڪايت جو عنصر شامل هيو.

هوءَ ڪجهہ دير چپ ويٺي رهي ۽ پوءِ جڏهن هن منهن مٿي ڪيو تڏهن سندس اکين اندر ڳوڙهن ۾ هن پنهنجو چهرو ترندو محسوس ڪيو.

”ربنواز مون کي معاف ڪر.“ هن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو. ”مان توسان وفا ڪري نہ سگهيس.“ پوءِ هوءَ سڏڪي پئي. هن پلاند سان ڳوڙها اگهيا ۽ وري ڳالهايائين تہ سندس آواز ڪنهن سڏڪي جيان هن جي نڙيءَ مان نڪتو. ”شايد قدرت کي اسان جو ميلاپ منظور نہ آهي.“

خالي آڊيٽوريم جي پٺين ۽ مٿي گئلريءَ ڏانهن نهاريو. هن محسوس ڪيو تہ سوين هٿن جي تاڙين جا آواز سندن ڪنن ۾ گونجي رهيا هجن ۽ آوازن جو اهو طوفان هڪ واچوڙي جيان خالي آڊيٽوريم جي بئنچن مٿان گول ڦرندو دروازن کان ٻاهر نڪري ويو هجي.

”اهي وعدا.........اهي اقرار؟.........آخر ڇا ڳالهہ آهي؟ ايڏي تبديليءَ جو جواز.....ڪو ڪارڻ؟“ هن چيو ۽ پوءِ هو سوالي نظرن سان هن ڏانهن ڏسڻ لڳو.

مون معاشري کان ڏهٽي بغاوت ڪئي......ربنواز. شايد توکي خبر نہ هجي، نون هڪ دفعو آپگهات جي ڪوشش بہ ڪئي پر منهنجي مائٽن کي تون ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول نہ آهين.“

ربنواز جي منهن تي ڪاوڙ جون هلڪيون ريکائون ابري آيون.

”ڇو آخر ڇو انهن لاءِ مان قابل قبول نہ آهيان؟ مون سرڪار ۽ معاشري جو آخر ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جنهن جي مون کي اهڙي ڪڙي سزا ڏني ٿي وڃي؟“

سندس محبوبہ نسورو روئي ڏنو.

ربنواز هي معاشرو توکي دهريو بدمعاش ۽ غنڊو سمجهي ٿو. “ هن سڏڪن ۾ چيو ”پر ربنواز منهنجي من ۾ تنهنجي تصوير اڄ بہ ڪنهن مندر ۾ رکيل مورت جيان آهي جيڪا هميشہ عبادت لائق رهندي ۽ پوءِ هو ڪجهہ دير خاموش ٿي ويا.“

ربنواز جون اکيون آڊيٽوريم جي اسٽيج ڏانهن کڄي ويون. هن محسوس ڪيو تہ هو ڪنهن شعر جي صورت ۾ ڪجهہ پڙهي رهيو آهي ۽ هر شخص هن مٿان پٿرن جي بارش ڪري رهيو آهي.

ربنواز جو جسم زخمي ٿي ويو. ڪيس پنهنجي وجود مان وهندڙ پگهر رت جيان ريڳاڙيون ڪندي محسوس ٿيو. هڪ پڇتاءُ ۽ بدگمانيءَ جو احساس سندس من ۾ وري آيو.

ربنواز جو من ڏرا ڏئي پڇي پيو هو. هن پاڻ کي گنهگارن جي قبيلي جو سردار محسوس ڪيو. سندس اکين آڏو هرشئي ڳوڙهن پويان ڏنڌلي ٿي وئي. ”مان دهريو ۽ لادين شايد تنهنجي قابل نه آهيان. تنهنجا مائٽ توکي نيڪ چئي رهيا آهن. مون کي معاشرو پلي بدمعاش ۽ غنڊو ڪوٺي، پر مان اهڙو ڪو به قدم نه کڻندس جنهن سان تنهنجي بدنامي ۽ تنهنجي مائٽن کي ڪو ڏک پهچي. مون توکي پيار ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس.“ ربنواز چيو ۽ پوءِ هو بريف ڪيس کڻي تيزيءَ سان آڊيٽوريم جي در مان ٻاهر نڪري ويو. سندس پويان هوءَ اڪيلي ڪجهه دير اتي ويهي سڏڪندي رهي.

ڊاڪٽر ربنواز کي اها رات ياد هئي. جڏهن ٻئي ڏينهن شام جو هو ڄامشوري پهتو هيو ۽ چانڊوڪيءَ رات ۾ چنڊ کي پٺي ڏئي هڪ پٿر تي اداس ويٺو هيو ته سندس پاڇي ۾ هڪ وڇون پڇ مٿي ڪري پريشانيءَ مان ڦيرا پائي رهيو هو. ربنواز پٺ ورائي چنڊ کي ڏٺو. يارهينءَ جو چنڊ ڪناري وٽان هن جي دل جيان پگهل هيو ۽ پوءِ هن محسوس ڪيو هيو چنڊ هن جي اکين ۾ هميشه لاءِ قيد ٿي ويو – هڪ مرڪندڙ خوبصورت جوان چهرو جنهن تي واپسيءَ جي اميد جون ريکائون چمڪندڙ هجن. اهو چهرو ربنواز جي دل تي نقش ٿي ويو. ۽ ان چهري جي سهاري هن پنهنجي زندگي گذري ڇڏي. هو ٻئي پوءِ ڪڏهن نه مليا. هن کي اهو چهرو ڏسڻ وري ڪڏهن نصيب نه ٿيو.

آخري سال جي امتحان ۾ ربنواز ٻن مضمونن ۾ فيل ٿي پيو. هن سپليمنٽري امتحان ۾ اهي مضمون پاس ڪري اتي ئي هڪ سال لاءِ هائوس جاب ڪيو.

سرڪاري نوڪريءَ دوران هن ڊيپوٽيشن وٺي بيسڪ ميڊيڪل سائنسز جي پٿالاجسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ورتي. بيسڪ ميڊيڪل سائنسز ۾ مائڪرو اسڪوپي ڪندي هو سکر کان آيل ڪنهن دوست سان ڳالهين دوران هن کي خبر پئي ته سندس محبوبه جي شادي ڪجهه عرصو پهريون هڪ سيني جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر سان ٿي وئي آهي. ۽ هوءَ اڄڪلهه ليبيا ۾ آهي. ڳالهه ٻڌي سندس هوش اڏامي ويا. هٿ ۾ جهليل پين ڏڪڻ لڳس ۽ نظر ايندڙ سلائيڊ جو نقشو ڪينسر جي بيماريءَ ۾ تبديل ٿي ويس. ان ڏينهن هن سڀ رپورٽون غلط ناهيون. جڏهن رپورٽون کڻي ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر کان تصديق لاءِ سندس آفيس ۾ ويو. تڏهن هن ڪيس چڱي خاصي ڇڙٻ ڏني. ڪجهه دير کان پوءِ هو ان ٻڌل واقعي کي وساري مائڪرو اسڪوپ ۾ سلائيڊون ٻيهر غور سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پر ڏک ۽ پيڙا جي اولڙن کان سواءِ ڪيس ڪجهه نظر نٿي آيو. هن جي اکين مان ڪرندڙ ڳوڙها ڪينسر جي ڳوڙهن ۾ تبديل ٿي رهيا هيا. هن جو ذهن مائوف ٿي چڪو هيو. پوءِ هو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڊپارٽمينٽ کان ٻاهر نڪري ويو هيو.

هن ڪان وڇڙي پنجويهن سالن جو عرصو ريل جي هلڻ سان اٿندڙ ڌوڙ جي طوفان ۾ جسمن جي وڇوٽيءَ کي تہ وڌائي ويو پر روحن کي نہ. ربنواز محسوس ڪيو تہ هن جي جسم ۾ هن جي محبوبہ جو روح آهي. هو تہ ڪڏهن جو مري ويو هيو. پر هاڻي هو ڪڏهن بہ مرڻو ناهي.

اڄ هو شهر جي اسپتال ۾ هڪ ناليوارو پيٿالاجسٽ آهي. وقت کيس دولت ۽ شهرت عطا ڪئي آهي. ان عرصي دوران سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا ۽ شاعريءَ جو هڪ ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ هن من ۾ رهندڙ محبوبہ جي چهري کي ڪاغذن تي منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. وقت هن کي ڪڏهن بہ پوڙهو نہ ڪيو. هن ڪان وڇڙي سندس ڇمار ڇڻ پنجويهن سالن تي رڪجي وئي. هو هڪ فنا ٿيل، مٿل ماڻهو هيو. جنهن جي اندر هڪ جوان خوبصورت عور جي روح جي حڪمراني هئي.

هڪ دفعي ايڊز پروگرام پاران ڪرايل ورڪشاپ تي جڏهن هو سکر ڪان ڪراچي ڏانهن روانو ٿي رهيو هيو تڏهن ريلوي اسٽيشن تي سندس ويجهو دوست ڊاڪٽر آصف کيس الوداع ڪرڻ لاءِ ساڻ هيو. هو ريل جي دٻي ۾ سوار ٿي رهيو هو تڏهن اڃن وارن واري دوست مذاق طور چيو "ربنواز، آخر تون پنهنجي جوانيءَ جو راز مون کي نہ ٻڌايو." ڊاڪٽر ربنواز هميشہ جيان ٺهڪ ڏئي کلي پيو.

"وعدو آهي، واپسيءَ تي توکي ضرور ٻڌائيندس، " هن چيو ۽ گاڏي هلي پئي.

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر ربنواز صبح سان ٺهي سنبري سروسز اسپتال پهتو تہ ورڪشاپ شروع ٿيڻ ۾ اڃا ڪجهہ دير هئي. اٺ ڏهہ ماڻهو هڪ ڊگهي ٽيبل جي چوڌاري ڪرسين تي ويٺا هيا. هو سيني سان هٿ ملائيندو پنهنجي هڪ واقفڪار ڊاڪٽر رفيق جي پرسان ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. ٿوري دير ۾ ڪجهہ ٻيا مهمان، جن ۾ عورتون بہ شامل هيون، اتي اچي ويٺا. ورڪشاپ شروع ٿي ۽ ڊاڪٽر شاهہ ڪجهہ ڪتاب ۽ پمفليٽ مهمانن ۾ ورهايا. هڪ غير ملڪي ايڊز جو ماهر سامهون بيهي دنيا ۾ ان جي موجودگيءَ جا انگ اکر ٻڌائي رهيو هيو. ڪجهہ وڏيل عمر جون عورتون ڊاڪٽر ربنواز جي سامهون رکيل ٽيبل جي پريان ڏسي ڪنڌ لوڏي رهيو هيون. اوچتو سندس پر ۾ ويٺل دوست ڊاڪٽر رفيق کيس هلڪو ڪلهو هڻندي آهستي ڳالهائيندي چيو "ربنواز سامهو ويٺل عورت کي سڃاڻين ٿو؟"

هن جي ڳالهہ تي ربنواز غير ملڪي ماهر مان اکيون هٽائي سامهون نهاريو. اتي ويٺل عورتن ۾ هن کي ڪو بہ سڃاتل چهرو نظر نہ آيو.

"نہ." هن چيو "مون کي تہ ڪا بہ واقفڪار عورت نظر نٿي اچي.

"هوءَ جيڪا ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ويٺي آهي،" ڊاڪٽر رفيق چيو.

هن هڪ دفعو وري غور سان اوڏانهن ڏٺو. سندس حيرت جي انتها نہ رهي. وقت جي رفتار زوڪٽ ڪندي سندس اکين اڳيان لنگهي وئي. هن جي سامهون هڪ اڌڙ وٹ عورت هئي، جنهن جي وارن ۾ اڇيون چڳون نظر اچي رهيون هيون. ان جو چهرو ماڪيءَ جي ماناري جيان هيٺ لڙڪيل هيو. وقت جي ڌوڙ ان چهري جي چمڪ کي ڍڪي ڏنڌلو ڪري ڇڏيو هيو. ذرا ڏئي ويل اکيون قبر

جهڙن ڪارن نشانن ۾ دفن ٿي چڪيون هيون. هن جا ڳل اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جيان لڙڪي بيهي رهيا هيا. سندس چپن جون هيٺ ڪيل ڪندون جڻ ويل وقت تي روئي رهيون هيون. اها ئي سندس وڇڙي ويل محبوبه هئي. جنهن کي وقت پنهنجي مُٺ ۾ پڪوڙي بگاڙي ڇڏيو هيو. هن ڏٺو اهو ساڳيو ئي چهرو تبديل ٿي چڪو هيو.

ڊاڪٽر ربنواز محسوس ڪيو ته سندس اکين ۾ قاتل ٻوڏ اتي موجود چهري کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو هجي. سندس اکين ٻرندڙ جبل جيان ڦاٽي ان چهري کي ڇڪنا چور ڪري ڇڏيو هجي. هن جي چهري مان ڪنهن پگهل چهري جا ذرڙا اڏامي ٻاهر وڃي ڪريا هجن.

ڪجھ ڏينهن ۾ ورڪشاپ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جڏهن هو سکر پهتو ته ڏاڍو ٿڪل هيو. سول اسپتال جي ليبارٽريءَ ۾ جڏهن هو مائڪرو اسڪوپيءَ ۾ مشغول هيو ته ڊاڪٽر آصف هن وٽ آيو. ڊاڪٽر آصف کي ڏسي هن پنهنجو چهرو هيٺ ڪري مائڪرو اسڪوپ پويان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر آصف محسوس ڪري ورتو ته هو لنوائي رهيو آهي. هن غور سان سندس چهري کي چتايو. هن ڏٺو ڊاڪٽر ربنواز جو چهرو ميڻ جيان رجي هيٺ لهي آيو هيو. هن جا وار اڇين چڳن ۾ تبديل ٿي چڪا هيا. کيون ڏرا ڏئي ويون هيون ۽ وات جي ڪنارن وٽان چپن جون ڪندون ائين هيٺ لهي آيون هيون جيئن انهن ۾ چنگھ سمايل هجي.

ڊاڪٽر آصف جي حيرت جي انتها نه رهي. صدمي کان ذري گهٽ رڙ نڪري وئي هيس. هن پنهنجي وات تي هٿ ڏنو ۽ سندس اکين مر ڳوڙها پرجي آيا.

”اهو ڪيئن ممڪن آهي؟“ هن پريشانيءَ مان چيو. ٽن ڏينهن ۾ ايڏي تبديلي منهنجي مشاهدي ۾ پهيون اهڙو ڪو به واقعو نه آهي. “

هن جي ڳالهه ٻڌي ڊاڪٽر ربنواز پنهنجو گهنجيل منهن ٻئي طرف موڙي ڇڏيو.

”آخر هي ڪهڙو راز آهي؟“ ڊاڪٽر آصف چيو. ”ٻڌاءِ ربنواز. آخر هي ڪيئن ممڪن آهي؟“

”ڊاڪٽر ربنواز پنهنجو منهن ڊاڪٽر آصف ڏانهن ڪيو ۽ پوءِ هن جهيڻي آواز ۾ چيو ”ڊاڪٽر آصف منهنجو چهرو منهنجو نه آهي. منهنجو چهرو اڳ به ۽ هاڻي به منهنجي محبوبه جو چهرو آهي.

*********

# ستار پيرزادو

# ذهن ڪي ڏونڊاڙيندڙ رَڙِ

گهري ننڊ ۾ ستل هوس. ٽڪ ۽ پريشانيءَ سبب ننڊ آٽيندڙ دوا ڪائي ستو هئس. اوچتو هڪ رڙ تي جا ڪنن ۾ گونججي وئي ۽ ڇرڪ ڀري جاڳي هنڌ تي ويهي رهيس.

زميني منزل تي فليٽ، ڪل چار ڪمرا، جن مان ٻه سمهڻ لاءِ، ٽيون مهمانن جي آڌر ڀاءُ لاءِ ۽ چوٿون تي وي ڏسڻ لاءِ مخصوص ٿيل. سيئي ڪمرا هڪ ٻئي سان دروازن جي آمهون سامهون هئڻ ڪري گڏيل، سواءِ ٻاهرين دروازن جي، سڀ اندريان ڪليل. ڪمري ۾ ٻڙيءَ وارو ڪيرائون بلب ٻرڻ ڪري ايتري روشني هئي جو اکين سڀ ڪجهه ڏٺو پئي. هڪ سمهڻ واري ڪمري ۾ بيمار گهر واري ستل. ٽي ويءَ واري ڪمري ۾ ڏيءَ ۽ مهمانن واري ڪمري ۾ پُٽُ ستل.

ننڊ بنهه اچاٽ تي وئي هئي. ان ڪر ڪٽ تان اٿيس، اول بيمار گهر واريءَ جي ڪمري ۾ ويس، هوءَ ڪونگهرا هڻي رهي هئي. مان ڪجهه وقت ماٺ ڪري هن جي مٿان بيٺو رهيس، پر هن جي جسم ۾ ڪا ٻه چُر پُر نه هئي ۽ بنا ڪنهن احساس جي ڪونگهرا هڻي رهي هئي. سمجهيم ته اها رَڙِ هن نه ڪئي آهي. سندس بيماريءَ واري حالت ڪري هن لاءِ اڪثر ڊَپُ ذهن تي سوار هوندو آهي. ان ڪري اول سندس ئي ڪمري ۾ ويو هوس. پر سڀ ڪجهه ٺيڪ ڏسي واپس وريس ۽ سڌو ڏيءَ جي ڪمري ۾ ويس.

راتيون ته سرديءَ جون هيون، سيني جي مٿان ڪمبل پيل هئا. ڏيءَ ٻه ڏنم ته بنا ڪمبل لاهڻ جي ستي پئي آهي. جوانيءَ جي ڇتي ننڊ، پڙهائيءَ تي مٿي ماري ڪرڻ، گهرو ڪم ڪار ڪرڻ، رڌ پچاءُ ۽ تيمارداري ڪرڻ کان پوءِ جو هوءَ سمهندي آهي ته ڪڏهن ته ڪيس صبح جو ٻه مان ئي اٿاريندو آهيان ته هاڻ صبح ٿي ويو آهي. اٿي ته نيرن ناهي، جيئن زندگيءَ جي ساڳئي محور تي چاڪيءَ جي اکين ٻڌل ڏاند جيان ڦيرا پائڻ ۽ گهاڻي ۾ وهڻ لاءِ جسم ڪي توانو ڪري وڃي جتجي، ڏنم ته هوءَ ٻه گهري ننڊ ۾ ستل هئي. سندس چهرو ٻه ڪمبل ۾ ويڙهيل هو. مون سندس مٿان بيهي هن ڪي سڏ ڪيو : ’بابا‘. مان اڪثر ڏيءُ ۽ پُٽَ ڪي سڏڻ مهل نالي وٺڻ ڪان سواءِ فقط ’بابا. “ سڏيندو آهيان. اها عادت تڏهن ڪان پئي هئم، جڏهن ڪان هو ٻئي ٻاراڻي وهي اُڪري، جوانيءَ واري وهيءَ ۾ پير پائي چڪا هئا. مون ڪيس ٻيهر سڏ ڪيو: ”بابا. “

ڪو ٻه جواب نه آيو. اها ئي ماٺ، اهو ئي هلڪو ڪونگهرو. هاڻ بنا ڪنهن گرم ڪپڙي جي بت تي هئڻ ڪري هلڪو سياتو محسوس ڪرڻ لڳس. ڄاتم ته اها رَڙِ هن ٻه نه ڪئي آهي، نه ته انهن ٻن سڏن تي ضرور جواب ڏئي ها.

مهمانن جي ويهڻ واري ڪمري ڪي در ڪونهي. ٽي ويءَ واري ڪمري ۽ مهمانن واري ڪمري جي وچ واري ديوار ئي ڪانهي. ان ڪري اسان هڪ وڏو ۽ ٿلهو پردو وچ ۾ ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ان ڪمري ۾ قالين وڇايل آهي. پاسي سان هڪ ديوار سان ٽن ماڻهن جي ويهڻ وارو صوفا ۽ ان جي

سامهون واري ديوار سان رکيل ٻه هڪ هڪ ماڻهوءَ جي ويهڻ وارا صوفا رکيل آهن. ٽن ماڻهن جي ويهڻ واري صوفا جي پرسان چئن پنجن فٽن وارو هڪڙو ڪاٺائون ڪليل ڪٻٽ رکيل آهي، جيڪو هيٺ کان وٺي مٿي تائين ڪتابن سان سٿيل آهي. ان ئي ڪمري ۾ هيٺ بسترو لڳائي پُٽ سمهندو آهي. نوجوان آهي، بيروزگار آهي. فقط مئٽرڪ تائين پڙهيل هئڻ ڪري نوڪري ملڻ ۾ دقت اٿس. هو دوستن سان گهمي ڦري دير سان اچي سمهندو آهي. اسان وٽ هر ڪمري ۾ هڪ گهڙيال پڻ لڳل آهي. ڏٺم ته هو به ڪمبل ۾ ويڙهيو سيڙهيو ڪونگهرا هڻي رهيو آهي. پوءِ به جهٽ پلڪ لاءِ سندس مٿان خاموشيءَ سان بيٺو رهيس پر ڪيس سڏ ڪرڻ مناسب نه ڄاتم ڇاڪاڻ جو هن جي بنا چُر پُر جي سڏو سنئون هئڻ ڪري پڪ ٿيم ته اها رڙ هن به نه ڪئي آهي.

واپس ڪمري ڏانهن آيس. ان جي باوجود جو هر ڪنهن جي ننڊ ۾ هئڻ جي پڪ هئم تڏهن به وري هر ڪمري تي آخري نگاهه اڇلايم. مٿان هاڻ ڪنهن ۾ چرپر آئي هجي. پر ڏٺم ته هر ڪو جيئن جو تيئن سنئون رهيو.

ذهن سوچڻ شروع ڪيو مون رڙ ته چٽي ٻڌي هئي. رڙ به ايڏي جو دير تائين ڪن ڏَونڌَا رهيا هئا. جي اها رڙ اسان مان ڪنهن به نه ڪئي آهي ته پوءِ اها ڪٿان ۽ ڪيئن بند دروازو اورانگهي، سڌو اچي منهنجي ڪنن سان ٽڪرائي آهي؟ ته پوءِ ٻاهران ايڏي رڙ ڪنهن ڪئي آهي. جيڪا بند ٿيل دروازا به جهلي نه سگهيا آهن؟

هنڌ تي اچي ليٽان ٿو. ڇڪي ڪمبل مٿان وجهان ٿو. پر ڇهرو اڻ ڍڪيل ئي ڇڏي ڏيان ٿو. اکيون ٻوٽي ننڊ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري رهيو آهيان، جنهن ۾ ڪامياب نه پيو ٿيان.

اجا تائين جاڳ جلائيندي رهي ٿي. ذهن انهيءَ رڙ تي سوچڻ ڪري، ننڊ کي آڏو اچڻ نٿو ڏئي. هاڻ جاڳ جي جهوريءَ سان گڏ ڪي يادگيريون ڳرُ ڪٽڻ ٿيون. ذهن جي پڙدي تي چٽائيءَ سان اخبار ۾ ڏٺل ان قيامت جي تصوير اکين اڳيان هڪ هڪ ڪئمرائي تصويرن جيان هڪ ٻئي پٺيان پر تيزيءَ سان تبديل ٿينديون ٿيون رهن. سامونڊي طوفان سمنڊ جي تري ۾ جڻ ڪنهن ٻاهه جا اهڙا مچ مچائي ڇڏيا آهن جو پاڻي ٻاڦيءَ ۾ ٽهڪڻ وٺي ان جي ڍڪ کي به اڇلائي ٻاهر نڪري ايندو آهي. هي سمنڊ آهي يا ايامنڊڙ ڳُنو نه ڪا جهل نه پل. نه ڏسُ نه پتو، ماڻهو ويچارا، هيٺا، ڪنهن نه وهيٽا، ٻاچ، دانهون، ڪوڪون، رڙيون، ڪيهون، سر بچاءَ ۾ ڪيترن کان ٻچا به وسري ويا. پاڻي، اجهل سامونڊي پاڻي، جيڪو اجگر جيڏا ٻيڙا به اٿلائي پٿلائي ڇڏيندو آهي. ان جي آڏو جهوپا، ڪکاوان، ڪنڌيون، ڪچا گهر، اڌ پڪا گهر، مال متاع، سڀ جي مٿان پاڻي ڦرندو ۽ جهڳا جهڻ ڪندو ٿي ويو. ڪيترن جون ٻوڙون، پوڙها، پوڙهيون، ٻار، ٻارڙيون ڪٿي ٿيون پاڻيءَ کان اڳ ڪيڏي سگهجن. ڪي لڙهي ويا. مال، ملڪيتون، بچت سچت، الهه تلهه سڀ ناس ٿي ويو.

پر ان طوفان کي آئي وئي به ٿي ورهيه لنگهي ويا هئا. انهن ماڻهن جي رڙ نه ته رانيات، هاڻ اڄ رات، منهنجي ڪنن ۾ ڪيئن آيا آهن؟ نه — نه ائين نٿو ٿي سگهي؟ ٻيو ڪجهه ٿيو هوندو. نه ته ايترن ورهين پڄاڻان اها هڪڙي رڙ ڪيئن مون تائين پهچي ها. تڏهن ته ڪا نه پهتي هئي. فقط اخباري

تصويرون ۽ ٽي وي فلمن ذريعي ئي اها قيامت جهڙي حالت ڏسي، پيرن کان چوٽيءَ تائين ڏڏي ويو هوس. ڪيترو تعداد ماڻهن جي موت جو اخبار لکيو هو؟ هر ڪنهن پنهنجي خابروءَ جي چوڻ مطابق ئي لکيو هوندو. اصل ڪيترو هوندو؟ مان ڪڏهن به ان متاثر علائقي ۾ ويو ڪونه هوس. پوءِ بين جي ڏسيل انگن اکرن تي پاڙڻو پيو. شايد مان به گيدي آهيان. ڊڄڻو آهيان. حقيقت ڏسڻ بجاءِ، پري هڪ ڪمري ۾ ويهي اندازو لڳائي، مطمئن ٿي ويهي رهيس. پر منهنجي هٿ ۾ به ڇا هو ۽ ڇا آهي؟ امداد هلي آئي به يا نه؟ ماڻهن کي ملي به يا نه؟ ڪنهن جي ڪنهن جي گهر ۾ پهتي؟ ڪتي ۽ ڪيئن ڪيترن حصن پتين ۾ ورهائجي وئي؟ ڪير پچي؟ ڪنهن کان پڇي؟ مان به ڏوهي، هر پڙندڙ ۽ پڙهندڙ به ڏوهي.

پر اهي خيال منهنجي ذهن کي اڄ،هن ويل، اويلي ويل ڇو اچي پريشان ڪرڻ لڳا آهن. منهنجو سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح ته ان واقعي، سانحي سان لاڳاپو نه هو. بس سنڌ واسي، لاڙي ماڻهو ابوجهه _ اَجاڻ، غريب ماڻهو ضرور هئا. منهنجو هنن سان سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح واسطو ضرور هو ۽ آهي. پر اها رڙهن ويل ڪٿان آئي آهي؟ ڪنهن ڪئي آهي؟ ڪٿي ڪرٽ اُڙهو آهي؟ ڪٿي گهاٽو پيڙيو آهي؟ ڪٿي سوري سجائي وئي آهي؟ ڪٿي ڪنڌ ڪپيو ويو آهي؟ ڪٿي؟ ڪٿي؟

تصوير ڦري وئي، رِيلُ اڳتي رڙهي ويو. ڪلاشنڪوف جو برسٽ هليو چار ماڻهو ٿڏي تي ڍير ٿي ويا، هلندڙ ڦرندڙ ڏينهن ڏٺي جو ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. دڪان بند ٿي ويا. گاڏيون، جا جتي سا تتي ;بيهي ويون. ڪي ڪريا، ڪي لتاڙيا رهيا، ڦٿبا رهيا، ڪجهه ڪيهون، ڪوڪرا، دانهون رڙيون.

انهن رڙين مان ڪا رڙ ٿي سگهي ٿي. پر انهيءَ ڪهاڻيءَ کي به ورهيه ٿيا، ته پوءِ اها رڙ اڄ، هن ويل منهنجي ڪن ڪيئن پيئي؟ منهنجي ننڊ ڪيئن خراب ڪيائين؟ ڇو؟ ڇو؟ ڇا اهي رڙيون فضا ۾ گونجنديون ٿيون رهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن جي ڪنن ۾ پڙاڏو بڻجي ٻُرن ٿيون. اڄ منهنجو وارو هو ڇا؟ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مان هنن کي جهلي پلي ته نه ٿو سگهان. ها، هنن کان نفرت منهنجي اندر ۾ هر وقت ڪاٽ هٽندي رهندي آهي. ۽ ڪجهه آفيسي دوستن ۾ اظهار جي ويندي آهي. ڪيترائي مون سان متفق هوندا آهن. ڪي ماٺ رهندا آهن، ان ماٺ مان ڪهڙي معنيٰ وٺي سگهجي ٿي؟

تصوير ڦري وئي. ٻوٿاڙا ٻڌل، صرف اکيون کليل. هٿن ۾ ڪلاشنڪوف. مري ويل ماڻهن تي تيلي ٻاري باهه پڙڪائي، انهن جي چوڦير جهمريون هڻي ۽ رڙيون ڪري هوڪرا، ڪوڪرا، هنبوڇيون، نعرا نعرا : ”جيئي، جيئي، ڪير جيئي !“ انسانيت تڙپي، لڇي، ڦٿڪي، ذليل ٿئي، شهيد ٿئي، پوءِ ڪير جيئي ڪيئن جيئي ۽ ڇو جيئي؟ آخر ڪار به ڇو؟ ڇو؟

پر ان واقعي کي به روهيه ٿيا. ڇا فضا مان آواز ختم نه ٿا ٿين؟ انهن مقتول ماڻهن جي پهرين ۽ زندگيءَ جي آخري رڙ مون تائين هاڻ پڳي آهي. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. مون کي ياد آهي، مان ان واقعي ويل اها خبر اخبار ۾ پڙهي ڪيئن نه پريشان ٿيو هوس. انسان، خدا جو جلوو الله جومظهر، هن جي ائين ۽ اهڙي نموني ٻئي انسان هٿان تذليل، ڇا قهار واري جبلت انسان تي حاوي ٿي وئي آهي،

هونئن رحم ۽ بخشش بہ تہ هن جي صفتن مان آهن. ڇو اهي انسان تي غالب نہ ٿيون ٿين؟ حرص، هوس، ڇاجي؟ ڪيتري وقت لاءِ، زندگي گهڻي آ. ’آتي هوئي اذان، جاتي هوئي نماز.‘ بس ان وقت ۾ انسان ڇا ڇا حاصل ڪرڻ گهري ٿو. ڇا هيءَ ساري ڪائنات پنهنجي هٿ وس ڪرڻ ٿو گهري؟ اهڙيون ڪوششون جن بہ اڳ ۾ ڪيون، تاريخ شاهد آهي، ڪٿي آهن؟ ڪيڏانهن ويا؟ فرعون، شداد، هٽلر، سڪندر، نانءُ وري بہ سرمد شهيد جو احترام سان ورتو ويندو آهي. هاڻ منهنجون اکيون ڪيرون ويرون ٿيڻ لڳيون. ذهن سوچي سوچي ٿڪجي پيو هو اکيون ٻوٽجڻ لڳيون. هڪ گهيرٽ آيو ئي مس هو تہ وري اها ئي رڙ ٻڌڻ ۾ آيم ۽ مان ڇرڪ ڀري اٿي پيس. پر هاڻ بنھ ڇٽي هئي ۽ منهنجي پنهنجي ڪمري مان اڀري هئي. ۽ ڪنن سان ٽڪرائجي، جسم جي نس نس کي تحرڪ ۾ آڻي ڇڏيو هئائين. منهنجو جسم ڏڪيو پئي، لونڊڙيون ڏنوي رهيون هيم. هر ڪو ستو پيو هو. هر ڪو گهور ننڊ ۾ هو. هي مون سان ڇا پيو ٿئي؟ ڇو پيو ٿئي؟ منهنجي من ۾ ڪيتريون ئي وارداتون ٿيل ۽ نقش ٿيل آهن. هو هڪ چٽ ڇڪي رهيو اٿم ڇا؟ ڪهڙي ڳالھ پريشان ڪري، ننڊ ڦٽائي، ڏيان ڇڪائي رهي آهي. ڪهڙي واردات مونسان، منهنجي ڪنهن مٽ مائٽ سان، ڪنهن اوڙي پاڙي واري سان ٿي آهي؟

ها، اها اهم ڳالھ، منهنجي ڳوٺ جي تاريخ جو ڀيريون واقعو. رشتي ۾ منهنجي مامي، ڇئن ٻارن جي ماءُ، جوان امنگ، سندس پيءُ جيڏي مڙس جو ڇڪي ڇڪي ناسور ۾ مري وڃڻ. اولاد بنھ ننڍڙو ڪا بہ ملڪيت ڪا نہ. ڀين جي سهاري، وات بند، گنگ منگ، ڇئي سگهڻ جو ساهس بہ ڪو نہ . والدين تهان ئي غريب. ان لاءِ ئي تہ ڏئي ڇڏائي هئائون. هاٽي واپس ورڻ جون واهون بہ ناهن ۽ پوءِ ڳوٺ جو هڪ نوجوان دڪاندار سان نياپا، عليڪ سليڪ. شئي شغل، پوءِ سودو پاڏو، ڪڏهن پئسو پنجڙ، پوءِ ميل ملاقاتون. وجھ وٺي شهر تائين هليو وڃڻ. جوان جسم. جوان جذبا. جسم جي جسم کي ضرورت. ڇهاءَ تي ڇاتيءَ اندر هيٺ هيٺ گهراين ۾ مڪڙين جو ڪڙي پوڻ. نيٺ پڪ پڪاٽي. نڪري پوڻ. سيني کان ننڍڙو ٻار هنج تي، ليڪا لتاڙي، رشتا ناتا، اولاد، جهوپڙيءَ جهڙو گهر، ڳوٺ، ماءُ پيءُ، پيڻ پاءُ، لڳ لاڳاپا، سڀ جذبن جي اڏمن ساڙي رک ڪري ڇڏيس ۽ هوءَ پنيءَ جي پرواھ پلي، بنا پوئتي ڏسڻ جي گم ٿي وئي. خبر تڏهن پئي، جڏهن پنيان اچي سج لڙيو شهر اوندھ ۾ ٻڏڻ لڳو. هِن پڇيو هُن پڇيو ”اڙي ڪيڏانهن وئي؟“

”شهر ٻار کي وٺي وئي هوندي“

ڇئون، پڇئون، پڇا ڳاڇا، ڏسُ پتو ڪا بہ ڪل ڪانہ.

ٻئي طرف دڪاندار جي ڳولا، ”ڪيڏانهن ويو؟“

”سودو وٺڻ.“

”ايڏي دير تہ نہ لائيندو آهي.“

”ڪجھ تي پيس ڇا؟“

”ڪهڙي ڪل.“

هڪ عرصي کان پوءِ وري واپس وري، ان پڪ تي ته ڪجهه به نه چيو ويندو. ماءُ وٺ رهيل. ٻارڙو ساڻ، هر ڪنهن جي بوڇار برداشت ڪرڻ. ڪنهن جي سوال جو ڪو به جواب نه ڏيڻ. ”اڙي مائي، چئن ٻارن جي ماءُ، اها ئي ڪم ذات.“

”ها، ادي ڪير لنگهي ٿي بيهي، تنهن کي ڪير پلي.“

”توبهه، توبهه، شل نه ائين ڪنهن سان ٿئي.“

۽ هڪ رات، آڌيءَ رات، هن جو سؤٽ، هٿ ۾ بندوق، هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي. ايلاز ”ڀلا هن ٻار کي پاسي ڪريان.“

”دير نه ڪر.“

ٺڪاءُ.

۽ پوءِ رڙ.

رت ريلا ڪري اڙهو. هر ڪو جاڳي پيو. پر وحشت جي ڇنبي ۾ ورتل جي آڏو ڪير اچي؟ هر ڪنهن کي پنهنجو جيءُ مٺو. جو ٿيڻ نه کپندو هو سو ته ٿي گذريو مئي کي ساهه ته ڪو وجهي نه ٿو سگهي. هُلُ،هنگامو، خون خون، دانهون، ڪوڪون، رڙيون پاراتا، ٻاڏائون ڪجهه به وس نه. ڪو به اونائڻ وارو نه.

”چڱو ٿيو دير ٿي پر درست ٿيو.“

”ڪني آڳر وڍي ڇڏي.“

”اڙي هن جا ننڍڙا ٻچڙا؟“

”اهو احساس اهڙا پير کڻڻ وقت نه پئي ٿيس.“

”ڪهڙي خاندان مان هئي، ڪميٽي، ڪم ذات، خاندان جو نڪ ڪپائي وئي، مُئي ڇڏي ! “

”جوان هئي جذبات به ڪنهن کي جهل ڏين.“

”اڙي هُن ندوري کي به شرم نه آيو.“

”هو به ڇا ڪري، جوان به هو، جذبا هن کي به ساڙڻ لڳا هوندا. واهه ملي پوي، تنهان ئي تؤ وڏي ويندو آهي.“

جيترا وات، اوتريون ڳالهيون. ماڻهن ۾ ڪو هن جا وات ڪير بند ڪري؟

ها اها رڙ ٿي سگهي ٿي. ڪيڏو افسوس ٿيو هوم، اها ڳالهه ٻڌي ڪيڏو ڪهڪاءُ آيو هوم. هن جي ٻارڙن کي ڏسي، وس ۾ ڇا هوم؟ بس ذهن ۾ اهڙي عمل لاءِ نفرت. سچ ڇئجي. ڪيئن ڇئجي؟ ڪنهن کي ڇئجي؟ نيڪي ته اصل کان بديءَ جي لبادي ۾ لڪندي وتي. بدي نيڪيءَ جي لبادي ۾ موجون ماڻيندي وتي. انهيءَ ڪري ئي ماڻهو سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪرڻ وساري ويٺا آهن. مون کي به پر ڪڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي، ڏوهه هن جو هو يا ڏوهه ڏيندڙن جو هو يا ڏوهه وٺندڙن جو هو يا ڏوهه نڪاح پاڙهيندڙن جو هو يا ڏوهه ان عمل ۾ شريڪ ٿيندڙن جو هو؟ سڀ ڏوهاري، ها گنهگار. ڪنهن تي، سنگ باري ڪجي. ڀل لفظن جي ئي.

مون جڏهن اها خبر ٻڌي هئي، تڏهن پنهنجيءَ پر ۾ سيني کي هڪ جيترو ڏوهي قرار ڏنو هوم. اهو ئي سبب آهي جو هن جي زندگيءَ جي آخري رڙ جا مون ويجهائيءَ کان ته نه ٻڌي هئي. اها سفر ڪندي، مُندن ۽ فضائن سان جهيڙيندي هاڻ اچي مون تائين رسي آهي ۽ مون کي پريشان پئي ڪري، حقيقت ۾ ذهن کي جهنجهوڙي رهي آهي ته آئنده گيدي نه ٻڻج، سچ کي سچ چئي ڏج. پوءِ مچ مچي ته پل مچي.

******

# جان خاصخيلي

## مرده معاشري جي زنده تصوير

اپ تي سرٽيون لامارا ڏئي رهيون هيون. ماڻهن جون اکيون خلائن ۾ گم. جڻ تہ ڪائنات جا مڙئي رنگ اکين ۾ هارجي رهيا هئا ۽ سندن مونجهہ ۾ ڦٽڪندڙ سپنا پڙڪو ڏئي اکين اڳيان رقص ڪرڻ لڳا هئا.

سچ چميءَ جي نشان جيان مٿبو پيو وڃي. پر واري رستي تي ڊوڙندڙ ڪنهن ڪنهن گاڏيءَ جا هارن جڻ تہ جلاوطن ماءُ جي هنج تي روئندڙ ٻارڙو اکيون صدين ڪان اجاريون، هيڏي پرئي ايوان ۾ ماڻهن جا من ڦولهينديون وتن.

ضمير جي قيديءَ نالي رچايل شام، رنگين استِيج، هر ماڻهو جڻ تہ ڪنهن نئين پيغام ٻڌڻ لاءِ بي چين آهي. استيج تي ڳالهائيندڙ وڃي ٿو ماڻهن جي من جا راز کوليندو. هر تقرير ڪان پوءِ استيج سيڪريٽري لفظن ۾ رنگ پري ٻئي کي سڏي ٿو ۽ مٿي ايندڙ اعتماد سان سماج، غربت، برابري، عورت جو رتبو زندگيءَ جو وهڪرو ۽ بک تي ڳالهائي ٿو. لفظ هنن جي چپن تان ترڪندا ٿا وڃن ۽ ٻڌندڙ اتساهہ سان پنهنجي خشڪ ٿي ويل امنگن کي ريج ڏئي رهيا آ هن.

شڪستون وري ٿيون فتح ڏانهن وڌن. فاصلا فاصلا ويڙهبا پيا وڃن.

پر هن جي زندگي پاروٿي ٽڪر جيان سينوارجي رهي آهي. هر پيري درد هن جي سيني ۾ اٻڙڪو ڪائي ماٺ ٿي وڃي ٿو سندس ڪڇ تي پرائو ٻار آهي. هنومان جهڙو ڦڙتيلو ايوان ۾ وينل هر ماڻهوءَ جي اکين ۾ ترندڙ نڪور امنگن جهڙو ننڍڙو ٻار.

شاعر ڌرتيءَ جا گيت ڳائي ٿو ايوان ۾ تاڙيون وجن ٿيون ۽ ٻار ڪڇ تي چڙيون هٽي زوريءَ لهي استيج ڏانهن پجي ٿو. هوءَ بہ ٻار جي پنيان ڊوڙي ٿي. لمحي لاءِ سندس وهيءَ جو موٽندڙ درد ٻار جي نازڪ پيرن هينيان چيٿاڙجي ٿو. استيج جي سامهون وينل ٻار جي ماءُ پُٽ کي ٻانهن ڪان جهلي ڪٽي ٿي. ۽ پنيان ايندڙ عورت جي اکين ۾ گهوري نہ ڄاڻ ڪيترون يادون سندس اکين م ٽنبي ڇڏي ٿي. ۽ پوءِ هو استج تي گونجندڙ لفظن کي ٻڌڻ ڪان اڳ م ٻار کي ڪٽي رستي ڏانهن وڌي ٿي. ٻارڙو ڦٽڪي ٿو ۽ هوءَ پنهنجي ٻانهن کي پڪوڙي ٿي. چيڪارون چيڪارون مستقبل جا عڪس.

”الا هيڏي شهر جي گهٽ ڪيڏي ڏکي آهي.“ هوءَ پٽڪي پنهنجي اکين مان لڙڪ اگهي ٿي. ٻار استيج تي ٻرندڙ روشنيءَ لاءِ واجهائي ٿو. هن کي پنهنجي نوڪريءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ نہ چاهيندي بہ ٻار کي قابو جهلي ٿي، هن جا نيڻ بيدمشڪ جي پاندرن مان سامهون نهندڙ عمارت جي پاسي ۾ ٻڌل تختين تي ڊوڙندڙ مزدورن سان ٽڪرائجن ٿا ۽ ٻڌندڙ پيڙيءَ جيان هن جا خيال بہ لڏن لمن ٿا. هوءَ ٻار کي رستي جي هن پار ڪٽي مزدورن کي اٿين ڏسي رهي آهي جڻ تہ اهو مزدور سندس گرپ مان نڪتو آهي ۽ هن جي ڇاتيءَ کي چنبڙي چنبڙي مٿي ڊوڙڻ جهڙو ٿيو آهي.

ٻارڙو ڪڇ تي ڦٿڪي ٿو ۽ هوءَ روشنيءَ ڏانهن وڌي ٿي. پوءِ بلبن جي روشنيءَ جي تاءُ جي سامهون ويٺل ٻار جي ماءَ هن ڏانهن ڏٺو. سندس اکين ۾ ويٺل عقاب اڏاڻا ۽ هوءَ ڊنل عورت ڇرڪ ڀري پوئتي ڀڳي. ٻار هن جا وار پٽيا پر سندس زور دار ڪيهون اسٽيج تي ويٺل ضمير جي قيديءَ جي هانءَ ۾ رنڊا هڻڻ لڳيون. هن پنهنجي ساٿين کي ڏٺو. ويجهي ويٺل ساٿيءَ مرڪي ڏٺو. ضمير جي قيديءَ پنهنجو گريبان ڏٺو ۽ پوءِ هن جون نظرون تيزيءَ سان ان ٻار ۽ عورت کي ڳولهڻ لڳيون. پر اها عورت اکڙين جا لڙڪ لڪائي وٽن جي پاڇولن ۾ پٽڪڻ لڳي هئي.

”ڇا هوءَ بہ ڪا تصوير آهي؟“ ضمير جي قيديءَ پٽڪيو سياستدان ڳالهائي رهيو آهي. ”هر پورهيت جو ڏک اسان جو ڏک آهي. اسان دنيا عدوليل ماڻهن جي امنگن جا ترجمان آهيون. اسان سماج جي اٽبرابري مٽائي خوشحالي آڻڻ جو پيغام کڻي آيا آهيون ! “ تاڙيون وڄن ٿيون.

ضمير جو قيدي سگريٽ جي ڪاري ناسي دونهين مان تارن کي گهوري ٿو. ۽ ڪيتريون ئي سواليہ نشانيون هن جي اکين ۾ چڀڪن ٿيون.

”ڇا عقاب ۽ ڪبوتر هڪ وڻ تي ويهي ننڍن ۽ وڏن پکين جي مستقبل لاءِ سوچي سگهن ٿا؟ “ مرڪ هن جي چپن ۾ ڦٿڪڻ لڳي ۽ هن جون نهارون ان مالڪ عورت جي اکين ۾ ويٺل عقابن سان ٽڪرائيون پر اسٽيج تان ٻيهر آواز آيو : ”اسان پنهنجي جدوجهد جو دائرو هارين, ڏنارن ۽ پنهوارن تائين پهچائڻ چاهيون ٿا. مظلوم ماڻهن جي آزادي عورت جي آزادي آهي.“ مالڪ عورت اٿي نعرو هنيو :”نامنظور, نامنظور — غلامي نامنظور “ پر ”هوءَ “ مردهہ معاشري جي زندهہ تصوير جيان هر ڳالهہ کان بي پرواهہ پڄري ٻري رهي آهي. سڀ ڳالهيون ۽ نعرا هن جي خوابن جي شيشي کي ڪرچون ڪرچون ڪري رهيا هئا ۽ سور ويو ٿي من جي هر مراد کي ڪوڙهيندو.

”الا هن هيڏي شهر جي گهٽ تہ ڪيڏي ڏکي آهي, شهر جون مائرون.....!“ هن جي تصور ۾ زندگيءَ جو طويل افسانو وکرندو ٿو رهي ۽ اکين جون ترايون ٺمتار ٿي اٿلڻ لڳن ٿيون. عجيب قسم جو خوف ويو ٿي هن جي نرڙ جي گهنجن ۾ پيهندو. هڪ نوجوان ضمير جي قيديءَ سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ شعر پڙهي ٿو.

هوا جي تيز لهر هن جي پڳهر هاڻي چوليءَ کي ڇهيو ۽ سندس بدن مان سياندو نڪري ويو. هن اپ ڏانهن ڏٺو. بلبن جي تيز روشنيءَ ۾ سجواپ ڇڻ تہ ستارن کان خالي هيو.

”اي قسمت جا بادشاهہ هي ڪهڙو کيل آهي؟ اسان ماڻهو هتي ڪو نہ سونهون, درياهہ جو ٻيٽ سائو ڪر تہ وڃي پنهنجي گهرن ۾ لڪون.“ هوءَ پنهنجي قاتل هانءَ تي پٽيون رکڻ لاءِ پٽڪندي وڃي ٿي. يادن جي تهخانن ۾ گم ٿيندي ۽ رات دردن جو چار اٽندي ٿي وڃي. اسٽيج تي ڳالهائيندڙ اعتماد سان ڳالهائيندا ٿا رهن. ڪئمرائن جا چمڪاٽ, ڪڙندڙ تارن جيان دور دور تائين محسوس ٿي رهيا آهن. مگر هوءَ معاشري جي زندهہ تصوير بيد مشڪ جي پاندرن مان پنهنجي قسمت جي ستارن کي ڳولهي رهي آهي.

******

## امر لال هنگوراڻي

# ٻڍيءَ جي ٻاجهه

ٻنهه سادي، جهوني زماني جي. پُٽ جو تڪرار نٽ تي، نٽ نڪ مان نہ لاهي. چي :”سهاڳ جي نشاني !“ پر سهاڳ سدائين ڀاڳ ۾ نہ هيس. چي : ”سهاڳ ڪان پوءِ سونهن ڪهڙي ڪم جي؟ سسي لٽي تہ مٽيو منڊي ڪيڏانهن ڪبو؟“

پُٽ شادي نہ ڪري. دل ۾ اونو هوس تہ امڙ جهونن خيالن جي، هوڏانهن هوءَ اصل نون خيالن جي نٺوئي، پائوڊر ۽ لپسٽڪ جي ڪمي ڪا نہ هئي. لپسٽڪ بہ اهڙي لڳائي جهڙي ”پانن پڪ“. نهن ڳاڙها، ڪپڙا رنگ برنگي. سو چوڪر ڪي اهو اونو تہ اُنان ميهان دا ڪيها ميلا؟

پر چوريءَ جا چال. لال نہ لنگهي سگهيو. شادي ڪيائين تہ ٻيا سڀ شاديءَ تي آيا پر لال جي ماءُ گهر ويٺي. چي :”جڏهن وني ويني ايندين، تڏهن ڪنوار سان درَ تي گڏجنديس.“ جهونيءَ ريت ۽ رواج. گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي در تي گڏي، ڊڪڻ رکيائين ڪنوار جي مٿي تي ۽ ڊڪڻ جي مٿان رکيائين ڏيئو. ڪنوار واٽڙي ٿي ويئي. دل ۾ چي : ”هيءُ ڪهڙو هوليءَ جو سانگ !“ لال جي ماءُ چيس، ”ڊڪڻ ٿي گهر جي ڪچائي ڦڪائي ڊڪجاڻ ۽ ڏيئو ٿي اوندهہ ۾ اجالو ڪج.“

لال جي ماءُ ريل چيل ڇڏيو. ايئن ڪو نہ هو تہ لاچار ڪي آچار هو. پاڻ خوش ٿيندي هئي. هنن ڪي چوچ ۽ اوچ ڪندو ڏسي گد گد پئي ٿيدي هئي. چوريءَ جا چال نہ هئا پر اچانگ واسينگ جهڙا وار، جي لهرن وانگر پيا لڏندا هئا، ڪٽائي باب ڪرايائين. لال ڪي لهس نہ آئي. اندر ۾ اهو سور لهس ڪري پيتائين. وري لوري لڳس فراڪ جي. لال چي : ”پرٽيل ڪيئن فراڪ پائي؟ لج جهڙي ڳالهہ آهي. بي حياڻيءَ ڪي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. سڀ ليڪا لنگهائي ويني آهين. ماٺهو ڇا چوندا؟“ پر چوري چڙي بيٺي، جنهن ڪڏ تي بيٺي، تنهن هوڏ تان ڪيئن لهي؟ لال چي :”ڏس، امڙ ڪيڏي نہ درياهہ دلي ڏيکاري، جڏهن تو وار ڪٽايا، پاڻ چوڻ لڳي تہ منڊم ٿي آهي. منهنجي دل ڪي چوٽ لڳي. جن وارن ڪي آڱرين تي ويڙهي راند ڪندو هوس. سي ڪٽجي ويا ! چڻ تہ بدن جو عضوو ڪٽجي ويو. پر امي پيئي مشڪي. چي :”نئين لهر آهي.“ نہ عذر ڪيائين نہ اعتراض. هاڻي جو فراڪ پائيندينءَ تہ ڪيس رنج ٿيندو. “ گوميءَ لال جي زال چيو : ”اميءَ جو خيال نہ ڪريو. امي چاڻي مان چاڻان، توهان ڪي تہ اعتراض ڪونهي؟“ لال ڪي پڪ هئي تہ ڪڏهن نہ هيءَ مک ڳڙڪائڻ قبول ڪندي، ڪيس بہ ڳالهہ نہ ٿي وڻي. پر هن جي دل وني چوڻ لڳو : ”مون ڪي ڪهڙو اعتراض؟“

هفتي جي اندر گوميءَ فراڪ پاتو. لال جي ماءُ آنند ۾. ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپي. چي :”سڏ ٻڏ جنسي منڊم.“ ڏسي پئي نري، لال واٽڙو ٿي ويو. چي : ”امي ! بابي جي ڏينهن ۾ ڪهڙا خيال هيئي ۽ هنيئر ڇا ٿي ويو اٿئي؟“ لال جي ماءُ جا ورَ جي ويچار ۾ ڳوڙها ڳڙي آيا ۽ چيائين : ”بلي، مان اوهان ڪي چو جهليان؟ ڏاڍا ڏک ڏناسين. رات ٿيندي هئي تہ سڄي گهر جو ڪم لاهي، پوءِ سس ڪي زور ڏيندي هيس، جيسين ننڊ اچيس. هوڏانهن پاڻ نهاري نهاري سمهي پوندا هئا. شادي ٿي، رات گڏ گذاريسين.

صبح جو ڇوڻن تہ مڙس ڪان منهن ڍڪ. انڌو لاڙڪاٽي جو رواج. رئي مان لوڪن لڪي، واجھ پائي، اڪيون ڪٽي نهاريندي هيس. سندس لاءِ پيئي سڪندي هيس. ڏينهن جو مجال آهي. جو ٻين لاءِ ٻڙڪ ڪڍون. رات پيئي روئندي هيس. هڪڙي ڏينهن جهلي نہ سگهيس، ڏينهن جو اڪيلو ساٽس ڳالهايم. سس مٿان اچي ويئي. پاڻ ڪن ٻوساتي هليا ويا. سس ڇوڙ لڳي، ”پرٽئي گهٽا ڏينهن ٿيا ٿوَ؟“ ٽنڪوماري چيائين، ”اڳ نهيل هئا. “ اهو ڏنيهن، اهو شينهن، وري سڄي عمر ۾ اميءَ جي منهن تي ڪو نہ ڳالهايوسين . توکي سانير آهي، ڪڏهن پنهنجي پيءُ سان مون کي گڏ ڪٽ تي ويٺل ڏٺئہ؟“

لال ڪنڌ سان ”نہ “ جي ڏوڻ ڪئي. لال ماءُ ڇوڙ لڳي، : ”جڏهن پاڻ بيمار ٿيا. تڏهن هڪ ٻہ دفعا پاسي ۾ ويهڻ لاءِ چيائون. آءُ سڪٽي لڄ جي ماري، سو ڪيئن ٽي لوڪ لڄا النگهن ڪريان؟ شرم ڪان پاسو ڪيم. اهڙي تہ ڪل ڪا نہ هئي تہ اها سندس پڇاڙيءَ جي آرزو هئي، جا هن نياڳيءَ پوري ڪا نہ ڪئي.“ ايئن چئي سڏڪا ڀري اکين مان نير وهائڻ لڳي.

*******

(چونڊ : سنڌي ڪهاڻيون، ڀاڱون ڀهريون، 1981ع ساهتيہ اڪيڊمي، نئين دهلي، تان ڪنيل.)

## آسانند مامتورا

# ڪِڪي

ڪڪيءَ ڪي سندس ساهيڙيون ڳنوارڻ ڪري سڏينديون هيون. البت سندس پرپٺ. هوءَ ڪا ڳنوارڪو ڏنڏو نہ ڪندي هئي، مڙسنس بہ تي ڳائيون پاليندو هيو. انهن جي کير مان جا پيدائش ٿيندي هيس، تنهن تي سندس گهر جو دارومدار هو.

سندس نالو بہ ڪو ڪڪي ڪو نہ هو. اجا ٻارهن ورهين جي ٻار هئي تہ مائٽنس کيس هڪ پنجويهن سالن جي برهمڻ سان پرڻائي ڇڏيو هو س. سري جي بہ البت سوڪيم هئي. ساهري گهر، انهيءَ ڪري پهريات ۾ اچا، هيڏڙي اڻ اسريل ڪڪي پيئي لڳندي هئي. ڪڪي نالو مٿس اجهو انهيءَ ڪري پئجي ويو.

مڙسس جنم ڪري سو برابر برهمڻ هو. پر نڪا سنسڪرت پڙهي هئائين، نڪو وري شاسترن جو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ابياس ڪندو هو. شروعات ۾ چڱي موچاري ورت هين. ڏاما ڪائي ۽ وڏن پرين تي يجمانن (عقيدتمندن) وٽان جيڪو ملندو هون. تنهن تي پيا عزت آبروءَ سان پنهنجو اُدر پورنا ڪندا هئا. پر مهاياري لڙائيءَ ڪانپوءَ سندس گذران البت مشڪلات سان ٿيڻ لڳو. سندس يجمانن جي سنکيا گهٽجي وئي يا منجهائن شرڌا پر ڪري اڏامي ويئي هئي، يا اجا بہ ڪو ٻيون سبب هو چئي نٿو سگهجي. لاچار هن جنم جي براهمڻ، جو نہ پراچين وديا مان ۽ نہ ورتمان سمي جي جڙوادي وگيان مان واقف هو، تنهن بہ تي ڳائيون پالي انهن تي گذران ڪرڻ جو وسيلو اختيار ڪيو.

ڪڪي هينئر ارڙهن ورهين جي ٿي هئي. جواني البت منجهس چرڪو ڪري ڦٽي هئي. اهو شايد سندس سوڪيم سرير ۽ هيٺي هانيءَ جي ڪري هو. پر ارڙهن ورهين ۾ پير پائڻ سان جواني يا منسڪ توڙي سريرڪ جذبا منجهس اهڙي زور سان اٿيا جو لطيف ۽ نفيس احساس اسرن، تنهن ڪان اڳي هوءَ پنهنجي پتار جي سنگ ۾ پنهنجي جيون جي پرڦلتا محسوس ڪرڻ لڳي. لطيف ۽ نفيس احساس اسرن ٿا صرف انهيءَ هنڌ، جتي سپيت جو سورج مکي گل پنهنجو ڳاٽ انادي ست جي سج ڏي اوچو ڪنيو اپري. هتي نہ ڪو آتمڪ سپيتا جو پرڪاش ۽ نہ هئي انهيءَ لاءِ ڪا اٻالڪا.

ورهيہ بہ انهيءَ جوانيءَ جي جسماني مستيءَ ۽ خمار ۾ گذريس ئي ڪين تہ ڪڪيءَ جي سندس پتار ڏانهن رخ ۾ اڻ لکي تبديلي ٿيڻ لڳي. سندس ڳالهائڻ توڙي هلت چلت ۾ ڪا بہ لطافت نہ ڏسي، کيس غيرت اچڻ لڳي. ڪنهن سان ڪئيف نوع ۾ ڳالهائيندو ٻڌندي هئس تہ ائين پائيندي هئي جڻ تہ ڪنهن سندس نڪ تي ڪپيو. رات جو جڏهن هو سندس پرسان بستري تي اچي ليٽندو هو، تڏهن منجهانئس ڳاين جي ڇيٽي ۽ ڳئونٽ جي بوءِ پيئي ايندي هئي، جا البت اڻ وڻندڙ هئس. گهٽو ئي پنهنجي دل ڪي پر ٻوڙ ڏيندي هئي. پتي ديوتا سمان آهي. هو ڪٽي کهڙو بہ ڪنو ڪوڙهيو هجي پر هندو استريءَ جو ڪرتب آهي تہ سندس شيوا ڪرڻ، کيس سنسار جي ٻين مڙني مردن کان اتم ڪري ليکڻ. اها هندڪار جي پراچين سکيا سندس رڳ رڳ ۾ هئي. ننڍي هوندي کان هن جي

دل ۾ اهڙائي پتي شيوا جا سنسڪار وڌا ويا هئا. اها سکيا ياد ڪري من کي سنتوش ڏيندي هئي ۽ پتار جي هر طرح شيوا ڪري کيس خوش رکندي هئي. جڏهن واندي ويٺي هوندي هئي، تڏهن سندس من ۾ ويچار جون ڀيون نراليون ڇوليون اٿينديون هيون، جي سندس هن پتي جي شيوا واري سکيا کي گهلي ويندليون هيون. انهيءَ وقت هن جي دل تي اول مايوسي ۽ ملولائيءَ جو ڪڪر ڇائنجي ويندو هو. ۽ پوءِ بلوي جي هڪ من اڇل اٿندي هيس، جا کيس پاڻ کان عجيب و غريب سوال پڇائيندي هئس. سوال، جن جا جواب سندس چيتنا جي دائري ۾ اچڻ کان اڳيئي ديجي من جي اڻ لکي اوڙاهہ ۾ غائب ٿي ويندا هئا.

ڪڪي پاڻ کي ڪيترا ئي دفعا ڀين پرکن کي ڏسي سرهو ٿيندو جهليو. انهن ۾ ڇا هو جنهن سندس دل ۾ سرهائي ٿي پيدا ڪئي؟ اڇا اجرا وڳا پهريل، ڏاڙهي تازي ڪوڙيل، ڦٽي ڦوڪارو، هلڻ چلڻ جي ڦڙتي،تهذيب واري گفتگو. مطلب تہ اهي سڀ ڳالهيون، جن جي مڙسنس ۾ اوٽائي هئي. ڪڪي ويچاريءَ کي اها ٻوجهہ ڪا نہ هئي تہ ڇو هنن سندس دل کي ڇڪيو ٿي. ڪانئس جو پڇو ها تہ شايد اها بہ سچي ڪا نہ ڪري ها تہ مڙسس کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ کيس ڪنهن بہ قسم جي رغبت هئي.

سندس گهرو جيون ۾ آنند جو ڪڻو بہ ڪو نہ هو. صرف واندڪائيءَ مهل جڏهن، گهر جي ڀنيي تي اچي ويهندي هئي ۽ پڙهيل ڳڙهيل، چست ڦڙت پاڙيسري يا واٽهڙو ڏسندي هئي، تڏهن دل ۾ هڪ الڪيءَ خوشيءَ جي لهر اٿندي هيس، جا سندس پتني ڌرم جي آدرش ياد پوڻ سان من جي هينئين لڪل تهن ۾ گهڙي غائب ٿي ويندي هئي. ڪڪيءَ انهن جوانن جي استرين جي سياڳ تي ريس ڪندي هئي. سندس مائٽ بہ ياڳيا هئا. جي سندن گذران ورت تي هو تہ ويدن شاسترن ۾ مڙسس وانگر آلو نور ڪو نہ هئا. سندس پيڪي گهر جو وايو منڊل اور هو. اٿي، پوسي، گاهہ، ڇيٽي، ۽ گونٽ جي بوءِ بدران اگر، عنبر، پُشپن ۽ چندن جي سنڳند هئي. هِن هُن جي لائيءَ چائيءَ ۾ وڏي واڪي ڳالهائڻ جي بدران ڌرم چرچا ۽ حد فضيلت هئي. سندس هن اٽاسي اڻ گهڙئي گوپال سان وواهہ کيس ڪٿان ڪٽي ڪٿي آڻي وڌو هو؟

ڪڏهن ڪڏهن ڪلپنا ۾ انهيءَ بند کان جدا ٿي، آزاديءَ جي مني، تقويت ڏيندڙ هير ڪائي ايندي هئي. سندس اهي ڏينهن _ ڏٺا سپنا هميشہ ڪنهن ڪلئي، وشال ميدان جا هوندا هئا، جتي ائين وسهندي تہ بي حد ۾ اچي پيئي آهيان. چوڌاري زمرد جيان سبزو ئي پکڙيو پيو هوندو هو. جنهن ۾ طرح طرح جا گل جڳمڳ لائي، هوا کي وٽندڙ مهڪار سان معطر پيا ڪندا هئا ۽ هوءَ پاڻ پنهنجو ڳل ڪنهن وڻ جي ٿڙ سان لڳائي، ٿڙ تي آهستي آهستي پيئي هٿ گهمائيندي هئي. يا ڪنهن سهڻي هرڻ کي هنج ۾ ويهاري، ان جي سڱن سان پنهنجو منهن پيئي مهٽيندي هئي. اوڏيءَ مهل سندس اکين ۾ عجيب جوت جهلڪا ڏيندي هئي، ۽ اهي آنند جون لهرون اٿنديون هيس، جو سندس منهن سارو سرهائيءَ سان پيو ٻکندو هو. هڪ ڏينهن پاڻ کي انهيءَ ميدان جي وچ ۾ هڪ شاهي چمڪندڙ شو جي لُنگ کي پوڄيندو ڏٺائين. ڪيتروئي وقت انهيءَ جي آراڌنا ۾ مگن هئي. اکيون سندس بند،

ڪنڌ نمائي، ٻئي هٿ جوڙي، لنگ سان لڳايو ويٺي هئي. جڏهن اکيون کوليائين ته ڏٺائين ته لُنگ متجي هڪ پرک تي پيو آهي. ڏڪي سان اٿي کڙي ٿي. پرک جي اکين ۾ مرڪ ۽ اهڙي ڪشش، ڪوملتا محسوس ڪيائين جو پاڻ کي هن جي ٻانهن ۾ ڪٽي اڇليائين، پوءِ ته سون ورنيون سنيهه جون گهڙيون گذرنديون رهيون، ۽ هيءَ اٿاهه پريم ۾ آئي آنند جون چريون ڪنڌڙ چڪيون پيئنديون رهي. جڏهن نينهن جو نشو ٽٽو ۽ اهو پرک الوپ ٿيڻ تي هو. تڏهن ڏسي ته هن پرک جي شڪل سڌ ٻڌ سندس پيءُ جي هئي. ائين ڀانيائين ته ڪا ڏائڻ ڏند ڪڍي، مٿس ٽهه ٽهه ڪري کلي رهي آهي.
سپنو سندس اکين مان اڏامي ويو. ۽ هي پنهنجي روزمره جي اسٿول جيوت ۾ اچي پيئي. اهو ڏينهن ۽ هي ڏينهن، وري ڪڪيءَ ڪڏهن ٻه ان ڪلئي، وشال ميدان کي تصور ۾ نه آندو. ڪنهن قسم جو ڊپُ، جنهن جون پاڙون سماجڪ ۽ ڌرم نيتيءَ ۾ هيون، سو ڪيس روڪيندو رهيو.
هڪ ڏينهن مڙسس کي سندس گاين مان هڪ اهڙو نحس ٽوٽو هنيو جو زور دار ڌڏڪي سان اچي زمين دوز ٿيو ۽ ڳچيءَ جي ڪنڊي کي ضرب اچي ويس ۽ هڪ ٽنگ جو گوڏو ڀڄي پيس. ڪيس ڪٽائي گهر وٺي آيا. ۽ مهينن جا مهينا بستري داخل هو. اها اوچتي زحمت ڪڪيءَ لاءِ رحمت ثابت ٿي. چاهنا ۽ اڻ وٽندڙ حقيقت جي وچ ۾ جا جهد سندس من جي ڪر ڪيتر ۾ پئي هلي، تنهن ۾ سندس تن تهارون ٿيندو پئي ويو. ڪنهن ٻه مهل سندس تنتن جو سرشتو ڍهي پئي ها ۽ هڪ وڏيڪ عورت هسٽريا جي مرض جو بک ٿئي ها. پر هن اوچتي آپدا سندس من ۾ هڪ نئون جذبو ماتر رکيا جو جذبو پيدا ڪيو. جيئن ئي ماءُ پنهنجي ٻار جي رکيا لاءِ پنهنجي جسم ۽ جان جون ڪلي طاقتون ۽ شڪتيون هن جي شيوا ۾ ارپڻ ڪري ٿي، تيئن ڪڪي پڻ ڪرڻ لڳي. هو سندس لاءِ هنيئر پتي نه هو. ڪٽنب جو رکپال نه هو. هو هنيئر ٻارن کان ٻه وڌيڪ اڌر ۽ اپرو هو. سنيال ۽ رکيا کان سواءِ سندس بچڻ خير هو. ماتري امنگن سان ڪڪي پاڻ کي پنهنجي ڳنوار براهمڻ مڙس جي شيوا ۾ اهڙو ته رنيي ڇڏيو جو ٻيا سڀ جذبا انهيءَ هڪ عظيم جذبي ۾ جذب ٿي ويس. هن جي دل ۾ جيئڻ لاءِ هڪ نئون امنگ اٿيو. جنهن سندس جسم جو انگ انگ سرهائيءَ سان پري، ڦولاري ڇڏيو. ڏينهن ڏٺا سپنا، جي سندس اڳوٽي ڀوساٽيل، دٻيل حياتيءَ کان ڇوٽڪاري جو واهڻ هئا، سي هميشه جي لاءِ ڪانئس موڪلائي ويا. سندس ڇوٽڪارو هنيئر هن ماتري جزبي واري جيوت ۾ هو. سندس دل ۾ جذبات جو هڪ نئون نياڻ ڦٽو جنهن مان پريم جي اها اوت ٿيڻ لڳي، جنهن سندس من توڙي بدن جا ٻيا سڀ احتجاج ٻوڙي ڇڏيا. هيءُ پريم هو جنهن ۾ ترشنا يا ڪامنا جو ذرو ٻه نه هو. اهڙو پوتر پريم ڪڪيءَ اڳ ڪڏهن ٻه محسوس نه ڪيو هو.
ها، ڪڪي استريءَ مان متجي ماءُ ٿي پيئي هئي ٻار ڄڻڻ کان سواءِ پر انهيءَ سندس حياتي بچائي ورتي.

*******

(چونڊ : سنڌي ڪهاڻيون، ڀاڱون پهريون، 1981ع ساهتيه اڪاديمي، نئين دهلي تان ڪنيل.)

# شمس نورالدين

# ستي ساوتري – غلام فاطمه

هڪ سيءَ ٻيو جُهڙ. صبح ته ٿي ويو پر ڪيترو نه اداس. هيءُ اوندهه جهڙو ميرانجهڙو ڏنڌلڪو ڄڻ اداسيون ڪنڊ ڪڙڇ ۾ واڪا ٿيون ڪن. توبهه منهنجي ! دل سان گڏ منهنجو دماغ به پيو ٿو منجهي. صبح جا ڏهه لڳي ويا آهن پر جيئن نه ڪنهن قلب ڪاري ۾ ضمير جي روشنيءَ جو گذر محال آهي. اهڙيءَ طرح اڄ سج جا ڪرڻا به پسجڻ به مشڪل ٿو ڏسجي !. الله الله ! روشني به ڪهڙي شئي آهي، سج جي هجي، چنڊ جي هجي يا ضمير جي ! ڪيتريون اونداهيون ٿيون اُجرن، ڪيتريون سياهيون ٿيون ڏوهجن روشنيءَ سان !!.

هون هون، اڄ مان اداس آن....... هن غير شاعراڻي موسم ۾ منهنجو بي سرو آواز ويتر هانءُ ٿو کائي ! عالم جا الله ! آواز ۾ ئي ڪجهه مدرتا ڏينم ها؟ پوءِ ڇا ڪريان؟ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ کپي ٻيلي، نه ته هي قيامت جو ڏينهن جيستائين ڪُٽي، تيستائين هي اداسيون ته منهنجي روح کي چٽي چڙنديون ! ڪجهه لڪجي ئي پلا !!.

مون هيٽر آن ڪيو. نيزن جي پليٽ پري پرسان رکيم ۽ ڪاپي پينسل کڻي اڃا وينس مس ته دادر دارا شروع ٿي وئي. توبهه هي ميوزيڪل ڪال بيل به وڏو عذاب آهي. نه وقت نه مهل، هر گهڙيءَ بي _ سُري تان، دادر دارا. مون اٿي وڃي گيٽ کوليو.

الله ! هيءَ ته هوءَ آهي. هوءَ – جيڪا زندگيءَ جي اڪين ۾ اکيون اٽڪائي ڇاڻي، جيڪا تخيل ۽ احساس کي پروڙي ڇاڻي، جيڪا لطيف جذبن کي اهڙيءَ طرح پروڙي ڇاڻي جو. پر سندس حياتيءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ ته حياءَ جو لفظ ممنوع آهي نه ! پنهنجي سموري بي حيائي ۽ بيباڪيءَ باوجود هوءَ مون کي ڏاڍي پياري هئي ۽ آهي.

"ڇا ٿي سوچين؟" اها ئي مخصوص ڪل ـــ مون کي به ڪل اچي وئي.

"هون ! ته اڄ ورهين کان پوءِ توکي منهنجي ياد اچي وئي." هوءَ بيگ لوڏيندي اندر آئي.

"ڪٿان ٿي اچين؟" مون هن جي سراپا کي جاچيندي پڇيو.

"ڪٿان نه ڪٿان ته ايندي ئي هونديس !" هن انهيءَ ساڳئي مخصوص لهجي ۾ جواب ڏنو. جيڪو هن ڪاليج جي فرسٽ ييئر جي امتحان ڏيڻ کان فوراً پوءِ اختيار ڪيو هو. اهائي لاپرواهي، اهو ئي انداز ۽ اها ئي خود سري ! هن کي ڪنهن جي پرواهه ڪا نه هئي ۽ نه پرواهه ڪرڻ جو ڪو سندس ارادو ئي هو. مَريادا جا ليڪا ته ڪڏهن جو اورانگهي چڪي هئي. جيڪا ٿوري گهڻي هئس سندس لهجي جي بيپرواهيءَ اها به لٽي ڇڏي هئس، پر مون کي هوءَ ڏاڍي پياري هئي، پنهنجي زندگيءَ جي سپني لاهين چاڙهين سميت !.

هن سان منهنجي دلچسپي ته عمر جي انهيءَ حصي کان هئي، جنهن کي آئون "المست" دؤر چوندي آهيان. ٽيهه سال پراڻي ستن سالن جي معصوم دلچسپي ! ـــــ صبح جو سويل اسان بخاري

۾ ڪوئلن جو مچ مچائي، اوپاريل بيدن ۾ ملتاني حلوي تي سياري جي صبح کي جي آءُ ڪندا هئا سين ۾ ايتري ۾ وڏي واڪ سڏ ڪن تي پوندو هو "او پائي او پيسو مل هيڏانهن. اڳ ۾ مون کي تي پن دال جا ڏئي وڃ. پهر ٿيو آهي تنهنجي اوسيئڙي ۾ بيٺي. بک ۾ ساهه ٿو وڃيم. جلدي ڇو نہ ايندو آهين پائي؟ "توبهه". منهنجو پاءُ چڙي پوندو هو. ڪيڏي پتاڙ آ ڇوريءَ کي. اجا صبح مس ٿيو آهي ۽ هن کي پهر بہ گذري ويا اوسيئڙي جا." ۽ منهنجي پاءُ جو حلوي جي پليٽ تي حملو شديد ٿي ويندو هو. مون کي تعجب لڳندو هو سوچيندي هئس تہ مان بہ جيڪر هن وانگر چڙواڳ هجان ها. آئون بہ پئسي جا ٿي پن دال جا وٺي صبح صبح جو در جي چائنٽ تي ويهي چٽيان ها !!" ۽ هن جو زبان ڪيڏي پن کي چٽڻ اکين اڳين ڦري ويندو هوم. ----"اون ! اهڙو بکيو بہ ڇا ٿجي؟" فوراً سوچ کي لغام ڏيڻو پوندو هوم. "ايڏي چٽ چٽ ڇا جي لڳائي اٿي. حلوو ٿي کائين يا هڏا ٿي چباڙين !" چاچيءَ جو آواز ٻڌي ڇرڪ نڪري ويندو هوم. اسان جي چاچي بہ الله جي پناهه ! چڱي خاصي خدائي فوجدار هئي اسان ٻارن لاءِ ! هن وات وڏي، پيٽ پخال ڇوريءَ کي تہ ڪوئي ڏٺي سائين هو ئي ڪو نہ ! نہ ابو هوس نہ ادو. هڪ البيلي ماءُ هئس ٻئي آزاد خيال. ناني... باقي رشتا ناتا تہ ڏٺيءَ اسان جي قسمت ۾ لکي ڇڏيا هئا. جيتري وڏي حويلي هئي، اوترا گهڻا ٻنڌڻ هئا، اوترو وڏو پراڻو ويڪرو رَڪُ رکاءُ هو. منهنجو تہ ڪڏهن ساهہ ٻوساٽبو هو. اهڙين گهڙين ويلي هوءَ مون کي وڏيڪ خوشنصيب لڳندي هئي. اهڙيءَ طرح هن سان منهنجي دلچسپي نا سمجهيءَ جي دؤر کان ئي هئي.

مون هن کي آٽي ڊرائينگ روم ۾ ويهاريو. "ڇو منهنجي هيءَ بيگ نظر نہ آئيہ ڇا؟" هن وري کليو.

"نظر پلا ڇو نہ ايندي تنهنجي بيگ؟ مان اجهو ٿي گيسٽ روم ٺيڪ ڪري وٺان." مون پاسي واري ڪمري جو دَر کوليو. هوءَ بہ پنيان پنيان هلي آئي. "هون ! گهر ايترو وڏو آهي، جو هڪ مهمان جي گنجائش نڪري ٿي اچي." گنجائش دل ۾ هئڻ کپي ۽ خبر اٿئي تہ ڏينهن، مهينا سال بہ تنهنجي خيال کان مونکي اجا بيگانو نہ ڪري سگهيا آهن." هوءَ مرڪي ! اها ئي مرڪ، جنهن ۾ نہ شرمائڻ جو هٺُ پريل هو. جنهن مان ڪڏهن ڪڏهن دل جي چوٽ جو اوائلي درد جهلڪي اٿندو هو. ها، ڪنهن زماني ۾ هن وٽ بہ هڪ ثابت، سالم، منڙي، پياري، نرم ڪومل دل هئي ! جيڪا ٿوري گهڻي ڳالهہ تي ڏڪوئجي پوندي هئي. ۽ اکيون جل ٿل ٿي ويندي هيس. پر اها فرسٽ ييئر جي زماني جي ڳالهہ هئي، انهيءَ کان پوءِ ڪاليج جا ٽي سال ۽ ان کان پوءِ جي عرصي جون هن بابت ڳالهيون جيڪي مون ٻڌيون ۽ جڳ ٻڌيون.

حياءَ کي زندگيءَ جي پيچرن ۾ جهڙيءَ طرح هن لتاڙيو اهڙي همت، انهيءَ دؤر ۾، جنهن ۾ نينگرين جو تعليم پرائڻ ئي وڏي دل جگر جو ڪم هو هن کان سواءِ ٻي ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪانہ هئي. ڪٽڪ جو هڪ داٽو جنهن عرش جي عظمت کي فرش پر ڪيرايو. اهڙو ئي هڪ واقعو هن جي زندگيءَ کي باهہ ڏئي ويو. اها رات جڏهن هن مون کي ڏونڊاڙي سومهڻي جي نماز لاءِ اٿاريو ۽ پاڻ مصلي تي ويهي رهي. مون دل ئي دل ۾ هن کي پاراتا پئي ڏنا. ڇاڪاڻ تہ هن جي ئي ڪري

حويليءَ کان هاسٽل تائين نماز منهنجو پيڇو پئي ڪندي آئي . حويليءَ ۾ منهنجي ڏاڏي ساهه ڪڍڻ نه ڏيندي هئي، هتي هيءَ جا ايندي ويندي چوندي : ”نماز پڙهئيه هل ته فرض پڙهي اچون، پوءِ ٽا ڪلاس اٽينڊ ڪريون.“

سڄي عمر پيسو مل جي دال کائي هيءَ الاجي ايتري مذهبي ڪيئن ٿي پئي هئي..... ڪڏهن ته دل چوندي هئي ته روم متائي ڇڏيان پر پنهنجن کان پري، اجنبي شهر ۾ ماحول ۾ پائر پينر، سنگتي ساٿي، جنهن مون کان وساراي، سا هوءَ ئي ته هئي. هن جي دل هئي يا سڪ جو ساگر ! هن جي خلوص جي وسعت ۾ ساري ڪائنات هوند سمائجي وڃي ايتري ته پيارين پيارين، اجرين نيڪ عادتن جي مالڪ هئي هوءَ. آئون جيڪا حويليءَ ۾ پلي هئس، سا به جيستائين پروفيسر جي منهن ۾ سامهون نه ڏسندي هئس، تيستائين ليڪچر سمجهه ۾ نه ايندوهو. ۽ هن کان پرفيسر سوال پڇندوهو ته، اکيون مٿي ڪجنديون ئي نه هيس. هميشه نگاهه جهڪائي ڳالهائيندي هئي. مخالف جنس سان. هن جي حياءَ داري اڳيان ته منهنجي شرم حياءَ کي به شرمندو ٿيڻو پيو. آئون جيڪا نيڪن جي اولاد هيس. حويليءَ جي چوديواريءَ ۾ پلي هيس، جنهن ڪنهن چائنٽ تي بيهي ڪا شئي وٺي نه ڪاڏي هئي وڏي وات ڪنهن سان ڳالهايو نه هو مٿي تان ڪڏهن رئو لاٿو نه هوءِ هتي ڪاليج ۾ هوءَ اڪيلي ئي هئي، جنهن جي وارن جي ديگهه ڏيڍ سال ۾ به ڪنهن ڪو نه ڏٺي هئي. اها رات............

مان وضو ڪري جيئن ڪمري ۾ آيس ته در ٻاهران هن جو سؤٽ بيٺو هو. چپ چاپ جهڙو بت. ”اڇو ادا هن وقت ڪيئن؟“ مون ٿورو حيران ٿي ڪائنس پڇيو. هوءَ ان وقت سجدي ۾ هئي....... هن جي سؤٽ مون کي ٻاهر سڏي ٻڌايو ته هن جي ٻي نندي ڀيڻ، جيڪا سائنس اسٽوڊنٽ هئي ۽ شهر ۾ ئي پنهنجي سؤٽ سان گڏ سندس شادي شده دوست جي گهر رهندي هئي، سا انهيءَ دوست سان ڀڄي وئي. هن مون کي وڏيڪ ٻڌايو ته هاڻي هو به هي شهر ڇڏي رهيو آهي جو هاڻي ڪهڙي منهن سان هتي رهي سگهندو ۽ آئون هيءَ خبر مناسب سمجهان ته هن کي ٻڌائي ڇڏيان. ۽ پوءِ هو هليو ويو. آئون الائجي ڪيتري دير اتي بيٺي رهيس. بلڪ خالي خالي، سوچڻ سمجهڻ جي طاقت ئي ڪو نه پئي پانيم پاڻ ۾ ــ پوءِ جڏهن ڪمري ۾ گهڙيس ته هوءَ بنهه منهنجي پنيان بيٺي هئي. ويران ويران چپ چاپ، پيلي زرد جڻ ته نانگ چڪ هڻي رتُ چوسي ورتو هيس. ”هيلو“، مون ڦڪي مرڪ سان کيس ڏٺو. هن ويران اکيون کڻي مون ۾ کپايون ۽ مون نظر جهڪائي ڇڏي، اها گهڙي جڏهن آدم جنت مان ڌڪيو ويو، اها رات جڏهن منهنجي ملائڪ صفت سهيليءَ جي نندي ڀيڻ شادي شده ماڻهوءَ سان ڀڄي وئي. ۽ پوءِ اها خبر سڄي ڪاليج ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي ته هن جي ڀيڻ هڪ شادي شده ماڻهوءَ سان بنا نڪاح جي زال جي حيثيت ۾ ٿي رهي. ۽ هن جي هر لنگهه تان فقرا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا ته : ”پٽ بنياد تي ويندي نه ! “

”ڪنيءَ ول جو ڪو ميوو مٺو به ٿيو؟“.

”اڇي چادري ويڙهي هر ڪا ته بيبي فاطمه نه ٿيندي!“.

”حسب نسب آخر پڌرو ٿئي “.

”شرافت اڪ جهڪائي هلڻ ۾ آ ڇا؟“

”اها تہ موروثي آهي، جنهن کي ملي !!“.

”پيءُ تہ پلواٿن، پر سندن ماءُ جي پيءُ جي بہ تہ ڪنهن کي خبر هجي نہ....“.

”اڙي پڇوس نہ تہ ستي ساوتريءَ ڪان، من نانيءَ جو نالو ياد اچي وڃيس. ڇڏيوس ڪري بيبي فاطمہ جي نماز کي دير ٿي ٿئي !“

۽ پوءِ ٿهڪ......ٿهڪن پٺيان ٿهڪ....... منهنجو تہ اصل روح ٻوساٽبو هو سمجھ ۾ نہ ايندو هوم تہ هن کي ڪيئن تسلي ڏيان؟ ڇا چوانس؟ ڪيئن چوانس؟ پر چوانس بہ ڇو؟ هن جو ڪهڙو ڏوھ؟ هن ڇا ڪيو هو؟ ٻين جي فعلن جي هوءَ ڪيئن ذميوار هئي؟ ۽ ان ڏينهن هوءَ ڪاليج ڪو نہ هلي ! چيائين، ”مٿي ۾ سور اٿم ! “

اڪيون ايتريو تہ ڳاڙهيون هيس جو پانيم، ساري رات روئنديون رهيون آهن. مان ماٺ ڪري ڪلاس ۾ ويس. ڪهڙا ليڪچر ٿيا؟ ڇا پڙهيائون؟ ڇا چيم؟ جواب بہ ڏنم يا نہ؟ اهڙو ڪو هوش نہ هيم !!. سندس خالي سيٽ گهڙي گهڙيءَ نظر پئي آئي ۽ بس واپس هاسٽل آيس تہ هوءَ ستي پئي هئي. آئون بہ سمهي رهيس. شام جو جڏهن منهنجي اک لڪي تہ سانجهيءَ جي ٻانگ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هوءَ سامهون دريءَ جي سيخن ۾ آئينو اٽڪائي ميڪ اپ ڪري رهي هئي. هوءَ جيڪا سياري ۾ بہ ڪولڊ ڪريم لڳائيندي ڪيٻائيندي هئي.

”تو هي ميڪ اپ جو سامان ڪٿان آندو؟“

سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا پڇانس ۽ ڪيئن پڇانس . هيءَ اها ساڳئي آهي، جنهن تي مون کي هر ڪو حق هو. يا هيءَ هن روپ ۾ ڪير آهي؟ شوخ لباس، ڳاڙها خون جهڙا چپ، ۽ ڳل، هي بلش آن، ڪيوٽيڪس، هي عطر عنبير، وارن جو هي اسٽائل، ڪنن وٽان لهرائيندڙ سيني تي ناچ ڪندڙ ذلف. الاهي ! هيءَ اها آهي، اها ساڳي يا ڪا............

”تون ڇا ڪاڏي وڃين ٿي؟“

”هون !“

”ڪيڏانهن؟“

”جيئڻ جو گُر سکڻ !“

”ڇا؟“

”ڪجھ بہ نہ مٿو نہ کاءُ !“

هوءَ ڪاوڙجي پئي. ۽ پوءِ رئو ڪلهن تان هيٺ تي ڪيرائيندي، پرس لوڏائيندي نڪري وئي. رات جي ماني بہ مون ڪاڏي الاجي نہ، صرف ايترو ياد اٿم تہ ڏيڍ لڳي تائين آئون جاڳي هيس هن جي اوسيئڙي ۾. ۽ هوءَ آئي هئي تہ سڄو هار سينگار جڻ ڪٽي ڌوئي آئي هئي. هن جون جهڪيل جهڪيل، ٻيباڪ اکيون، منهن ۾ چيڙ لڳم. هڪ نئر مرڪ سو چپن تي هيس. انهيءَ گهڙيءَ جي مرڪ کي واضح ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ڪو نہ آهن. اها مرڪ جيڪا هن جي پوءِ جي زندگيءَ جو

عنوان بڻي. هوءَ جيڪا سراپا سڪ ۽ خلوص هئي، سا هينئر رڳو دل ڏکوئڻ جون ڳالهيون ڪندي هئي، هوءَ جيڪا مرڪندي به ورلي هئي تنهنجا ٺهڪ ڪاليج جي ورانڊن ۾ ٻڏبا هئا. هوءَ اڃا به منهنجي روم ميٽ هئي. انهيءَ ڳالهه تي منهنجو پاءُ به مون سان گهڻو وڙهيو هو : تون به بدنام ٿي ويندينءَ. هن ڪافي هائوس گرل سان گڏ رهندينءَ ته.“ ٻه ٽي دفعا وارڊن به مون کي گهرائي چيو :” چاهين ته روم مٽائي ڇڏ !“ ڪيس ته نه ٿي ڪيڏي سگهي جو ڪاليج جو ڊائريڪٽر اڄ ڪلهه ڪافي هائوس ۾ گهڻو وچڻ لڳو هو. آئون ائين ڪري نه سگهيس. پنهنجي روح جي گهراين ۾ هوءَ لڪي پئي هئي، مون کي انهيءَ سان اڃا به پيار هو.

هڪ ڏينهن ڪاليج ۾ وري باهه وانگر اها خبر پکڙجي وئي ته سندس پيڻ کي ڏيءَ ڄائي آهي ۽ پيڻس جي شادي سندس سؤٽ جي دوست سان اڃا ڪانه ٿي آهي.

”نهيو تاريخ هميشه پاڻ کي ورجائيندي آهي.“ ۽ وري اهي ئي ٺهڪ ـ ڪلاس ۾ اڄ وري هن جو منهن ڏاڍو ڳاڙهو ٿي ويو ضبط ڪان، غم ڪان، غصي ڪان، يا وري رهيل کيل شرم ڪان ! ڪهڙي خبر ! پر انهيءَ شام هن سامان پيڪ ڪيو ۽ بيگ کڻي مون ڏانهن آئي.

”آئون وڃان ٿي.“

”ڪيڏانهن؟“

”جتي دل کڻي وڃي.“

”هڪ ڳالهه وٺئي ته ياد رکج. ستي فاطمه، دل جي چئي ۾ نوڪر ڪاپاري لڳندي اٿئي !“

”اها دل مون وٽ ڪانهي جيڪا نوڪر ڪائي، هن وقت ته نوڪرن ۾ جهان اٿم.“

دل چيو ته چوانس ته اهو وقت پري نه سمجهه جڏهن زماني جي نوڪرن ۾ به پناهه نه ملندئي، جواني آئي ۽ وئي. پر ماٺ م رهيم . ڇا چوانس ها پلا؟ سمجهن ٻڌڻ جي حد ته هوءَ اورانگهي چڪي هئي.

”تون منهن ڌوئي وٺ، تيستائين هي خانو خالي ٿي ڪري وڃان. پنهنجو سامان ان ۾ رکج.“

مون بيبيءَ جون گڏيون گڏا پاسيرا ڪيا.

”نه تنهنجي ڏيءَ گڏين سان راند رمندي آهي.“ هن هڪ سينگار گڏي هٿ ۾ کنئين.”خبر اٿئي، مان پنهنجي ڏيءَ کي گڏن سان کيڏڻ سيکاريندس ته هوءَ منهنجي پيڻ وانگر ڪنهن شمن گڏي جي ور چڙهي، گڏي ڪچ ۾ کڻي ماءُ وٽ ملهائي نه اچي ويهي !“ هوءَ سامهون آئيني ۾ ڏسڻ لڳي، ٿورو گڏيءَ کي ؛ گهڻو پاڻ کي !. مون نگاهه پري هن کي ڏنو. هوءَ ڇا سوچي رهي هئي ۽ سندس ارادو ڇا هو؟ هن مون کي گهوريندو ڏسي کلي ڏنو.

”چانهه اڳ ۾ پيئندينءَ يا ناشتي ڪان پوءِ؟“ مون هن جي ڪل مان تنگ ٿي پڇيو. ’سوَ جنم به هاڻي هن کي سڌاري نه ٿا سگهن.‘ مون سوچيو.

”ڪائڻ کي کڻي ڇڏ. باقي پيئڻ جي ڳالهه ڪر. پيئڻ ڪان ڪو ڪافر انڪار ڪري. “ الا جي ڇا ٿي چوڻ چاهيائين؟ جيڪو مون پئي سمجهيو تنهن مون کي ذهني اذيت ٿي ڏني.

”چڱو تون ڪپڙا مٽائي وٺ “ ۽ مان ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. نوڪر چانهه جي ٽرالي ڪمري ۾ رکي موٽيو ته آئون ڪجهه رسالا کڻي وٺس ويس. چانهه پيئندي مون هن کان پڇيو ” اڄ ڪلهه تنهنجي ادبي ذوق شوق جو ڇا حال آهي؟“

ڪلي ڇيائين، ”پرل ايس بڪ جي Concubine تي ريسرچ ڪري رهي آهيان.“

”صفا لاهي پاهي بيٺي آهي“. دل ۾ چيم. بظاهر شڪايتي نظرن سان ڪيس گهوريم. هوءَ نظر جهڪائي مرڪي اها ئي گهايل مرڪ.

”پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندينءَ به يا.......؟“

”جيڪو پڇين سو ٻڌايائينءَ! تو کان سواءِ ٻيو ڪو پڇڻ وارو به ته ڪونهيم.“

”اڄڪلهه ڪهڙو شغل اٿئي؟ ڇا ٿي ڪرين؟ ارادا ڪهڙا اٿئي؟ وغيره وغيره “سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته ڇا ڇا پڇانس.

”شغل ڪوهڪ هجي ته ٻڌايانءِ. سڄي زندگي ئي شغل، في الحال شادي رچائڻ جي شغل جو سوچي رهي آهيان.“

”ڇا سچ !“ خوش ٿي پڇيم – هوءَ شادي ڪندي، ڪشتيءَ کي ڪنارو ملندو، گهر ٻار واري هوءَ به ٿيندي، سوچي اطمينان ٿيو.

”ڪنهن سان ٿي ڪرين؟“

”ڊاڪٽر حيدر سان.“

”ڇا؟“ ذري گهٽ ڪوپ هٿن مان ڇڏائجي ويم.

”پر هو ته شادي شده آهي؟“

”نه صرف ايترو پر پنجن ٻارن جو پيءُ پڻ آهي، ڪلي جواب ڏنائين. اها خبر شايد نه به هجئي ته سندس اها شادي به لو مريج آهي .“ خار مان چيم، ”خبر اٿم “ صرف ستن سالن جي ٿوري عرصي ۾ محبت disappointment ۾ بدلجي چڪي آهي، ٻي محبت جتاءُ ڪندي؟

”اهو ڄاڻيندي به تون ساڻس شادي ٿي ڪرين.“

”ها بلڪل !“ ٿورو ڪلي.

”توکي چيم نه، مان ڏيءَ کي صرف گڏن سان راند رمڻ سيکاريندس.“ ۽ هن گڏو کڻي گڏيءَ جي پيرن تي اونڌو ڪيو ۽ ساڻس گڏ مون کي به کل اچي وئي.

(ماهوار ”سوجهرو“ ڪراچي جي ٿورن سان)

******

## ثميره زرين

# ايرڪا

ڊسمبر جي اداس ۽ سرد شام هئي. سج لٿي ڪا مهل گذري چڪي هئي. هو بستري تي ليٽيو ريڊيرس ڊائجسٽ جي پراڻن پرچن جي ورق گرداني ڪري رهيو هو. اڄ سرڪاري ڪاغذات نيڪال ڪرائيندي ڪرائيندي هو ايڏو ته بور ٿي ويو هو جو چاهيائين پئي ته ڪا گهڙي جيڪر ته ائين آرام ڪري. انهيءَ خيال تي عمل ڪرڻ لاءِ هن کي سواءِ انهيءَ جي ٻي ڪا به رڪاوٽ ڪين هئي ته اڄ رات جو ائين وڳي ڪيس ڊي ايس پي مسٽر سعيد جي گهر ڊنر تي پهچڻو هو.

هن جي دل چاهيو پئي ته جيڪر هو نه وڃي ۽ فون تي معذرت ڪري ڇڏي. پر پوءِ ڳالهه اها هئي، جو مسٽر سعيد جڏهن پهريون هتي چارج وٺي ساڻس ملڻ آيو ته هي هتي ڪين هو. هنيئر وري ڊنر تي اچڻ لاءِ انويٽيشن موڪلڻ کان پوءِ به فون تي جنهن خلوص سان اچڻ جو اصرار ڪيو هو. تنهن کي هو ريٽي ڪين پئي سگهيو. ناواقفيت هجڻ ڪري هو سندس نه وڃڻ تي ڪنهن غلط فهميءَ ۾ پئجي سگهيو ٿي. ان ڪري رياض کي وڃڻو پيو.

هن واچ ۾ ٽائيم ڏٺو پوڻا ست ٿيا هئا. اڃا سوا ڪلاڪ باقي هو. تنهن ڪري هو بي فڪريءَ سان بلئنڪيٽ مٿان وجهي ريڊرس ڊائجسٽ جا ورق اٿلائڻ لڳو.

ائين ڪندي ڪيس هرو پرو پڙهڻ جو خيال به ڪين هو پر پنهنجي عادت کان باز به ڪين اچي سگهيو ۽ رابرٽ ٿامس ايلين جي لکيل ”بٽ آءِ لائيڪ ٽو فائٽ وٽ مائي وائيف “ پڙهڻ ۾ اهڙو ته محو ٿي ويو جو ڪيس ياد ئي ڪين رهيو ته اٺ ٿيڻ ۾ باقي ٿورو ٽائيم مس آهي ۽ نسرين تيار ٿيڻ لاءِ ڪڏهن جو پنهنجي ڊريسنگ روم ۾
وڃي چڪي آهي.

هو مدهوشيءَ کان تڏهن سجاڳ ٿيو جڏهن نسرين تيار ٿي ٻاهر نڪتي. هن کي ايئن بيپرواهيءَ سان پڙهڻ ۾ مشغول ڏسي چڙ مان چيائين:

”اُف هي تنهنجا ڪتاب – جڏهن ڏس ته ڪتاب ۾ ئي منهن پيو آهي، ڀلا ڊنر تي ڪين هلڻو آهي ڇا؟“

سندس ناراضگيءَ جو ذرو به اثر قبول نه ڪندي رياض مرڪي چيو : ” پر ايني ڏس ته آئون پڙهان ڇا ٿو؟“ ائين چئي هن اسٽوريءَ جي هيڊنگ ڪٽي هن جي سامهون ڪئي. نسرين مرڪي چيو : ”واهه واهه مبارڪ خيال آهي.“

رياض بناوٽي اداسيءَ مان چيو :”پر افسوس منهنجي اها حسرت ڪڏهن به پوري ٿي نه سگهي. انهيءَ ۾ ڏوهه به سڄو تنهنجو آهي. ڀلا ڪوئي ايڏو پيارو نه لڳي ته ڪنهن کي گٽي پئي آهي، جو ايئن پيار ڪندو وتي.“

نسرين کان ٽهڪ نڪري ويو. ”ها, عقلمند به انهيءَ کي ٿو چئجي, جو ماڻهو پنهنجيون ڪمزوريون ٻئي مٿان مڙهي سگهي. چڱو يلا هاڻي جلد تيار ٿي وٺ.“

نسرين کان ٽهڪ نڪري ويو.”ها عقلمند به انهيءَ کي ٿو چئجي, جو ماڻهو پنهنجيون ڪمزوريون ٻئي مٿان مڙهي سگهي. چڱو يلا هاڻي جلد تيار ٿي وٺ.“

رياض بلئنڪيٽ پري ڪري اٿي ڪڙو ٿيو. هن کي چرچو سمجهي آيو. اوٻاسي ڏيندي چيائين :” اونهون سعيد وچي ڪڏ ۾ پوي, اسان کو نه ٿا هلون.“

ائين وري ڪيئن ٿيندو اڳ ۾ چوين ها ته مان تيار ڪو نه ٿيان ها؟“

”اڙي تڏهن تون تيار ٿي آئي آهين, يلا ڏسان ته...........“

ائين چئي هن ڊانهنس نهاريو ته ڏسندو ئي رهجي ويو. پيڪاڪ بلو رنگ جي سلڪ جي ساڙهي ۾ هن جو سڊول جسم يوناني تراشيل مجسمي جيان لڳو. هو اڪثر ميڪ اپ ڪين ڪندي هئي. پر اڄ ڪيو هئائين. هوءَ سچ پچ بيحد خوبصور نظر پئي آئي. هن مرڪي کيس چيو :” چنڊ به ڪيئن چوانءِ, ايني, جو ان ڏينهن لائيف مخزن ۾ شايع ٿيل چنڊ جون ويجهي کان نڪتل تصويرون ڏسي هاڻ ايئن چوڻ جي همٿ ئي نٿي ٿئي. هنيئر مان ته منجهي پيس ته توکي ڪنهن سان تشبيهه ڏيان؟“

”آئون به توکي چڪور ڪيئن چوان جو چڪور ته ننيڙو پکي آهي. تون پکي ته ڪو نه آهين ۽ پر به ڪو نه اٿئي.“

ائين چئي ٻئي کلي ويٺا. ”بس هينئر چرچو ختم, هاڻي جلد تيار ٿيءُ.“ نسرين کيس ياد ڏياريو. رياض چپٽي وڄائيندي چيو: ”منٽن ۾. يلا مان عورت ٿوروئي آهيان, جو مون کي هيئر ڊريسنگ ۽ ميڪ اپ ڪندي گهڻي وقت جي ضرورت ٿئي؟“ تڪڙو ڪپڙا بدلائي, هو ٻاهر نڪتو ۽ ٽاءِ ڳلي ۾ وجهي, هن نسرين اڳيان ٿورو ڪنڌ جهڪايو. هوءَ سندس مطلب ته سمجهي وئي ۽ ٽاءِ جي ناٽ ٻڌڻ لڳي ته رياض آهستي سندس وارن مان گل ڪڍي ورتو ”ويچارو معصوم گلڙو . ڏس ته ڪيڏو نه ڊنل ٿو نظر اچي. تنهنجن ڪارن ريشمي وارن ۾؟ “ ائين چئي هن گل پنهنجي ڪوٽ جي ڪالر ۾ وجهي ڇڏيو.

نسرين هٿ وڌائي گل ڪوٽ مان ڪڍي پلنگ تي اڇليندي ساڳئي نوع ۾ چيو ”ويچارو معصوم گلڙو ڏس ته ڪيڏو نه ڊنل ٿو نظر اچي, تنهنجي ڪاري ڪوٽ ۾. سمجهي ٿو شايد ڪنهن گهوٽ جي ڪوٽ جي زينت بڻيو آهيان. جيڪو پنهنجي ڪنوار ڏسندي ئي, مون کي وساري ڇڏيندو.“

رياض کان بي ساخته ٽهڪ نڪري ويو. کلي چيائين, ”تو ۾ شرارت نه هجي ها ته آءٌ توسان شادي ئي نه ڪريان ها.“

” ۽ مان به.“

ڪار ڊرائيو ڪندي اوچتو هن کي ياد آيو.

”ايني پلا، تون مسٽر سعيد جن کي سڃاڻين؟“
نسرين ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪئي.
رڪارڊ پليئر تي ڊيمي سر تي ٽينگو جو ڌن ٻنهي وچ رهيون هيون. ڊرائينگ هال مان سگريٽ ۽ سينٽس جي مليل خوشبو جو هٻڪارُ پئي آيو.
هو اندر آيا ته ميزبانن هنن جو پُرتپاڪ خيرمقدم ڪيو. نسرين، سعيد کي ڏٺو ته ڪا گهڙي هڪي ٻڪي رهجي وئي. مسز سعيد ته نه البت سعيد هن جو واقف نڪري پيو. هن حيرت مان چيو”اڙي سعيد تون. مون کي سچ پچ خبر نه هئي، نه ته آءُ............“
سعيد لڪل تنز مان وراڻيو ”پر مون کي ته اها خبر هئي ته مسز رياض نسرين آهي.“
رياض پنهنجي چرچائي عادت کان باز رهي نه سگهيو. کلي چيائين، ”تڏهن افسوس ڇئبو جو مسز سعيد منهنجي واقف نه نڪتي.“
مسز سعيد گهڙيءَ لاءِ پنهنجي موٽي جسم کي وساري ڪنوار ٻوتيءَ جيان شرمائجي وئي.
هو هلي صوفي تي ويٺا ته نسرين، رياض کي ٻڌايو ته ” ٻه اڍائي سال اڳ هي اسان جو پاڙيسري ٿي رهيو آهي ۽ منهنجي ساهيڙي شميم جو ياءُ به ٿئي.“
”اسان تن ڏينهن ۾ شايد هڪ شام گڏجي گذاري هئي،“سعيد نه چاڻ ڪهڙي جذبي تحت چيو.
رياض، سعيد کي ڏٺو. هو کليل ڪٽڪائي رنگ جو قداور جوان هو ۽ ڪافي سمارٽ پئي لڳو. هن جي اکين جي چمڪ ڏسي، اهو اندازو چڱيءَ طرح پئي ٿي سگهيو ته هو پوليس کاتي لاءِ بلڪل فٽ ماڻهو آهي. ۽ انهيءَ ماحول جي سختين ۽ بدمعاشين کان آجو ڪين رهي سگهيو آهي.
سندس مسز رنگ جي ته ڪافي سفيد هئي پر موٽي ايتري هئي جو ڪنهن به طرح سعيد جي زال نه پئي معلوم ٿي. هر ملندڙ کيس ڏسي سعيد جي قسمت تي افسوس ڪرڻ کانسواءِ ڪين رهي پئي سگهيو.
مجموعي طور سعيد ڪافي دلچسپ ماڻهو هو. رياض جلد هن سان بيتڪلف ٿي ويو. نسرين، مسز شيخ ۽ مسز سعيد سان ڳالهين ۾ مشغول ٿي وئي. مسز سعيد سان ملي کيس محسوس ٿيو ته هوءَ ذهني طور بلڪل بي وقوف قسم جي عورت آهي. ’الائي سعيد جهڙي جذباتي ۽ چالاڪ ماڻهوءَ جو هن سان ڪيئن نباهُه ٿيندو هوندو؟‘ نسرين سوچڻ لڳي.
اٽڪل ٻه اڍائي سال اڳ، نسرين ويڪيشن گذارڻ لاءِ دل ئي دل ۾ وڏا پروگرا ٺٽائي گهر آئي هئي. ته اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ سندس پڦي مري وئي، جنهن جي تعزيت وغيره جي ڪري هنن کي تفريحي پروگرامن کان گهٽا ڏينهن پاسو ڪرڻو پيو. سندس ماساتيون، پروين ۽ خالده، به گرميون گذارڻ زيارت هليون ويون هيون. سو اڪيلي حويلي هن کي کائڻ پئي ايندي هئي. انهن ڏينهن ۾ سعيد جن، سندس پاڙي ۾ پنجن سالن کان چڙيل خالي جاءِ تي اچي رهڻ لڳا هئا. ڪين ڏسي نسرين کي جڻ ساهُه پئجي ويو. مڙيوئي وقت گذارڻ لاءِ ڪا دلچسپي ته ملي.

توڙي جو سعيد جن سان ملي هن کي پتو پئجي ويو تہ هي ماڻهو خوشامد پسند ۽ خوشامد ڪرڻ وارن مان آهن. سندس ڪو جملو پوءِ ڊائيءَ کان خالي نہ هوندو هو. سندن گفتگو اڪثر هن قسم جي هوندي هئي، ”ڪالهہ شميم کي جيڪا نئلان جي ساڙهي پاتل هئي، اهڙي مون فلاڻي مسنٽر جي بيگم کي ڪاڪ ٽيل پارٽيءَ ۾ ڏٺي هئي. انهيءَ ڏينهن پاڻ جنهن سيٽ تي چانهہ پيتي سين اهو ڊيڊيءَ کي هڪ دوست بيجنگ مان گفٽ طور موڪليو هو.“

”هو پولو شرٽ جيڪا سعيد کي پئي آهي، اها ڪيس سندس هڪ دوست پنسلوانيہ مان موڪلي آهي ۽ هوءَ پينٽ جيڪا ان ڏينهن پئي هئس سا هڪ آمريڪي دوست ڪئليفورنيا مان موڪلي اٿس. انهيءَ جي خصوصيت اها آهي جو ان جي ڪريز گهڻي دير تائين خراب نہ ٿيندي آهي.“ وغيره..........

اهڙي قسم جي ڳالهہ ٻولهہ هن کي ڪڏهن بيزار بہ ڏاڍو ڪندي هئي. جتي وڻ ناهي اتي ڪانڊيرو ئي درخت. جيان مڙيوئي نباهڻو پيس، پلا هيڏو سارو جبل جيڏو ڏينهن هوءَ ويهي ڪري تہ ڇا ڪري؟ ڪتابن سان بنهہ ڪو نہ پوندي هئس. ڪاليج جي پڙهائيءَ سان لاچار پئي نباهيائين، ذهين هئي نہ تہ هر سال فيل ٿيڻ جو اعزاز ڪٽڻو پويس ها. ان جي باوجود هوءَ ڪاليج ۾ ڏاڍي هر دلعزيز هئي. سندس پارٽ وٺڻ کان سواءِ ڪنهن فنڪشن جي ڪاميابي ناممڪن نظر ايندي هئي. ڪامن روم ۾ هن جي اچڻ کان پوءِ ڇڻ ٺهڪڙن جو جلترنگ شروع ٿي ويندو هو. اها طبعي مسرت هن جي چهري تي بہ صاف نمايان هوندي هئي. هن جو مکڙو سدائين گل جيان پيو ٽڙندو هو.

عادت موجب هوءَ سعيد جن سان بہ جلد بي تڪلف ٿي وئي. هن جي عادت لاپرواهہ ۽ حد درجي جي پُرخلوص قسم جي تہ هوئنئن ئي هئي، ويتر جو سعيد ۽ شميم هن کان بہ چار سال ننڍا هئا، تنهن تہ هن کي ذري بہ احتياط جي ضرورت محسوس ڪرڻ ڪين ڏني.

سعيد انٽر آرٽس پڙهي رهيو هو ۽ شميم بي اي جي آخري سال ۾ هئي. سعيد جي قابليت جو پتو ان ڳالهہ مان بخوبي پئجي سگهيو ٿي تہ هن مئٽرڪ ٽئين سال پاس ڪئي هئي. هن تہ پهريون درجو انگريزيءَ جو پڙهڻ کان ئي ڪاليج جي رنگينين جا خواب لهڻ شروع ڪيا هئا. پر ڪمبخت مئٽرڪ کي بہ هن سان ڪو وير هو. جو ڪاليج ۾ گهڙڻ ئي ڪو نہ پئي ڏنائينس. نيٺ مس مس جڏهن هِتان هُتان جي ڏُڪَ ڊوڙ کان پوءِ جند آزاد ٿيس تہ بسم الله ڪري دل تريءَ تي رکي ڪاليج ۾ گهڙي پيو.

گهرندڙ کي ڪير نہ گهري، شڪل صورت بہ متاثر ڪندڙ هئس. ڏينهن ۾
ڏهہ رومان پيو لڙائيندو هو.

هن دفعي مائٽن جي اصرار تي لاچار ڳوٺ آيو پر پوءِ نسرين کي ڏسي سندس ناگواري پر ڪري اڏامي وئي، هنيئر اها شام نہ هوندي هئي، جيڪا هنن گڏ نہ گذاري هجي.

هڪ دفعي شام جو شميم پنهنجي مائٽن سان ملڻ وئي. سعيد کي بہ تنهن ڏينهن ڪرڪيٽ مئچ ڏسڻ وڃڻو هو. هوءَ باغ ۾ چپ چاپ ويٺي رسالو ”مرر“ ڏسي رهي هئي تہ پريان سعيد کي ايندو

ڏنائين. ڪيس خبر هئي تہ هو مئچ ڏسڻ پئي ويو. پر هيئنر جو وٽس آيو آهي تہ ظاهر هو تہ ڪيس پنهنجي پينٽ جي ڪريز ۽ جئڪيٽ جي خوبصورتي ڏيکارڻ کان سواءِ ٻيوخيال ڪين هوندس !!. نسرين کي مذاق سجهي آيو. هن ڪائنس پڇيو "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

"..........................!!"

"چڱو اچ تہ بيڊ منٽن کيڏون. طبيعت سست پئي معلوم ٿئي."

هو اجا ڪيس ڪجهہ چوي، تنهن کان اڳ نسرين رئڪيٽ کڻي اچي هن جي هٿ ۾ ڏني. هو چپ تہ ڏاڍو ٿي ويو پر هينئر ڪري تہ ڇا ڪري؟ ٻيلا هيءَ بہ ڪا راند هئي؟ گل جي ماپ جيترو شٽل ڪاڪ ۽ تاريءَ مثل نازڪڙي رئڪيٽ پڇي بہ اڏ ڪري، هتان هليو وڃي. نسرين ڪيس سوچ ۾ ڏسي، پنهنجي شرارتي مرڪ لڪائي لاڏ مان چيو "هل نہ. ڇا پيو سوچين؟"

تڏهن الائي ڇو ڪائنس انڪار ڪرڻ پڇي نہ سگهيو. دل ئي دل ۾ سڙندو پچندو، هو بيڊمنٽن ڪورٽ ڏانهن هليو. پر سندس، ناگواري گهڻو وقت هلي نہ سگهي. هن جون بڪايل اکيون نسرين کي کيڏندي سندس جسماني چر پر جو جائزو وٺي رهيون هيون ۽ اها ڳالهہ هن لاءِ ڪنهن بہ طرح ڪرڪيٽ کان گهٽ دلچسپ ۽ گهٽ اهميت واري ڪين بڻي. جڏهن نسرين ڏٺو تہ سندس وڃڻ جو ٽائيم بنهہ نڪري ويو، تڏهن رئڪيٽ اڇلي چيو "بس هيئنر مان ٿڪجي پيس." ائين چوندي هوءَ اندر هلي وئي.

ٻئي ڏينهن هن شميم کي سعيد جي اها پوڪپائي ٻڌائي ڏاڍا ٺهڪ ڏنا هئا.

***

هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي البم ۾ پنهنجا نوان پرنٽ ٿيل فوٽو لڳائي رهي هئي تہ شميم وٽس لنگهي آئي ۽ سندس هڪ تصوير، جيڪا سڄي البم ۾ بيحد سٺي هئي، اها ايلاز ڪري وٺي هلي وئي. نسرين دل ئي دل ۾ پنهنجي سٺي تصوير جي کڄي وڃڻ تي خار ڪائيندي رهي.

"مصيبت آهي هنن جي دوستي بہ. انڪار ڪيم تہ بہ تصوير کڻي وئي." سندس موڪلون ختم ٿيون تہ هر ڪو پنهنجي پڙهائيءَ کي وڃي لڳو. نسرين کي مشغولين ۾ اها نئين دوستي ياد بہ ڪين رهي.

سياري جي موڪل ۾ هوءَ گهر آئي تہ ڪيس پتو پيو تہ سعيد جن بہ هفتو اڳ اتي آيل هئا. رسمي طور هوءَ ساڻن ملي تہ سهين، پر هيئنر ڪيس انهن جي بڪواس برداشت ڪرڻ جي ضرورت ڪين هئي. ڇو تہ خالده جن گهر ۾ ئي هيون ۽ نہ ئي هو ڪو هن لاءِ وينا هئا. هوءَ آئي تہ وري اڳي جيان اچڻ وڃڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنائون. هڪ ڏينهن هنن ڪيس پنهنجي گهر چانهہ جي دعوت ڏني.

هوءَ شام جو سندن گهر وئي. تنهن ڏينهن هنن ڊائننگ ٽيبل اهڙي تہ اهتمام سان سينگاري هئي، جو هوءَ سمجهي نہ سگهي تہ آخر اهڙي طرح اٿر ويهارڻ جو سبب ڪهڙو هو؟

هو ٽيئي ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويا. نوڪر چانهه تيار ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ته سڀ اٿي کڙا ٿيا. نسرين پنهنجو اوورڪوٽ پئي لاٿو ته سعيد ويجهو اچي کيس چيو :

”افسوس جو اسان وٽ ڪو اهڙو ڄاڻو سکيل نوڪر ڪونهي، جيڪو پارلر مين جا فرائض سرانجام ڏئي سگهي. بهرحال آئون تنهنجي هيءَ خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

پارلر مين رکڻ جو رواج ته مغربي ملڪن ۾ هو. هتي وچولي طبقي کي نه ته ملاقاتين لاءِ خاص نوڪر رکڻ جي ضرورت هئي ۽ نه وري سندس رواج ۾ داخل هو. نسرين کي سعيد جي اهڙي ذهنيت تي دل ئي دل ۾ کل اچي وئي، جڻ لاٽ جوپُٽ هجي. جو ملاقاتين لاءِ الڳ نوڪر رکندو!.

هن سوچيو ۽ کلي چيائينس: ” مون کي ڪهڙو اعتراض، البت توکي سو ڊائيننگ ٽيبل تي بنهه نوڪر جيان سَروَ ڪرڻو پوندو.“

سعيد جهومندي چيو ”منظور آهي.“

ڪوٽ لاهيندي هن جا هٿ ڄاڻي واڻي نسرين جي ڪلهن ۽ ٻانهن کي ڇهندا ويا. نسرين جي چهري تي ناگواري گذري وئي سندس انگريزيت جي حد کان وڌيڪ مظاهري کان تنگ ٿي، موٽندي آخر هن کيس چئي ڏنو ”سعيد ! اسان ته توکي يورپي سمجهڻ لاءِ تيار آهيون، پر خدا جي واسطي انگريزيت جو ايڏو مظاهرو ته نه ڪندو ڪر. جملي ۾ انگريزي ٽنبي تو سنڌيءَ جو اهڙو ته ستيا ناس ڪيو آهي، جو ٻئي ڪنهن نه ڪيو هوندو؟“

پر هن جي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن هن لچي ٿيڻ بدران چيو. ”ڇا، سچ مان يورپي ٿو لڳان؟“

”ها، اهڙو جهڙو هر نقلي شئي لڳندي آهي.“ هن آهستي پڙڪيو. پارٽيءَ تان موٽڻ بعد سعيد متعلق هن جو اهو ئي خيال هو ته هو حد کان وڌيڪ چرپٽ ڇوڪرو آهي.

هو رات جو ٽرين ۾ ڪراچيءَ پئي ويو. نسرين پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پئي هئي ته اوچتو سعيد اندر گهڙي آيو. هوءَ کيس ڏسي اٿي کڙي ٿي ويٺي.

سعيد هتان هتان جي ڳالهين کان پوءِ کيس چيو ”مون کي توکي ڪجهه چوڻو آهي. ڪير ڄاڻي هن کان وري پوءِ اهو موقعو ملي يا نه؟“

”نه، نه ڀلي چئو ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

پوءِ سعيد سون ڪتابن جو نچوڙ هڪ عبارت ۾ پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو.”آءِ لو يو نسرين.“

نسرين جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون. گهڙي کن لاءِ ته هوءَ گم سم ويٺي رهي. نيٺ هڪ سوال هن جي واتان نڪتو ”پر تنهنجي دل ۾ آخر اهو ويچار ڪيئن آيو؟“

سعيد اکيون کڻي مٿي ڏنو. نسرين جي نگاهن ۾ نه ته پيار جي جهلڪ هئي ۽ نه شرم آميز خوشي. هن جي نظرن ۾ سواءِ حيرت جي کيس ٻيو ڪجهه نظر نه آيو.

”پلا مان ڇا سمجهان؟“ سعيد چيو.

”اوهه مان هن سلسلي ۾ وڌيڪ هڪ اکر به ٻڌڻ نه ٿي چاهيان. تون هتان هڪدم هليو وڃ. “ نسرين عجيب پريشانيءَ مان سخت لهجي ۾ چيو.

ناڪامي ۽ شرمندگيءَ جي احساس ڪان سعيد جا ڪن ڳاڙها ٿي ويا. ڪاوڙ مان نسرين جي هٿن جون مٺيون پڪوڙجي ويون. هن جي دل ۾ آيو ته جيڪر هن کي زور سان اهڙي چماٽ هڻي ڪڍي جو سندس آڱرين جا نشان هن جي ڳلن تي ڇمي وڃن ۽ هن جي اکين مان حيرت پر ڪري اڏامي وڃي. جوش ۾ هو ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

”ڪمبخت، بيوقوف!“

سعيد هليو ويو پر نسرين دير تائين گم سم ويٺي رهي، هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. ڪيس سعيد تي ڪاوڙ ڪان وڌيڪ حيرت ٿي رهي هئي. هوءَ ڪانئس گهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهه سال وڏي هئي. آخر ڪيس اهڙي بيوقوفاڻي حرڪت ڪرڻ جو خيال ڪيئن آيو؟ پاڻ سان وڏيءَ سان عشق، سو به ايڏي بيباڪيءَ سان! هن کي سعيد جي ذهنيت ڪان بيحان اچڻ لڳي. اُف اهڙا انڌا جذبا. هن کي ويچار آيو ته سندس ضرورت ڪان وڌيڪ بي تڪلفي ۽ لفت به سعيد کي هن بيوقوفاڻي حرڪت جي همٿ ڏني هوندي، ”توبهه مصيبت آهي، ڪمبختن سان ڪلي ڳالهاءِ ته ڳلي پئجي ويندا.“ هن پنهنجي منهن پٽڪيو.

اها رات سو ڪافي دير هوءَ سعيد متعلق سوچيندي رهي، پر پوءِ هو هن جي ذهن تان هڪ بي ربط خواب جيان ميسارجي ويو.

ان ڪان پوءِ سعيد وري ساڻس ڪو نه مليو.

انهن ڏينهن ۾ هن جي رياض سان بيحد مختصر ملاقات ٿي. هو سندس پرانهون مائٽ هو. سندس سنجيدگي ۽ خوش مزاجي نسرين جي دل ۾ گهر ڪري وئي ۽ هو ٻئي هڪ ٿي ويا.

سندن شاديءَ کي ٻه سال گذري چڪا هئا. رياض نهايت صاف دل ۽ بيپرواهه قسم جو جوان هو. توڙي جو نسرين ۽ هن جي خيالن ۾ ڪافي اختلاف هو پر ان جي باوجود هنن جي وچ ۾ ڪڏهن تلخي پيدا نه ٿي هئي. هوءَ رياض جي رڳ رڳ ۾ سمايل هئي ۽ رياض هن جي رت جي ڦڙي ڦڙي ۾. اهڙيءَ صورتحال ۾ سعيد هن لاءِ هڪ وسريل واقعي ڪان وڌيڪ ڪا اهميت ڪ نه پئي رکي.

اڄ اوچتو سعيد کي ڊي ايس پي بڻيل ڏسي هن کي ڪجهه حيرت به ٿي ۽ ان سان گڏ هن کي سندس آخري ملاقات به ياد اچي وئي.

****

مسز سعيد ڊائيننگ ٽيبل نظر مان ڪڍي هلي وئي. پروفيسر زيديءَ ڪيس چيو ”ڪيئن، بيگم رياض، اڳئين دفعي ته توهان سنڌي ڪڙميا ٽي بڻجي، فينسي ڊريس ۾ فرسٽ پرائز حاصل ڪيو هو هيئنر ڇا بڻجڻ جو ارادو آهي؟“

”آءُ هينئر ئي ٻڌائي ڇڏيان تہ توهان جي سجاڳڻ جي لياقت جو پتو ڪيئن پوندو؟“ نسرين مرڪي چيو.

سيعد چوڻ لڳو ”پر ڪنهن ماڻهوءَ جي ارڪانن ۾ اهڙي خصوصيت هوندي آهي، جو لڪن جي ميڙ ۾ ڪهڙي بہ لباس ۾ هجي، سجاڳڻ ۾ دير نہ لڳندي آهي. پانيان ٿو تہ بيگم رياض انهن منجهان آهي.“

ايتري ۾ نوڪر ڊنر لڳڻ جو اطلاع ڏنو تہ سڀ ڳالهين کي ڇڏي اٿي کڙا ٿيا.

نسرين ڊائيننگ ٽيبل ڏانهن پئي وئي تہ سندس پرسان لنگهندي سعيد کيس سرگوشي ڪئي، ”مسز رياض آءُ اڄ بہ توهان لاءِ پارلر مين جا فرائض سرانجام ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

نسرين جي بدن ۾ جڻ باهہ لڳي وئي. هن ڪافي گهري ۽ طنزيا لهجي ۾ چيو ”آءُ مغربي تهذيب کي اول ڪان آخر تائين پنهنجو ڪرڻ پسند ئي ڪو نہ ٿي ڪريان، تنهن ڪري اهو سوال ئي نٿو اٿي تہ تون مون لاءِ پارلر مين بڻج.“

جوش ۾ سندس آواز ڪجهہ وڏو ٿي ويو. غير ارادي طور تي رياض منهن ڦيري کيس ڏٺو. سعيد جون اکيون جهڪيل ۽ نسرين جي چهري تي ناراضگي ڏسي هو ڪجهہ هڪو ٻڪو ٿي ويو پر پوءِ اڳتي وڌي ڪرسيءَ تي ويٺو. ڊنر کان پوءِ ٿورور گهڻو راڳ جو پروگرام شروع ٿيو. مجموعي طور هيءَ ڊنر پارٽي ڪافي دلچسپ رهي ۽ سڀني ان مان لطف ورتو. جي ڪنهن کي ان مان لطف نہ آيو تہ اهو هو سعيد جنهن جي رڳن ۾ نسرين کي ڏسندي جڻ چٽگون پرجي ويون هيون. هن جي ذهن ۾ گهڙي گهڙيءَ اهو خيال پئي آيو تہ کيس شادي ڪئي بہ سال کن گذري چڪا هئا، پر اڄ بہ سندس چهري تي ڪنوارين جهڙي نزاڪت هئي. ڪو اٽواقف تہ کيس ڏسي شادي شده چوڻ جي همٿ ئي نہ پئي ڪري سگهيو. ٻئي طرف سندس زال، جيڪا سندس زال تہ نہ پر ماسي معلوم پئي ٿي. ان کان بہ وڌيڪ هن جي دل کي بي آرام ڪرڻ واري ڳالهہ اها هئي تہ نسرين ۽ رياض هڪ ٻئي جي رڳ رڳ ۾ سمايل هئا. اهو اندازو هن جون شاطر نگاهون گهڙيءَ ۾ سهي ڪري ويون هيون. رياض جو ڳالهہ ڳالهہ ۾ نسرين جو ذڪر ڪرڻ انهيءَ ڳالهہ جي شاهدي ڏئي رهيو هو تہ هوءَ سندس زندگيءَ جي اول ۽ آخر ساٿياڻي هئي، جنهن کان سواءِ هو ٻي ڪنهن هستيءَ بابت سوچڻ لاءِ بہ تيار ڪين هو. آهستي آهستي سڀ مهمان رخصت ٿي ويا، ان رات هن پنهنجي مقدار کان وڌيڪ شرابُ پيتو. سعيد خوش مزاج هو. رياض کي تہ اهڙا دوست کپندا هئا، سو هو جلدي ان سان گهرو ٿي ويو.

هفتي کن کان نسرين جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي ۽ رياض هميشہ جيان پريشان ٿيڻ بدران ڪجهہ چپ چپ پئي لڳو. صبح کان وٺي برسات پئي هئي. نسرين آتشدان جي پرسان نٽنگ ڪري رهي هئي. رياض پرسان بيدليءَ سان ويٺي سرڪاري ڪاغذات ڏٺا.

نسرين خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو. ”ڪيترا ڏينهن تہ آءُ اڪيلي گهر ۾ ويهي بور ٿيندي رهيس، اڄ سوچيم پئي تہ ٻاهر نڪرنديس تہ برسات ڪرفيو آرڊر لڳائي ڇڏيو.“

”هيترا ڏينهن برابر تون ساڻ نہ هوندي هئينءَ پر تنهنجيون ڳالهيون تہ هونديون هيون. ايني، اُن ڏينهن بہ سعيد تنهنجي متعلق ڪافي دلچسپ ڳاليهون پئي ٻڌايون، مون کي تہ ريس پئي ٿي تہ آءٌ ان وقت توسان ڇو نہ مليو هوس.“

نسرين جي دل الائي ڇو لرزي وئي. هن آهستگيءَ مان ورائيو ”ان وقت نہ مليئن تہ ڪهڙو فرق پيو؟ ڇا هينئر اسين گڏ نہ آهيون؟“

رياض جي چپن تي مرڪ ڦهلجي وئي هن آتشدان ۾ باهہ جي شعلن ۾ اکيون کپائيندي چيو ”ڪالهہ هن پنهنجو البم ڏيکاريو ان ۾ تنهنجي هڪ تصوير بيحد سٺي هئي، مون کي ايتري تہ وڻي وئي جو دل پئي چيو تہ جيڪر ڪائنس گهران پر پوءِ سوچيم تہ هن کان وڌيڪ تہ آءٌ توتي هجت رکي سگهان ٿو. سو توکان ڇو نہ توکي گهران؟“

نسرين هڪي ٻڪي ٿي وئي، گهٻراهٽ مان چيائين، ”منهنجي تصوير پر اها تہ مون شميم کي.............“

رياض سندس ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏيندي چيو : ”ها ايني نيگيٽو ڪاپي آهي توڙي پتو اٿم تہ ٻي پازيٽيو پهرينءَ جهڙي سٺي پازيٽيو ٿي نہ سگهندي آهي پر پوءِ پهرين تصوير حاصل ڪرڻ تہ منهنجي وس ۾ ئي نہ آهي.

ائين چوندو هو هلڪي سر ۾ سينڊ وڄائيندو لئبريريءَ ۾ هليو ويو. سندس لڪل ٽوڪ نسرين جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا. ٻئي ڏينهن سج ساڳيءَ چمڪ سان آسمان تي چمڪي رهيو هو ۽ هر ڳالهہ حسب معمول ٿي رهي هئي. فرق رڳو اهو هو تہ ڳالهائيندي ڳالهائيندي رياض ڪجهہ ماٺ ٿي پئي ويو. نسرين جا گهڙي واندي هئي سو وقت سوچ ۾ گم هئي.

رياض جي اکين جي اداسائي ۽ راز ڀري ماٺ ڪنهن ايندڙ طوفان جو پتو ڏئي رهي هئي. نسرين موقعي جي تلاش ۾ هئي تہ کيس ڪجهہ چوي، پر رياض جڻ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪين پئي ڏٺو. جتي بدگماني پنهنجا پير کوڙي اتي پوءِ ڪٽين پٿر سان متو ٽڪرائجي تہ بہ اعتبار جوڳو ٿيڻ ڏکيو هو. هنن جي وچ ۾ جڻ شيشي جي ديوار اڇي وئي هئي، جنهن مان هو هڪٻئي کي ڏسي سگهيا ٿي پر هڪٻئي جي احساسن کي محسوس نہ ٿي ڪري سگهيا. سڄو ڏينهن بنگلي تي هولناڪ خاموشي ڇانيل رهي جيڪا گونگي زبان ۾ چئي رهي هئي طوفان اڃا آيو ڪي آيو.

اڄ پروفيسر زيديءَ فون تي رياض کي ٻڌايو ”سعيد ڏاڍي ڪوشش سان پنهنجو ٽرانسفر ٻي جڳهہ ڪرايو آهي ۽ هفتي کن ۾ هو هتان هليو ويندو. ايتري قدر جو هو فيئر ويل پارٽيون وٺڻ لاءِ بہ ڪين ٿو ترسي.“ هيءَ خبر ٻڌي رياض ائين محسوس ڪيو جڻ ڪنهن هن جي دل کي مٺ ۾ جهلي زور سان دٻايو هجي. تڪليف ۽ بيقراريءَ ڪان هن جي عجيب حالت ٿي جنهن ڳالهہ کي صحيح سمجهڻ لاءِ هن جي دل تيار ڪين پئي ٿي. هينئر ان کي غلط سمجهڻ لاءِ کيس ڪو بهانو نہ ٿي ملي سگهيو.

شام جا پاڇا لڙي ويا. رات ستارن جڙيل چادر پهري چوطرف پکڙجي وئي.

ٻاهر رات جي راڻيءَ جي هلڪي خوشبوءَ بيقرار ڪنهن جي هٿن ۽ وارن کي ڳوهي رهي هئي. بنگلي ۾ خوفناڪ سناٽو ڇانيل هو رڳو ٻن ڪمرن مان هلڪي روشني اچي رهي هئي. بيڊ روم ۾ نسرين پلنگ تي اونڌي ليٽي سڏڪا ڀري رهي هئي. ڊائيننگ ٽيبل تي رکيل کاڌو ڪڏهوڪو ٺري بيڪار ٿي ويو هو. رياض پنهنجي لئبريريءَ ۾ وينو سگار پي رهيو هو. سندس وڏين ذهين اکين ۾ اوجاڳو ۽ الڪو جهلڪي رهيا هئا. هو بي مقصد ڪارنس تي رکيل چغتائي جي تصوير 'حيا' کي گهوري رهيو هو.

هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو, ڄڻ هو رڄ ۾ اڪيلو رهجي ويو هجي, سندس قافلو ۽ سندس مسرتن جا ساٿي ڪيس ڇڏي اڳتي وڌي ويا هجن. هينئر هن جي آسپاس ڪجھ بہ ڪين هو. سواءِ رڄ جي........... سندس زندگيءَ جي مسرتن جي راڻيءَ کي ڄڻ ننڊ اچي وئي هئي. جنهن کي هو هنيئر ڪڏهن بہ سجاڳ ڪري ڪين سگهندو. رات ڪافي لڙي وئي هئي.

رات جي راهي نگهبان چنڊ, پنهنجي بزرگاڻي تجربي کان مجبور ٿي اوسيئڙي وچان ڏرتيءَ کي اونڌاهيءَ ۾ ويڙهيل هڪ بنگلي ڏانهن نهاريو. هن ڏٺو :

ڪنول جي گل جهڙي نازڪ نينگريءَ کي سڏڪا ڀريندي ننڊ اچي وئي هئي. هن جا وار وهاڻي تي پريشان پيا هئا. بيڊ لئمپ جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن جي ڳلن تي ڳوڙهن جا نشان نظر اچي رهيا هئا, سندس چهرو بيوهہ جيان سوڳوار پئي لڳو. چنڊ کان افسوس وچان ٿڌو ساهہ نڪري ويو هن ٻئي ڪمري ڏانهن نهاريو جنهن جي روشندان مان تيز تيز روشني پئي آئي, هن ڏٺو آتشدان جي ڀرسان آرام ڪرسيءَ تي هڪ جوان ننڊ ۾ ليٽيو پيو هو هن جي ٻانهن هيٺ پئي لڙڪي ۽ ٽنگون ننڍي ٽپائي مٿان رکيل هيون. ڀرسان رکيل ايش ٽري ۾ لاتعداد سگريٽن جا ٽوٽا پيا هئا. هن جي ڪشادي پيشانيءَ تي پيل گهنج, هن جي بي آرامي ۽ بيقراريءَ جي غمازي ڪري رهيا هئا. آتشدان ۾ پيل ٻاهہ مٿان رَکَ ڄمي وئي هئي. پر هن جي دل ۾ اڃا تائين ٻاهہ دکي رهي هئي, جنهن جي شعلن ۾ هن جون مسرتون جلي ويون هيون. جنهن جي تپش کان هن جي اک بار بار کلي ٿي وئي.

ٻاهر باغ ۾ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءَ اڃا تائين بيقرار ڪنهن کي ڳولهي رهي هئي, هوءَ ڪنهن جي هٿن ۽ ڪنهن جي وارن کي پرچائڻ لاءِ بنگلي جي بند دروازن سان مٿو ٽڪرائي رهي هئي, پر ڪيس اندر وڃڻ جو رستو ڪين پئي مليو, تان جو پرهہ ڦٽي وئي ۽ چنڊ اداسائيءَ وچان دور پهاڙن پٺيان لڪي ويو.

(ماهوار 'سوجهرو' جي ٿورن سان)

## جبران خليل جبران
### ستار پيرزادو

# دوست

منهنجا دوست، مان اهو نہ آهيان. جيڪو نظر ٿو اچان. منهنجو ظاهر تہ اصل ۾ منهنجو لباس آهي. هائو فڪر ۾ ڏڪ پريو هڪ لباس، جيڪو مون کي تنهنجن سوالن کان پناهہ ۾ رکي ٿو ۽ توکي منهنجي بي اعتماديءَ جو گلا گو ڪرڻ کان بچائي ٿو. منهنجو روح خاموشيءَ جي پردن ۾ لڪل آهي ۽ هميشہ اتي لڪو رهندو نہ ان کي ڪو ڏسي سگهندو ۽ نہ ئي ڪو ان تائين پهچي سگهندو.

اي منهنجا دوست، مان ائين نہ ٿو چوان تہ مان جو ڪجهہ چئي رهيو آهيان، تون ان کي سچ سمجهہ ۽ جو ڪجهہ مان ڪريان ٿو، تون ان جي تائيد ڪر، ڇو تہ منهنجيون ڳالهيون منهنجيون ناهن پر تنهنجن ئي خيالن جو پڙاڏو آهن ۽ منهنجا افعال تنهنجيون ئي اميدون آهن. جيڪي مجاز جي لباس ۾ ظاهر ٿين ٿيون.

منهنجا دوست، جڏهن تون چوين ٿو تہ هوا جو رخ اوڀر ڏانهن آهي، تڏهن مان هاڪار ٿو ڪريان تہ برابر هوا جو رخ اوڀر ڏانهن آهي. ڇو تہ مان توکي نہ ٿو ٻڌائڻ چاهيان تہ ان ويل منهنجي ذهن جي هوا جي بدران سمنڊ جو خيال آهي. تون منهنجي بيچين خيالن جي گهرائيءَ تائين پهچي نٿو سگهين ۽ نہ مان ئي چاهيان ٿو تہ تون انهن جي تري تائين پهچين، ڇو تہ مان سمنڊ تي اڪيلو ئي رهڻ ٿو گهران.

منهنجا دوست، جڏهن تولاءِ ڏينهن هوندو آهي، تڏهن مون لاءِ رات هوندي آهي. ان هوندي بہ مان منجهند جي انهن سونهري ڪرڻن جي ڳالهہ ڪندو آهيان، جيڪي پهاڙن تي ناچ ڪندا رهندا آهن. ۽ ان ارغواني چانوري جون ڳالهيون ڪندو آهيان، جيڪو واديءَ جي هوريان هوريان ڇانئبو ويندو آهي. ڇو تہ تون منهنجين اونداهين جا گيت ٻڌي نہ سگهندين ۽ نہ ستارن وٽ مون کي پر ڦڙڪائيندي ڏسي سگهندين. منهنجي دل بہ اهو ئي چاهي ٿي تہ تون منهنجا گيت نہ ٻڌي سگهين نہ منهنجي پرن کي ڦڙڪندو ڏسي سگهين. ڇو تہ مان رات جو اڪيلائيءَ ۾ ئي رهڻ پسند ڪندو آهيان. منهنجا دوست جڏهن تون پنهنجي جنت ڏانهن پرواز ڪندو آهين، تڏهن مان پنهنجي دوزخ جي اونهائين ۾ لهي ويندو آهيان. ان وقت بہ تون مون کي اپار خليج ۾ سڏيندو آهين.

منهنجا همدم، منهنجا ساٿي، مان توکي ”منهنجا ساٿي، منهنجا همدم“ چئي جواب ڏيندو آهيان، ڇو تہ مان نہ چاهيندو آهيان تہ تون منهنجي دوزخ کي ڏسين، ڇو تہ ان جون جهيون تنهنجين اکين جي نظر کي چنجهو ڪري ڇڏينديون ۽ ان جو دونهون تنهنجو ساهہ بند ڪري ڇڏيندو. مون کي پنهنجي دوزخ سان ايتري محبت آهي جو مان نہ چاهيندو آهيان تہ تون اتي اچين. مان پنهنجي دوزخ ۾ اڪيلو ئي رهڻ پسند ڪندو آهيان.

منهنجا دوست، توکي سچ، سونهن ۽ سئين واٽ سان محبت آهي ۽ مان بہ تولاءِ ايئن پائيندو آهيان تہ انهن شين سان توکي محبت ڪرڻ بجا ۽ لازم آهي، پر مان دل ۾ تنهنجي ان محبت تي کلندو آهيان. ان جي باوجود بہ مان اهو نہ چاهيندو آهيان تہ تون منهنجي اها کل ڏسي سگهين، ڇو تہ مان کلڻ لاءِ بہ هيڪلائي پسند ڪندو آهيان.

منهنجا دوست، تون نيڪ محتاط ۽ جهانديده آهين، مان ڄاڻان ٿو تہ تون هر ڳالهہ ۾ نرالو آهين منهنجا دوست. ان ڪري مان بہ توسان سوچي سمجهي ڳالهيون ڪرڻ چاهيندو آهيان. ان جي باوجود بہ مان ديوانو آهيان ۽ پنهنجي ديوانگيءَ کان ڏار رهڻ پسند نہ ڪندو آهيان. منهنجا دوست، حقيقت ۾ تون منهنجو دوست ناهين، منهنجا دوست، پر مان توکي اهو ڪيئن سمجهايان تہ منهنجو رستو تنهنجي راهہ کان مختلف آهي. ان جي باوجود بہ اسين هٿ ۾ هٿ ڏئي، گڏجي هلي رهيا آهيون.

********

# ست عنصر

رات جو سناٽي ۾ جڏهن مان اڌ جاڳ، اڌ ننڊ ۾ هوس، تڏهن منهنجا ست عنصر پاڻ ۾ هيئن سُس پُس ڪرڻ لڳا.

پهريون عنصر: مون هن ديواني سان ڪيترا ورهيہ گهاريا آهن، ان عرصي دوران منهنجو ڪم ان کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو تہ مان ڏينهن جو سندس درد تازو توانو ڪريان ۽ رات جو سندس ڏک نيئن سر پيدا ڪريان، اها روز جي مصيبت مون کان سني نہ ٿي ٿئي ۽ هاڻ مان بغاوت ڪرڻ تي آماده ٿي ويو آهيان.

ٻيو عنصر: ادا تنهنجي حالت مون کان بهتر آهي. مان هن ديواني جي خوشين جو ساٿي آهيان، سندس کلڻ تي کلندو آهيان. سندس خوشبختيءَ جا گيت ڳائيندو آهيان، مون کي هن جي نچندڙ خيالن سان بيخبر ٿي نچڻو پوندو آهي. تنهنجي بدران مان پنهنجي ڏکويل زندگيءَ جي خلاف احتجاج ڪندس.

ٽيون عنصر: مون محبت جي مُنل جي باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟ جيڪو هيجاني جذبات ۽ عجيب و غريب خواهش جي هڪڙي پڙڪندڙ چيچي آهي؟ نہ اهو مون بدنصيب محبت جو ڪم آهي تہ مان هن ديواني جي خلاف بغاوت ڪريان.

چوٿون عنصر: مان اوهان سڀني کان وڌيڪ تڪليف ۾ آهيان، ڇو تہ منهنجي ذمي نفرت، حقارت جي تباهہ ڪندڙ جذبن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. مان اهو بدنصيب قسمت طوفاني عنصر

آهيان، جنهن جي پيدائش دوزخ جي اونداهين ڪاهين ۾ ٿي، مان هن ديواني جي غلاميءَ جي خلاف بغاوت ڪندس.

پنجون عنصر: بغاوت ڪندڙ عنصر مان آهيان، جيڪو غور ۽ فڪر جو عادي آهيان، جو هر وقت سوچ ويچار ۾ گم رهندو آهيان. مون کي پنهنجي بک ۽ اڃ اجهائڻ لاءِ نين نين شين جي تلاش هوندي آهي، انهن مبهم ۽ اڻ ڏٺل شين جي تلاش ۾ جنبيل رهندو آهيان. جيڪي اڃا پيدا ئي نه ٿيون آهن. ها، اها بغاوت ڪرڻ وارو عنصر مان ئي آهيان، اوهين نه آهيو.

ڇهون عنصر: مان عمل جو عنصر آهيان_ هڪ رحم جوڳو پورهيت. جيڪو ٽڪل هٿن ۽ آسائتين اکين سان پنهنجي ڏينهن کي ڪيميائي تصورات ۾ بدلائيندو آهيان. ۽ غير محسوس شين کي نئون ۽ دائمي روپ عطا ڪندو آهيان. اهو مان ئي آهيان، جيڪو ان ديواني جي خلاف بغاوت جو جهنڊو ايو ڪرڻ ۾ توهان مڙني کان اڳي ويندس.

ستون عنصر: ڪيتري عجيب ڳالهه آهي ته توهان ان ديواني جي خلاف صرف ان ڪري بغاوت ٿا ڪريو جو اوهان جو ڪم مقرر ٿي چڪو آهي. ڪاش، اوهان جيان منهنجو به ڪم مقرر ٿيل هجي ها. افسوس جو مون کي ڪو به ڪم سونپيو نه ويو آهي. مان هڪ بيڪار عنصر آهيان. جڏهن اوهان سڀئي زندگيءَ جي تخليق ۾ رڌل هوندا آهيو تڏهن مان هڪ گمنام جاءِ تي ويٺو هوندو آهيان. ٻڌايو بغاوت اوهان کي ڪرڻ گهرجي يا مون کي؟ جڏهن ستين عنصر تقرير ڪئي، تڏهن باقي ڇهن عنصرن هن تي رحم واري نگاهه اڇلائي پر واتان ٻڙڪ نه ٻاڪي، جيئن جيئن رات اونداهي ٿيندي وئي، تيئن تيئن عنصر هڪ هڪ ڪري تسليم ۽ اطاعت جي لذت سان پُر ٿي خوابن جي دنيا ۾ لهندا ويا. پر ستون عنصر ان جاءِ تي اکيون ڪپائي ڏسندو رهيو جتي هر شئي جي پويان پس منظر رهي ٿو.

*********

# پاڻ تي گذريل

اوهين پڇو ٿا ته مان پاڳل ڪيئن بڻيس؟ هي واقعو هن ريت پيش آيو. جڏهن اڃا گهڻا ديوتا پيدا نه ٿيا هئا، مان اگهور ننڊ مان سجاڳ ٿي پيس. ڏٺم ته منهنجا نقاب، ها، ست پردا، چوري ٿي ويا آهن. جيڪي مون پنهنجن ستن حياتين ۾ ناهيا ۽ چوڙيا هئا. مان ماڻهن سان ڀريل گهٽيءَ ۾ "چور چور " چوندو ڊوڙندو ويس. مردن ۽ عورتن منهنجي ان ڳالهه تي ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. ڪي وري

منهنجي ڏڀ جي ڪري گهرن ۾ وڃي لڪا. جڏهن مان وڏي بازار ۾ پهتس، تڏهن هڪ نوجوان، جيڪو گهر جي ڇت تي بيٺو هو، رڙ ڪندي چيو ”هي ديوانو آهي، ديوانو!“

مون هن کي ڏسڻ لاءِ اکيون مٿي کنيون ته سج پهريون ڀيرو منهنجي ڇهري کي چميو ۽ منهنجو روح سج جي محبت ۾ گد گد ٿيڻ لڳو ۽ مون کي پنهنجي پردن جي ضرورت ئي نه رهي. مون کان بي اختيار دانهن نڪري وئي : ”رحمت......ها رحمت هجي انهن ماڻهن تي جن منهنجا پردا چورايا.“

”اهڙيءَ طرح مان ديوانو بڻجي ويس !“ ان ديوانگيءَ ۾ مون کي آزادي ۽ سلامتي حاصل ٿي، آزادي ان لاءِ ملي جو هاڻ مان اڪيلو آهيان، سلامتي ان ڪري جو دنيا مون کي نٿي ڄاڻي ڇو ته جيڪي ماڻهو اسان کي ڄاڻندا ۽ سڃاڻندا آهن، اهي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اسان کي غلام بڻائي ڇڏيندا آهن.

پر مون کي پنهنجي سلامتيءَ تي مغرور ٿيڻ نه گهرجي. ڇو جو جيل ۾ هڪڙو چور ٻئي چور کان محفوظ هوندو آهي.

*********

## سعادت حسن منٽو

## جيوت چاولا

# ٽوبہ ٽيڪ سنگھہ

ورهاڱي کان ٻہ ٽي سال پوءِ پاڪستان ۽ هندوستان جي سرڪارين کي خيال آيو تہ اخلاقي گنهگارن جيان نظر بند پاڳلن جي مٽا سٽا بہ ٿيڻ گهرجي. يعنيٰ جيڪي مسلمان چريا، هندوستان جي پاڳل خانن ۾ آهن، تن کي پاڪستان پهچايو وڃي. ۽ جي هندو ۽ سک چريا پاڪستان جي پاڳل خانن ۾ آهن، تن کي هندوستان حوالي ڪيو وڃي!

دانشمندن جي ڪيل فيصلي مطابق وڏي پئماني تي ڪانفرنسون ٿيون ۽ آخر هڪ ڏينهن چرين جي مٽا سٽا لاءِ مقرر ڪيو ويو.

چڱيءَ ريت پڇا ڳاڇا ڪرڻ بعد انهن مسلمانن کي، جن جا مٽ مائٽ هندوستان ۾ هئا، اتي ئي رهايو ويو ۽ باقي بچيل کي سرحد ڏانهن روانو ڪيو ويو. پاڪستان مان گهٽ-و ڪري سڀ هندو ۽ سک لڏي ويا هئا. انهيءَ لاءِ جيترا بہ هندو ۽ سک پاڳل هئا، سيني کي پوليس جي حفاظت ۾ سرحد پهچايو ويو.

هُن طرف جي خبر نہ آهي، پر هيڏانهن لاهور جي پاڳل خاني ۾ جڏهن مٽا سٽا جي خبر پهتي تڏهن بيحد دلچسپ چميگويون ٿيڻ لڳيون. هڪ مسلمان پاڳل، جو گذريل ٻارهن سالن کان هر روز باقائدگيءَ سان ’زميندار‘ اخبار پڙهندو هئو تنهن کان سندس هڪ دوست پڇيو، ”مولبي ساب، هيءُ پاڪستان ڪهڙي بلا آهي؟“

”پاڪستان، هندوستان ۾ هڪ اهڙو هنڌ آهي، جتي پاڪيون ٺهنديون آهن!“ ڪافي غور و فڪر ڪرڻ بعد هن جواب ڏنو.

جواب ٻڌي هن جو دوست مات ٿي ويو.

ساڳيءَ ريت هڪ سک پاڳل ٻئي سک پاڳل کان پڇيو، ”سردار جي، اسان کي هندوستان ڏانهن ڇوٽا موڪلن؟ اتي جي ٻولي تہ اسان کي نہ ٿي اچي؟“

هن مسڪرايو. ”مون کي تہ هندوستان جي ٻولي ايندي آهي، ”هندوستاني ٻڙي شيطاني، آڪڙ آڪڙ ڦرتي هين!“

هڪ ڏينهن تڙ ڪندي هڪ مسلمان پاڳل ”پاڪستان زنده باد!“ جو نعرو اهڙو تہ جوش وچان بلند ڪيو، جو پير کسڪي ويس ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو. ڪجھ چريا اهڙا بہ هئا، جي حقيقت ۾ چريا نہ هئا. انهن ۾ اڪثريت اهڙن قاتلن جي هئي، جن جي مائٽن، آفيسرن کي ڪارائي پيئاري پاڳل خاني موڪليو هئو جيئن ڦاسيءَ جي ڦندي کان بچي وڃن. انهن ڪجھ ڪجھ سمجهيو ٿي تہ هندوستان جو ورهاڱو ڇو ٿيو آهي، ۽ پاڪستان ڇا آهي. پر صحيح حالتن کان هو بہ غير واقف هئا.

اخبار مان ڪا بہ خبر نٿي پيئي ۽ پهيدار سپاهي اٽيڙهيل جاهل هئا. انهن کي صرف اها خبر هئي تہ هڪ شخص ”محمد علي جناح“ نالي سان آهي، جنهن کي قائدِ اعظم ٿا چون، تنهن مسلمانن لاءِ هڪ جدا ملڪ ٺاهيو آهي ;جنهن جو نالو پاڪستان آهي !، اهو ڪٿي آهي؟ ان جي شڪل شبيهہ ڪهڙي آهي؟ تنهن کان هو بي خبر هئا. انهيءَ لاءِ پاڳل خاني ۾ اهي اڌ چريا، اها ڳڻتي سلجهائڻ ۾ مشغول هئا تہ هو پاڪستان ۾ آهن يا هندوستان ۾؟ هندوستان ۾ آهن تہ پاڪستان ڪٿي آهي ۽ پاڪستان ۾ آهن تہ ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ ساڳئي هنڌ رهڻ جي باوجود بہ هو هندوستان ۾ هئا؟

هڪ چريو هندوستان ۽ پاڪستان، پاڪستان ۽ هندوستان جي چڪر ۾ اهڙو تہ گرفتار ٿيو جو هن جو دماغ اڃا بہ خراب ٿي ويو. ٻهاري پائيندي پائيندي هو وڻ تي چڙهي ويو ۽ هڪ ٽاريءَ تي ويهي هندوستان ۽ پاڪستان جي نازڪ مسئلي تي، لڳا تار بہ ڪلاڪ تقرير ڪندو رهيو. سپاهين هن کي هيٺ لهڻ لاءِ چيو تہ هو اڃا بہ مٿي چڙهي ويو ۽ سپاهين جي ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ تي هن چيو.

”مان نہ هندوستان ۾ رهڻ ٿو چاهيان ۽ نہ پاڪستان ۾!. مان هت، هن وڻ تي رهندس ! “

۽ ڪافي دير بعد جڏهن هن جو دورو ٺڏو ٿيو هو هيٺ لٿو ۽ پنهنجن هندو ۽ سک دوستن سان گلي ملي روئڻ لڳو. انهيءَ خيال وچان تہ هو هن کي ڇڏي، هندوستان هليا ويندا، هن جي دل ڀرجي آئي هئي.

هڪ ايم. ايس. سي، پاس ريڊيو انجنيئر، جو مسلمان هئو ۽ ٻين چرين کان الڳ، باغ جي هڪ ڪنڊ ۾، خاموش ڦرندو رهندو هئو، پنهنجي جسم تان سڀ ڪپڙا لاهي نگهبان حوالي ڪيا ۽ اگهاڙو سڄي باغ ۾ ڦرڻ لڳو.

چنيوٽ جي هڪ ڀريل بدن واري مسلمان، جو ڪنهن وقت مسلم ليگ جو سرگرم ڪم ڪندڙ هئو، ڏينهن ۾ پندرهن سورهن دفعا تڙ ڪندو هئو اچانڪ اها عادت ترڪ ڪري ڇڏي. سندس نالو محمد علي هئو ۽ انهيءَ لاءِ هن هڪ ڏينهن اعلان ڪيو تہ هو قائدِ اعظم محمد علي جناح آهي. ڏسندي ڏسندي هڪ سک چريو، ماستر تارا سنگهہ بڻجي ويو. خون خرابي ٿيڻ جو انديشو ڏسي، ٻنهي کي خطرناڪ پاڳل ٺهرائي جدا جدا ڪمرن ۾ بند ڪيو ويو.

لاهور جي هڪ هندو نوجوان وڪيل، جو محبت ۾ ناڪام ٿي چريو ٿي پيو هئو ان کي اهو ٻڌي ڏاڍو صدمو رسيو تہ امر تسر، هندوستان ۾ هليو ويو آهي. اتان جي ئي هڪ هندو ڇوڪريءَ سان هن کي محبت هئي. جيتوڻيڪ ان، هن وڪيل کي ٺڪرائي ڇڏيو هو هو ديوانگيءَ جي حالت ۾ بہ کيس وساري نہ سگهيو هئو. هو انهن سڀني هندو ۽ مسلمان ليڊرن کي گاريون ڏيڻ لڳو جن هندوستان جا بہ ٽڪرا ڪري هن جي محبوبہ کي هندوستاني ۽ هن کي پاڪستاني بڻائي ڇڏيو هئو.

مٿا سٿا جون ڳالهيون شروع ٿيون تہ وڪيل کي ڪيترن چرين سمجهايو تہ هن کي دل ننڍڙي نہ ڪرڻ گهرجي جو کيس هندوستان موڪليو ويندو. هندوستان، جتي هن جي محبوبہ رهندي آهي! پر هن لاهور ڇڏڻ نٿي چاهيو. هن جو خيال هئو تہ امرتسر ۾ هن جي وڪالت نہ هلندي.

يورپين وارڊ ۾ به ائنگلو انڊين چريا هئا. تن جڏهن ٻڌو ته هندوستان کي آزاد ڪري، انگريز بسترا گول ڪري هليا ويا آهن، ڪين ڏاڍو صدمو رسيو. ٻين جي نظرن کان پاڻ بچائي، هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ اهم مسئلي تي گفتگو ڪندا رهندا هئا ته پاڳل خاني ۾ هينئر سندن ڪهڙي حيثيت رهندي؟ يورپين وارڊ رهندو يا ختم ڪيو ويندو؟ بريڪ فاسڪ (نيرن) ملندي يا نه؟ هنن کي ڊبل روٽيءَ بجاءِ بلڊي انڊين چپاتي ته نه ڇباڙڻي پوندي؟

هڪ سک، جنهن کي پاڳل خاني ۾ آئي پندرهن سال گذري چڪا هئا، ان جي زبان مان، هي عجيب و غريب لفظ اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، "او پڙدي،گڙ گڙ دي، اينڪس دي، بي ڌيانادي، منگ دي دال، آف دي لالٽين."

هو نه ڏينهن جو آرام ڪندو هئو ۽ نه رات جو ننڊ. پهريدارن جو چوڻ هو ته پندرهن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ هو هڪ لحظي لاءِ به نه سمهيو هو نه ليٽيو هئو. تنهن هوندي به ڪنهن وقت ڪنهن ڀت سان ٽيڪ ڏئي ضرور وهندو هئو.

هر وقت بيٺو رهڻ سبب هن جا پير سڄي پيا هئا.

پر هو ان جسماني تڪليف باوجود، ليٽي آرام نه ڪندو هئو. هندوستان، پاڪستان ۽ چرين جي مٽا سٽا بابت جڏهن پاڳل خاني ۾ گفتگو ٿيندي هئي، هو غور سان ٻڌندو هئو ۽ انهيءَ بابت ڪو هن کان راءِ پڇندو هئو ته هڪ ئي جواب ڏيندو هئو.

" اوپڙدي، گڙ گڙ دي، اينڪس دي، بي ڌيانا دي، منگ دي دال آف دي پاڪستان گورنمينٽ!"

پر ڪجهه ڏينهن بعد "آف دي پاڪستان گورنمينٽ " جاءِ تي "آف دي ٽوبه ٽيڪ سنگهه گورنمينٽ" لفظ اچي ويا ۽ هن ٻين پاڳلن کن پڇڻ شروع ڪيو ته ٽوبه ٽيڪ سنگهه، جتي جو رهاڪو آهي، ڪٿي آهي؟ پر ڪنهن کي به خبر نه هئي ته اهو هندوستان ۾ آهي يا پاڪستان ۾ ۽ جن کي ٿوري گهڻي خبر هئي، سي به ڪجهه ٻڌائي نه ٿي سگهيا. اهي خود منجهيل هئا، سيالڪوٽ پهرين هندوستان ۾ هئو، پر هينئر ٻڌجي ٿو ته پاڪستان ۾ آهي! ڪهڙي خبر لاهور، جو اڄ پاڪستان ۾ آهي، سڀاڻي هندوستان ۾ هليو وڃي. يا سڄو هندوستان پاڪستان ٿي وڃي، يا هندوستان ۽ پاڪستان ٻيئي ڪنهن ڏينهن غرق ٿي وڃن؟

ان چرئي سک جا وار ڇڊي تمام مختصر ٿي ويا هئا. هو گهٽو ڪري تڙ نه ڪندو هئو انهيءَ لاءِ مٿي جا وار هڪ ٻئي سان ڄمي ويا هئس، جنهن سبب هن جي شڪل ڏاڍي ڀيانڪ ٿي وئي هئي. پر ماٺهو بي ضرر هئو. پندرهن سالن ۾ هن ڪڏهن به، ڪنهن سان به، جهيڙو فساد نه ڪيو هئو. پاڳل خاني جا جهونا ملازم، هن بابت صرف ايترو ڄاڻندا هئا ته ٽوبه ٽيڪ سنگهه ۾ هن جو ن ڪيتريون ٻنيون هيون. چڱو ڪائينڊڙ پيئنڊڙ زميندار هئو. اوچتو دماغ خراب ٿي پيس ۽ هن جا مائٽ، ٿلهن ٿلهن زنجيرن ۾ ٻڌي، هن کي پاڳل خاني ۾ داخل ڪرائي ويا.

مهيني ۾ هڪ دفعو اهي هن وٽ ايندا هئا ۽ حال احوال وني موٽي ويندا هئا. هڪ مدت تائين اهو سلسلو جاري رهيو. پر پاڪستان ۽ هندوستان جي گڙٻڙ شروع ٿي، ته هنن جو اچڻ بند ٿي ويو.

هن جو نالو بشن سنگهه هئو پر سڀ ٽوبہ ٽيڪ سنگهه چوندا هئس. ڪهڙو ڏينهن آهي، ڪهڙو مهينو انهيءَ بابت هن کي ڪا بہ خبر نہ هئي هن کي تہ اهو بہ ياد نہ هئو تہ هن کي پاڳل خاني ۾ آئي ڪيترو عرصو ٿيو هئو پر هر مهيني جڏهن هن جا عزيز هن سان ڳڏجڻ ايندا هئا، هن کي پنهنجو پاڻ خبر پئجي ويندي هئي. ان ڏينهن هو چڱي ريت وهنجندو هئو خوب صابڻ مليندو هئو وارن کي تيل مکي ڦڻي ڏيندو هئو ۽ پنهنجا ڪپڙا جي هو ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪندو هئو ڪڍي پائيندو هئو ۽ ايئن سهي سنبري، ملاقات جي ڪمري ۾ ويندو هئو. اهي، هن کان ڪجهہ پڇندا هئا تہ هو خاموش رهندو هئو يا جواب ۾
”اوپڙدي، گڙگڙ دي، انيڪس دي، بي ڌيانا دي، منگ دي دال آف دي لاليئن.“ چئي ڏيندو هئو.

هن کي هڪ ڌيءَ هئي، جا هر مهيني هڪ آڱر وڌندي وڌندي، پندرهن سالن ۾ جوان ٿي ويئي هئي. بشن سنگهه هن کي سڃاڻو ئي نہ ٿي. هوءَ جڏهن ننڍڙي هئي، پيءُ کي ڏسي روئندي هئي، جوان ٿي تہ بہ هن جي اکين مان ڳوڙها وهندا رهندا هئا.

پاڪستان ۽ هندوستان جو قصو شروع ٿيو تہ هن ٻين چرين کان ٽوبہ ٽيڪ سنگهه بابت پڇڻ شروع ڪيو تہ اهو ڪٿي آهي. جڏهن تسلي بخش جواب نہ مليس تہ هن جي اڻ تڻ وڌندي ويئي. هينئر ملاقات جو ڏينهن بہ نہ ايندو هئو پهرين تہ هن کي پنهنجو پاڻ خبر پئجي ويندي هئي تہ ڳڏجڻ وارا اچي رهيا آهن. پر هينئر ڄڻ ۽ هن جي دل جو آواز بہ بند ٿي ويو هئو جيڪو هن کي انهن جي اچڻ جي خبر ڏيندو هئو.

هن جي دل ڏاڍو چوندي هئي تہ اهي اچن، جي هن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندا هئا ۽ هن لاءِ ميوو، مٺايون ۽ ڪپڙا آڻيندا هئا. هن جي پڇڻ تي، اهي ضرور ٻڌائن ها تہ ٽوبہ ٽيڪ سنگهه پاڪستان ۾ آهي يا هندوستان ۾. هن جو خيال هئو تہ اهي ٽوبہ ٽيڪ سنگهه مان ئي ايندا هئا، جتي هن جون زمينون هيون.

پاڳل خاني ۾ هڪ چريو اهڙو بہ هئو جو خود کي خدا چوندو هئو. ان کان جڏهن هڪ ڏينهن بشن سنگهه پڇيو تہ ٽوبہ ٽيڪ سنگهه پاڪستان ۾ آهي يا هندوستان ۾ تہ هن هميشہ موافق ٽهڪ ڏيئي چيو.

” نہ پاڪستان ۾ آهي، نہ هندوستان ۾. ڇا لاءِ جو اسان اڃا حڪم نہ ڏنو آهي!“

بشن سنگهه ان خدا کي ڪيترا ڀيرا منٿ ڪئي تہ هو حڪم ڏئي، جيئن جهنجهٽ ختم ٿئي، پر هو ڏاڍو مصروف هئو. هن کي بيشمار حڪم ڏيڻا هئا.

آخر هڪ ڏينهن تنگ اچي بشن سنگهه غصي وچان چيو ”او پڙدي، گڙ گڙ دي، انيڪس دي، بي ڌيانا دي، منگ دي دال آف واهہ گرو جي دا خالصا ائنڊ واهہ گروجي ڪي فتح – جو بولي سو نهال، ست سري اڪال!.“

انهيءَ جو شايد اهو مطلب هو تہ ”تون مسلمانن جو خدا آهين، سکن جو خدا هجين ها تہ منهنجي ڳالهہ ضرور ٻڌين ها!“

مٽا سٽا کان ڪجهه ڏينهن اڳ توبه ٽيڪ سنگهه جو هڪ مسلمان دوست هن سان گڏجڻ، پهريون دفعو آيو. بشن سنگهه هن کي ڏسي، هڪ طرف مڙي، واپس وڃڻ لڳو پر سپاهين هن کي روڪيو ”هيءُ توسان گڏجڻ آيو آهي – تنهنجو دوست فضل دين آهي.“

بشن سنگهه فضل دين کي هڪ دفعو ڏنو ۽ پڻ پڻ ڪرڻ لڳو.

فضل دين اڳتي وڌي هن جي ڪلهن تي هٿ رکيو.

”ڪيترن ڏينهن کان توسان گڏجڻ پئي چاهيم پر واندڪائي ئي نه ٿي ٿي. تنهنجا سڀ مائٽ خيريت سان هندوستان هليا ويا آهن. جيتري قدر ٿي سگهيو مون ڪين مد ڪئي. تنهنجي ڌيءَ روپ ڪنور!“ هو چوندي چوندي چپ ٿي ويو.

”ڌيءَ، روپ ڪنور! “ بشن سنگهه پاڻ ۾ ڪجهه ياد ڪرڻ لڳو.

”ها.... ها..... اها به چڱي ڀلي آهي......هنن سان گڏ هلي وئي آهي.“

بشن سنگهه خاموش رهيو.

فضل دين وري چوڻ لڳو ”هنن مون کي تنهنجي خيريت پڇڻ لاءِ چيو هو ٻڌان ٿو ته تون هندوستان وڃي رهيو آهين. ادي بلبير سنگهه ۽ ادي ودهاوا سنگهه کي منهنجا سلام ڏجانءِ، ۽ ادي امرت ڪنور کي به. ..... ادي بلبير کي چئج فضلو خوش راضي آهي. به ڀوريون مينهون، جي هو ڇڏي ويا هئا، انهن مان هڪ وڇڙو ڄڻيو آهي. ۽....مون لائق ڪا خدمت هجي، چئجانس، مان هر وقت تيار آهيان.... ۽ هي تو لاءِ

ٿورا ٻير آندا اٿم. “

بشن سنگهه ٻيرن جي ٿيلهي وٺي، پر ۾ بيٺل سپاهيءَ کي ڏيئي، فضل دين کان پڇيو ”توبه ٽيڪ سنگهه ڪٿي آهي؟“

”ڪٿي آهي؟، اتي ئي آهي، جتي هئو!.“ فضل دين حيرت وچان چيو.

”پاڪستان ۾ يا هندوستان ۾؟“

”هندوستان ۾........نه نه پاڪستان ۾.“ فضل دين اجا به وڌيڪ حيران ٿي ويو.

بشن سنگهه ”اوبڙدي، گڙ گڙ دي، انيڪس دي، بي ڌيانا دي، منگ دي دال آف دي پاڪستان ائنڊ هندوستان آف دي در جئي مند! “ چوندو هليو ويو.

مٽا سٽا جون تياريون مڪمل ٿي ويون هيون. هتان ويندڙ ۽ هت ايندڙ پاڳلن جو فهرستون پهچي ويون هيون ۽ مٽا سٽا جو ڏينهن به مقرر ٿي چڪو هئو.

سخت ٿڌين جا ڏينهن هئا، جڏهن لاهور جي پاڳل خاني مان هندو ۽ سک چرين سان ڀريل لاريون، پوليس جي حفاظتي دستي سان گڏ روانيون ٿيون، واگهه سرحد تي ٻنهي طرفن جا سپرنٽينڊنٽ هڪ ٻئي سان مليا ۽ شروعاتي ڪاروائي ختم ٿيڻ بعد مٽا سٽا شروع ٿي، جا سڄي رات جاري رهي.

پاڳلن کي لارين مان لاهي ٻين آفيسرن حوالي ڪرڻ نهايت مشڪل ڪم هئو. ڪي ته ٻاهر نڪتا ئي نٿي ۽ جي نڪرڻ تي رضامند ٿيا ٿي، تن کي سنڀالڻ مشڪل ٿي پيو. ڪي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي ٿي ويا، ڪن ڪپڙا ڦاڙي تن کان جدا ٿي ڪري ڇڏيا، ڪي گاريون ڏئي رهيا هئا، ڪي روئي رهيا هئا ته ڪي ٺهڪ ڏئي رهيا هئا.

ڪجھ به صاف ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو هڪ طرف شور و غل هئو ۽ ٻئي طرف ٿڌ ايتري ته زوردار هئي، جو ڏند، ڏندن سان ڪڙڪي رهيا هئا.

چرين جي اڪثريت ان مٽا سٽا جي فائدي ۾ نه هئي. هنن کي سمجھ ۾ نه

ٿي آيو ته هنن کي پنهنجي هنڌان اکوڙي ڪيڏانهن ٿو ڦٽو ڪيو وڃي. ۽ اهي، جي ٿورو گھڻو سوچي سمجھي سگھيا ٿي، "پاڪستان زنده آباد" ۽ "پاڪستان مرده آباد" جا نعرا هڻي رهيا هئا. نعرا ٻڌي ڪن مسلمانن ۽ سکن کي غصو اچي ويو پر فساد ٿيندي ٿيندي بچي ويو.

جڏهن بشن سنگھ جو وارو آيو ۽ واگھ جي هن پار جو آفيسر هن جو نالو رجسٽر ۾ داخل ڪرڻ لڳو هن پڇيو "ٽوبه ٽيڪ سنگھ ڪٿي آهي، پاڪستان ۾ هندوستان ۾؟"

"پاڪستان ۾! " آفيسر کلڻ لڳو.

اهو ٻڌي بشن سنگھ مڙي، ڊوڙڻ لڳو ۽ پنهنجن باقي ساٿين سان وڃي مليو. پاڪستاني سپاهين هن کي پڪڙي ورتو ۽ ڪيس ٻئي طرف وٺي وڃڻ لڳا، پر هن هلڻ کان انڪار ڪيو. "ٽوبه ٽيڪ سنگھ هت آهي !" ۽ هو زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو ته او پڙدي، گڙ گڙ دي، انيڪس دي، بي ڌيانا دي، منگ دي دال آف ٽوبه ٽيڪ سنگھ ائنڊ پاڪستان. "

هن کي ڏاڍو سمجھايو ويو ته هاڻي ٽوبه ٽيڪ سنگھ، هندوستان ۾ هليو ويو آهي. ۽ جي نه ويو آهي ته هن کي فورن اتي موڪليو ويندو.

پر هن نه قبوليو. ۽ جڏهن هن کي زبردستيءَ ٻئي طرف وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هو وچ رستي ۾ اهڙي انداز ۾ پنهنجين سڄيل ٽنگن تي زور ڏئي بيهي رهيو، ڄڻ ۽ هينئر اتان ڪيس ڪا به طاقت هٽائي نٿي سگھي.

ماڻهو ڇاڪاڻ جو ٻي ضرر هو انهيءَ لاءِ ساڻس زبردستي نه ڪئي وئي. هن کي اتي بيٺو رهڻ ڏنو ويو ۽ مٽا سٽا جو باقي ڪم ٿيندو رهيو.

سج اڀرڻ کان اڳ ساعت و سامت کان پوءِ بشن سنگھ جي نڙيءَ مان هڪ آسمان ڏاريندڙ چيخ نڪتي. ٻنهي طرفن جا آفيسر هن طرف ڊوڙيا. هنن ڏٺو ته اهو شخص جو پندرهن سالن تائين ڏينهن رات پنهنجي ٽنگن تي بيٺو رهيو هئو، اونڌي منهن ليٽيو پيو هئو. لوهي تارن جي لوڙهي جي هڪ طرف هندوستان هئو. ٻئي طرف اهڙي ئي لوڙهي پٺيان پاڪستان! ۽ وچ واريءَ ڌرتيءَ جي ان ٽڪري تي، جنهن جو ڪو به نالو نه هئو ٽوبه ٽيڪ سنگھ ليٽيو پيو هئو.

(1954ع)

## موپا سان
## ميمڻ علي بخش

# پيڻ

گاءِ ڊي موپاسان فرينچ ٻوليءَ جو ناول نويس جيڪو پنهنجن مختصر افسانن لکڻ ڪري وڏيڪ مشهور آهي. هو 1850ع ۾ ڄائو ۽ 1893ع ۾ گذاري ويو.

سن 1882ع جي مئي مهيني جي ٽين تاريخ هڪڙو ٽن سڙهن وارو فرينچ وڻجاري جو جهاز جنهن جو نالو "ڊي وينٽس ناٽري ڊئم " هو ناروي جي بندر کان چيني سمنڊ جي طرف روانو ٿيو. چين جي بندر تي پهنجو مال لاهي، ۽ ان ملڪ جي سامان سان ڀرجي، ڏکڻ آمريڪا جي بيونس آئرس بندر تان مال ڪڻندو برازيل وڃڻو هو.
ڏکهي سفر جي تڪليفن ۽ صعوبتن کان سواءِ جهاز کي ٻين آفتن ۽ حادثن سان به مهينن جا مهينا مهاڏو اٽڪائڻو پيو. ان سبب نه صرف جهاز کي نقصان پهتو پر اهو پورن چئن سالن کان پوءِ 8 مئي 1886ع تي مس پنهنجي وطن فرانس جي ڌرتيءَ تي موٽي سگهيو. جڏهن هي جهاز هاروي بندر کان هليو هو تڏهن سندس ڪل عملي ۾ هڪ ڪپتان ۽ نائب ڪپتان کان سواءِ ٻيا چوڏهن خلاصي هئا. سفر دوران هڪ ڪپتان مري ويو ۽ ٽي خلاصي ساموندي ڌاڙيلن سان وڙهندي جهلجي ويا. ۽ باقي جهاز ۾ صرف ڏهه فرانسيسي خلاصي بچيا. جيڪي چار خلاصي جهاز جي عملي مان خارج ٿي ويا، انهن جي جڳهه تي ٻه آمريڪي، هڪ آفريڪا جي حبشي ۽ هڪ سئٽزرلينڊ جي رهاڪوءَ کي ڀرتي ڪيو ويو. اهي چارئي همراهه سنگاپور جي
شراب خاني مان هٿ ڪيا ويا هئا.
فرانس ڏانهن موٽڻ وقت "ناٽري ڊئم" مارسيلس بندر تي اچي لنگر انداز ٿيو. ان جا سڙهه لاٿا ويا. لاڄُو سڀ سنوان ڪيا ويا. پوءِ "ناٽري ڊئم" کي ٻين جهازن جي وچ ۾ ڍڪي بيهاري ڇڏيائون. ان وقت سمنڊ ماٺو هو. ننڍيون ننڍيون لهرون هڪ ٻئي پٺيان ڪناري سان ٽڪر جي پاٽيءَ ۾ گج جون ڦينگون اڏائي رهيون هيون. جهازن جي قطار لڳي پئي هئي. گهڻو ڪري سڀني ملڪن کان جهاز آيل هئا، جي هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا هئا. هر هڪ جهاز جو قد بت، جڙت ۽ سينگار هڪ ٻئي کان مختلف هو ۽ ساڳيءَ طرح هر هڪ جهاز جو عملو به لباس جي وضع قطع ۾ نرالو هو. "ناٽري ڊئم" کي اٽلي جي ۽ برطانيا جي جهازن جي وچ ۾ جڳهه ملي. اهي ٻئي پنهنجي نئين آيل مهمان کي جڳهه ڏيڻ لاءِ سري بيٺا.

جڏهن جهاز جي ڪپتان کي ڪسٽم آفيسرن کان نجات ملي، تڏهن هن جهاز جي سموري عملي کي ڇهن مهينن جي پگهار ڏئي موڪل ڏني ته شهر ۾ جتي جيئن وڻين تيئن رات گذارين.

تن ڏينهن ۾ بهار جي موسم جي شروعات هئي ۽ تارن پريءَ رات جي ڏيميءَ ڏيميءَ روشنائيءَ ۾ منڙي منڙي خشڪي سمايل هئي. مارسيلس جي رستن تي روشنائيءَ جو درياهه وهي رهيو هو ۽ سندس بازارين ۾ چئني طرفن کان هر قسم جي خوشبودار طعامن جو هٻڪارُ اچي رهيو هو ۽ ان سان گڏ ماڻهن جي گفتگوءَ جي سريلي وچت ڪنن ۾ پڙڪار ڪري رهي هئي. ٽرئفڪ جي سخت شور، گوڙ خوشيءَ ۽ مسرت جون شوخيءَ پريون ڇهڪارون، موسم بهار کي پليڪار ڇئي رهيون هيون.

”ناٽري ڊئم“ جا خلاصي ڪناري جي دل آويز مسرتن کان پورن ڇئن مهينن کان محروم رهيا هئا. تنهن ڪري اڄ هو مارسيلس شهر ۾ گهمڻ نڪتا ته هنن جي قدمن ۾ ڄڻ ته هڪ قسم جو حجاب رقص ڪري رهيو هو ۽ ائين جيئن ڪي به چار ڳوناٽا ڦيريون دفعو ڪنهن وڏي شهر ۾ گهمڻ اچن ۽ شهر جي عجوبن سان مڪاميل تي خود به هڪ عجوبو بڻجي پون، هو ڪجهه وقت ته دنيا ۽ مافيها کان بي خبر صرف بي مقصد چڪر هڻندا رهيا ۽ هر عمارت ۽ هر ماڻهوءَ کي چرين وانگر اکيون ڦاڙي ڏسندا رهيا، آخر ڪار چڱي خاصي رُل رُلان کان پوءِ هنن جي ڇئن مهينن جي بکئي نفس ۾ جنسي خواهش جو ڏنگ چپيو. هنن جا قدم ڍرا ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن وات ڦاڙي نهارڻ لڳا........۽ اکين ئي اکين ۾ سڀ ڪجهه طئہ ٿي ويو.

اهڙن معاملن ۾ هو گهڻي عرصي کان پنهنجي ساٿي خلاصي ”ڊگلس“ کي پنهنجو پيشوا تسليم ڪري چڪا هئا. ڊگلس، چڱو خاصو پهلوان هو ۽ رلڻي ملڻي طبيعت جو مالڪ هو ۽ هميشه ڪپر تي تفريحن ۾ پنهنجن رفيقن جو امام هوندو هو. هن کي مناسب ۽ موزون تفريحي جايون ڳولڻ ۽ وقت تي اتان جان ڇڏائڻ جو خاصو آزمودو هو. اهڙن وقتن تي هو هميشه اهڙن جهيڙن جهٽن کان پرهيز ڪندو هو. جيڪي خلاصي هميشه هٿ وٺي ڪندا آهن. جيڪڏهن اتفاق سان ڪڏهن ڪا اهڙي ناخوشگوار صورت پيدا به ٿي پوندي هئي ته هو هميشه پنهنجو سينو سپر ڪندو هو پر پنهنجن ساٿين جو وار به ونگو ٿيڻ ڪين ڏيندو هو.

خلاصين جي هيءَ ٽولي گهمندي ڦرندي هاڻ اهڙين غليظ گهٽين ۾ اچي نڪتي هئي، جن جي فرش تي به گناهن جا داغ لڳل هئا. گهٽين ۾ ٻنهي طرفن کان نهايت ننڍڙيون ڪوٺيون ٺهيل هيون، جن جي ڏنڏلين درين کان اهڙي ته بدبوءِ اچي رهي هئي جو ڄڻ ته اندر ڪو گوشت جو ڍير سڙي رهيو هجي.

ڊگلس جي اڳواڻيءَ هيٺ هو ڪجهه وقت تڪ کي هٿ ڏئي هلندا رهيا. آخر ڊگلس پر واري ڪنڊ وٺان ڦريو. خلاصين به هن جي پيروي ڪئي. هيءَ گهٽي اڳين گهٽين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ روشن ۽ صاف اجري هئي ۽ ان جي هر دروازي تي وڏا وڏا رنگين فانوس ٻري رهيا هئا. خلاصين جا چهرا ڳاڙها ٿي ويا ۽ سندس اکيون خوشيءَ جو ناچ نچڻ لڳيون ۽ هنن جا چپ ساموندي گيتن جي ياد ۾ ڦڙڪڻ لڳا. هر هڪ گهر جي فانوس تي گهر جي نمبر پليٽ لڳل هئي ۽ هر هڪ گهر جي اندر

دروازي جي پوئتان هڪ عورت چمڪندڙ لباس ۾ ملبوس هڪ سائيءَ چمنستاني ڪرسيءَ تي هار سينگار ڪيو ويٺي هئي. خلاصين کي ڏسي هي عورتون پنهنجن گهرن مان نڪري گهٽيءَ ۾ آيون ۽ هنن جو رستو روڪي هنن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ ناز نخرا ڪرڻ لڳيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن گهر جو دروازو اوچتو پئي کليو ۽ ڪائي گهاگهه رَنَ ڪنهن طوفان ۾ ويڙهيل ڏائڻ وانگر رڙيون واڪا ڪندي ٽي نڪتي - ”اچو- جوانو- اچو- “ ۽ ان سان گڏ ڪنهن نه ڪنهن خلاصيءَ مٿان سرڻ وارو لامارو هڻندي, پوريءَ طاقت سان ان کي پنهنجي نوبڪلي ڪمري ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪي لڳي ٽي ويئي. پنهنجي شڪار کي ڦاسائڻ جي ڏن ۾ هوءَ هو بهو اهڙي ڪوريئڙي وانگر پئي نظر آئي جو پاڻ کان وڏيڪ طاقتور مک کي ڦاسائڻ جي بيسود ڪوشش ڪندو هجي. هن جي شڪار ”خلاصي“, مجبوريءَ جي حالت ۾, عجيب هيٺائيءَ سان هن جو خوب مقابلو پئي ڪيو ۽ سندس ساٿي هن جي اهڙي حالت ڏسي پئي کليا. اوچتو ڊگلس جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي, هن حاڪماڻي آواز ۾ پئي پڪاريو :”ترسو نه.........اتي نه ترسو.......هليا اچو........اسان کي اڳتي هلڻو آهي.“ ۽ سڀ خلاصي هن جي حڪم جي پوري تعميل ڪندا جوڙن کان پنهنجو پاڻ کي ڇڏائيندا, ڊگلس جي پوئتان ”آياسون“ چوندا وڃي رهيا هئا.

شڪست کاڌل طوائفون زخمي شينهن جيان غضب ناڪ ٽي نظر آيون ۽ چار ڇنائي ويل ”محبوبن“ کي بلند آواز فحش گارين جي تيرن جو نشانو بڻائي رهيون هيون.

خلاصي ان طرح هلندا رهيا, قدم قدم تي هنن جو مکا ميلو غريب ڪلارڪن, ڪتل سوداگرن ۽ ڀٽڪندڙ فوجي سپاهين سان پئي ٽيو. جي پنهنجي سنگتياڻين سان ملي واپس ٽي رهيا هئا. هلندي هلندي خلاصي هڪ نئين گهٽيءَ ۾ گهڙيا, جنهن ۾ پهرين گهٽيءَ وانگر هر دروازي تي فانوس ٻري رهيو هو ۽ اهڙي ئي گهٽيل گهٽيل بانس اچي رهي هئي. ڊگلس آخر هڪ چڱي گهر وٽ بيهي رهيو ۽ پنهنجن ساٿين سميت ان اندر داخل ٿيو. خلاصي گهر جي وڏي ڪمري ۾ وڃي ويٺا ۽ منجهائن هر هڪ پنهنجي لاءِ هڪ هڪ عورت پسند ڪري ورتي هئي, جن کان هو هڪ لحظي لاءِ به جدا نه ٿي ٿيا.

هن ننگريءَ جي اها ئي ريت هئي !

هنن جي اڳيان ٽن ميزن کي هڪ ٻئي سان ملائي هڪ ٽيبل بڻائي وئي هئي, جنهن مٿان شراب جون صراحيون ۽ جام رکيا هئا. خلاصين خوب ڊؤ ڪري مارسيلس جي تند ۽ تيز مڌ جا جام مٿان جام چاڙهيا ۽ ٽڙڪندڙ ٽنگن سان عورتن کي بغلن ۾ سوگهو جهليندي گهر جي مٿينءَ ماڙ تي چڙهي ويا. ٿوري وقفي کان پوءِ هو وري هيٺ لهي آيا ۽ نئين طرح بدمست ٿي مٿين ماڙ تي هليا ويا. اهي مستيون انڌا انڌ چالو رهيون, ايستائين جو خلاصين جون ڇهن مهينن جون ڪمايل پگهارون صرف ڇئن ڪلاڪن ۾ فنا في الهوس ٿي ويون. جڏهن رات جا يارهن لڳا, تڏهن انهن مان ڪنهن کي به تن بدن جو هوش نه هو. تمام گهڻي شراب پيئڻ سبب هنن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون, ۽ اهڙي بدمستيءَ جي عالم ۾ هنن جي زبان مان صفا بي معنيٰ ۽ فضول جملا نڪرڻ لڳا, سندن بي

سري نڙيءَ مان فحش راڳ نڪرندا رهيا، ۽ گڏو گڏ ميز مٿان بہ زور سان مڪون هڻي رهيا هئا. شراب جي پيالن مٿان پيالا نڙيءَ اندر اوتي رهيا هئا. هو تعداد ۾ ڪل ڏهہ هئا ۽ سيني ۾ ڊگلس ئي هو جو پاڻ مٿان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضابطو رکيو پئي آيو. هن جي بغل ۾ هڪ قداور ۽ ڳاڙهن ڳلن واري حسينہ ويٺي هئي. جنهن جي صرف اها ئي ڪوشش هئي تہ هيءَ ڪڏهن ٿو مدهوش ٿئي. پيئڻ جي لاءِ جيتوڻيڪ ڊگلس ڪي بہ اوترو ئي شراب مليو هو جيترو سندس ساٿين کي، تڏهن بہ هن پاڻ کي آپي مان نڪرڻ کان بچائي ورتو هو. شايد اهو ئي سبب هو جو ماحول جي ايڏي گوڙ گهمسان باوجود هن جي دماغ جي ڪونڊيءَ ۾ خيالن جو غبار مسلسل چڪر هڻي رهيو هو ان حالت ۾ اوچتو هن جي دل ۾ چڻ تہ نرمي ۽ همدردي، شفقت ۽ محبت جو سرچشمو ڦاٽي نڪتو ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ جيڪر ڪا شرافت جي ڳالهہ سوچي هن شوخ ڇوڪريءَ اڳيان بيان ڪريان. مگر جيئن ئي هن ڪجهہ سوچڻ چاهيو. تيئن ئي هن کي منديءَ مان مغز غائب ٿيندو نظر آيو ۽ کنهن گونگي انسان جيان سندس وات ڦاٽل ئي رهجي ويو.

”او هو! “ هن آخري ٺهڪ اوڳاڇيندي چيو ۽ خواه مخواه ڪجهہ نہ ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، ” تڏهن تہ...... تڏهن تہ....... پر اهو تہ ٻڌاءِ، تون هتي آئينءَ ڪڏهن؟“

”ڇهہ مهينا ڪن ٿيا.“ ڇوڪريءَ جواب ڏنو.

ڊگلس پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو ڄڻ تہ ان حقيقت جي تائيد ڪري رهيو هو.

”توکي هت ڪا تڪليف تہ ڪانهي؟“

ڇوڪريءَ ڪجهہ سيڪنڊن لاءِ سوچيو ۽ پوءِ چوڻ لڳي: ”تڪليف ڇا ٿيندي، هاڻ تہ مان عادي ٿي چڪي آهيان. سمجهين نہ ٿو تہ ماني تہ آخر ڪمائي کائڻي آهي! ايئن بہ مون کي هيءَ ڌنڌو ملازمت کان هزار درجا وڌيڪ بهتر ٿو نظر اچي. ملازمت ۾ بہ ساڳي ڳالهہ آهي، جيڪا هت! “

ڊگلس وري ساڳي انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ڄڻ تہ ان ڳالهہ کي بہ سندس تائيد جي ضرورت هئي.

”ڇا تون هنن ڪوٺين ۾ پيدا ٿي هئينءَ؟“

”اونهون.“

”تڏهن ڇا ڪنهن ٻئي هنڌان آئي آهين؟“

”هون.“

”ڪٿان؟“

هوءَ ٿورو وقت ترسي ڄڻ تہ ڪجهہ ياد ڪري رهي هئي، ۽ پوءِ چيائين :”مان ”پرپيگ“ جي رهواسڻ آهيان.

”او هو! او هو!“ ڊگلس تڪڙو چيو ۽ يڪدم چپ ٿي ويو.

”توهان تہ شايد خلاصي آهيو؟“ ڇوڪريءَ پڇيس.

”هائو اسين خلاصي آهيون.“

”پوءِ توهان وڏا وڏا سفر ڪيا هوندا؟“

”ها.......تمام ڏگها سفر ڪيا اٿئون، مون گھڻو ڪري سڀ ملڪ ڏٺا آهن.“

”ساري دنيا جي چوٺير گھمي آيو آهين؟“

”بلڪل،“ ڊگلس چيو ”۽ هڪ دفعو نه پر ٻه دفعا دنيا پر جو چڪر لڳايو اٿم.“

هوءَ ڪجھه وقت خاموش ٿي ويئي. ڊگلس به چپ رهيو. آخر ڇوڪريءَ چيو :

”منهنجي خيال موجب ته توهان گھڻن ئي قسمن جي جهازن وارن سان مليا هوندؤ! “

”ڪيترن سان ئي.“

”هڪ جهاز آهي ’ناٽري ڊئم‘ جي نالي سان. ڇا ان جهاز جي ڪنهن ماڻهوءَ سان به تنهنجي ڪڏهن ملاقات ٿي؟“

ڊگلس پنهنجي جهاز جو نالو هن جي واتان ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ پوءِ ان کي هڪ مذاق سمجھندي چوڻ لڳو، ’ناٽري ڊئم‘ جي ماڻهن سان ته اجهو گذريل هفتي مليا هئا سون.“

”ڇا سچ ٿو چوين؟“

”بلڪ سچ.“

”ڏسُ متان وڏاءُ ڪندو هجين !“

”نه ڙي نه.........چوين ته خدا جو قسم کڻان ته ’ناٽري ڊئم‘ وارن سان گذريل هفتي مليو هوس.“

”ڇگو ان جهاز تي ڪو ڊگلس نالي خلاصي به ڏٺو هيئي؟“

”ڊگلس نالي خلاصي !“ بي اختيار سندس زبان، اهو جملو اچاريو ۽ ان سان گڏو گڏ سندس ساري بدن ۾ ڄڻ ته بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. ’ڏٺي منهنجا هن ڇوڪريءَ کي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پيئي؟‘ هن سوچيو.

”ٻڌاءِ نه تون ڊگلس نالي خلاصيءَ کي سڃاڻين؟“ ڇوڪريءَ بيتاب ٿيندي، پنهنجو سوال ورجايو.

”تو بهه، تون هن کي ڪيئن سڃاڻين؟“ ڊگلس الٽو سوال ڪيو.

”نه نه مان ته هن کي ڪو نه سڃاڻان، البت هتان جي هڪ ٻي ڇوڪري اڪثر هن جو نالو کڻندي آهي.“ هن چيو.

”اها ڇوڪري ڪير آهي؟ ڇا هن ئي حال ۾ رهندي آهي؟“

” نه هت ته ڪو نه رهندي آهي.“

”تڏهن ڪٿي رهندي آهي؟“

”آخر اها ڪير آهي؟“

”بس هڪڙي ڇوڪري آهي.......... بلڪل مون جهڙي.“

”ڊگلس سان هن جو ڪهڙو سبنڌ آهي؟“

”مون کي ڪهڙي خبر؟ ٿي سگھي ٿو ته هو سندس شهر جو هجي!“

ڊگلس ۽ ڇوڪريءَ هڪ ٻئي جي اکين ۾ ڏٺو.

”مان ان ڇوڪريءَ سان ملڻ ٿو چاهيان.“ ڊگلس چيو.

”ڇو؟“ ڇوڪريءَ پڇيو ”ڇا توکي ان کي ڪجھ ڇوٽو آهي ! “

”مان هن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ....... تہ..........“

”ڇا ٻڌائڻ ٿو چاهين تون هُن کي؟“

”تہ مان............ڊگلس سان مليو آهيان !“

”تون ڊگلس سان مليو آهين؟ ڇا هو زندھ آهي ! خوش تہ هو؟“

”هائو هو خيريت سان هو، پر تنهنجو ان ۾ ڪهڙو ڪم؟“

ڇوڪري چپ ٿي ويئي ڄڻ پنهنجي تخيل جا اٿلايل صفحا ورائي رهي هئي. وري ڪجھ آهستي چيائين، ”يلا ’ناٽري ڊيَم‘ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو؟“

”مارسيلس ڏانهن !“

”مارسيلس ڏانهن !“ ڇوڪريءَ رڙ ڪري چيو ”ڇا اهو سچ آهي؟“

”بلڪل سچ.“

”۽ تون ڊگلس کي بہ سڃاڻيندو آهين؟“

”اهو تہ پهريون ٻڌايو مانءِ.“

”ڇڱو تہ ٻڌ...........ڊگلس کي ڇٽجان تہ تنهنجي ماءُ ۽ تنهنجو پيءُ مري ويا آهن. ۽ اهو بہ ڇئجانس تہ تنهنجو ياءُ بہ ختم ٿي ويو آهي......... ڇئجانس تہ تنهنجي وڃڻ کان پوءِ شهر ۾ ويا اڇي پڪڙي، جنهن ۾ اهي ٽيئي ڄڻا هڪ مهيني اندر مري ويا.“

ڊگلس محسوس ڪيو تہ ڄڻ ڪوئي سندس هانءُ چباڙي رهيو هو. ڪجھ وقت هو چپ چاپ ويٺو رهيو.هن ڪجھ چوڻ پئي چاهيو. پر سندس نڙيءَ ۾ ڄڻ تہ ڪو ڳوڙهو اٽڪي پيو هو. هن جي زبان مان زور سان ڪجھ لفظ نڪتا.

”ڇا توکي يقين آهي تہ ايئن ئي ٿيو آهي؟“

”هائو مون کي يقين آهي تہ ايئن ئي ٿيو آهي.“

”اهي ڳالهيون توکي ڪنهن ٻڌايون؟“

جواب ۾ ڇوڪريءَ ٻئي ٻانهون ڊگلس جي ڪلهن تي رکيون ۽ هن جي اکين ۾ گهوريندي چوڻ لڳي :”قسم کڻ تہ هي ڀيد ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندين ! “

”مان خدا جو قسم ٿو کڻان.“

”تہ ٻڌ، مان ڊگلس جي ڀيڻ آهيان !“

”ليوسي !“ ڊگلس کان رڙ نڪري ويئي.

ڇوڪريءَ هن جي اکين ۾ اکيون وڌيون ۽ هوريان هوريان سندس چپ چريا.

ايئن پئي معلوم ٿيو ڄڻ هوءَ لفظن کي زبان کان ٻاهر ڪيندي روڪي رهي هئي.

”تہ تون ڊگلس آهين !“ ڇوڪريءَ جو آواز ائين ٻُڌڻ ۾ آيو ڄڻ تتل رک مٿان ڪو پاڻي هاري رهيو هو. ٻئي پٽر جا بت بڻجي ويا. ساري بدن ۾ صرف سندن اکيون زندهہ پئي معلوم ٿيون، جي هڪ ٻئي ڏانهن گهوري رهيون هيون.

هن جي چوڌاري ٻيا خلاصي ۽ انهن جي بغلن ۾ ڀڪوڙيل جنسي اڄ اجهاڻ واريون صراحيون، گوڙ شور مچائي رهيون هيون، شرابي خلاصين جا ٻي سرا گيت ۽ فضول بڪ ۽ انهن جون وحشاني رڙيون ۽ رنڊين جون هسٽريا ڀريل ڇيخون ۽ ٽهڪ، اهي سڀ گوڙ گهمسان ۾ شامل هئا.

”اهو........ٽيو.......ڪيئن؟“ ڊگلس رڪجي رڪجي اهڙي تہ ڏيمي آواز ۾ چيو جو ليوسي بہ مشڪل سان اهي لفظ ٻڌي سگهي.

ليوسيءَ جون اکيون لڙڪن سان ڀرجي ويئون.

”بس هو مري ويا، سڀ......... سڀ مري ويا..........“ ليوسيءَ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو.” تنهنجي گهر مان وڃڻ ڪان هڪ سال پوءِ امان، بابا، ۽ ڀائو ٽيئي هڪڙي ئي مهيني ۾ خدا کي پيارا ٿي ويا. ۽ مان پاڻ هن ڀريءَ دنيا ۾ اڪيلي رهجي ويس......... ڪنهن رڻ ۾ اڪيلي وڻ وانگر.........ڊاڪٽرن، دوائن ۽ لڳاتار ڪفن دفن جي خرچن، مون کي هٽي پجائي ڇڏيو ۽ مون انهن خرچن کي پوري ڪرڻ لاءِ گهر جي هر هڪ شئي وڪڻي ڇڏي،ان حد تائين جو مون وٽ صرف تن ڍڪڻ جا ڪپڙا مس وڃي بچيا......... پوءِ مونشير وٽ نوڪري ڪيم. اهو ئي اسان جي پاڙي وارو مونشير........ ان وقت منهنجي عمر صرف پندرهن سال هئي.........۽ ”مونشير“ مون کي هر لحاظ کان تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هڪڙي گهر ۾ آيا بڻجي رهيس، مگر ات بہ منهنجو اهو ئي حشر ٿيو. گهر جي مالڪ ڪافي عرصي تائين مون کي هڪ ڏار گهر وٺي ڏيئي سريت بڻائي رکيو. پر آخر ڪيستائين؟ جلد ئي هن بہ مون کي ڇڏي ڏنو. ۽ آخر نوبت اها ٿي جو ڪيترا ويلا بک تي ڪيڏٽا پوندا هئم. پوءِ سوچيم تہ جڏهن جت ڪٿ حالت اهائي ٿيندم، پوءِ ڇو نہ پاڻ ئي قبول ڪريان ! تنهن ڪري هيڏانهن هلي آيس ۽ هاڻي.........هاڻي..........“ ليوسيءَ جي زبان اٽڪي بيهي رهي ۽ گهٽيل گهٽيل آواز ۾ روئڻ لڳي. چڱيءَ دير تائين تہ سندس ڳلن تان ڳوڙهن جون بہ ڀرپور نديون روان رهيون هيون ۽ هن جي آواز ٽٽڻ ساهن ۽ سڏڪن سان ڀريل هو.

”مون سمجهو هو تہ تون بہ مري چڪو آهين !“ ليوسيءَ هڪ وڏو سڏڪو ڀريندي، هڪ زخمي آواز م پڇڪيو ”اهڙيءَ حالت ۾ تون ئي ٻڌاءِ، مان ڇا پئي ڪري سگهيس؟“

”پر تون مون کي شروعات ۾ ئي ڇو نہ سڃاتو؟“ ڊگلس ڪنهن مريض وانگر ڏيمي آواز ۾ چيو.

”نہ ڄاڻان، مون ڪمبخت توکي ڇو نہ سڃاتو؟“ هن تيئن زور سان روئندي چيو. ”ڇا ڪريان ! جڏهن تون گهر کان نڪتو هئين تہ هاڻ کان مختلف هئين ۽ تو بہ تہ مون کي ڪو نہ سڃاتو؟“

ڊگلس کي ايئن محسوس ٿيو تہ ڪوئي سندس دل کي مضبوط چنبي ۾ زور سان نپوڙي رهيو آهي. هو اندر ئي اندر ۾ ڪنهن اندروني تڪليف کان ڪنجهڻ لڳو ۽ سندس دل ۾ بي اختيار روئڻ

جي خواهش اپري، ان معصوم ٻالڪ جيان جنهن کي سندس ڪوئي ساٿي ننڊ ۾ ماري ڀڄي ويو هجي.

هو اٿيو ۽ ڇوڪريءَ جو نازڪ منهن پنهنجن کهرن هٿن ۾ جهلي لڳا تار سندس ڇهري ۾ ڏسڻ لڳو.

آهستي آهستي هو ان پڪي ۽ پختي ڇهري ۾ ننڍپڻ ۽ ٻالڪ پڻ جا معصوم ۽ مسرور مهانڊا سڃاڻندو ويو. جن کي هو سمنڊ جي ڊگهي سفر تي اسهڻ کان اڳ گهر ۾ ڇڏي ويو هو.

”ها، تون ليوسي آهين...... منهنجي ڌيءُ!“ آخر هن ڇيو ۽ يڪدم بي شمار سڏڪا.......هڪ مضبوط ماڻهوءَ جا نادر سڏڪا........ڪنهن خراب بدحال شرابيءَ جا سڏڪا......ڊگلس جي سيني ۾ اپريا......ليوسيءَ جو چهرو هن ڇڏي ڏنو ۽ پرسان رکيل ميز تي هڪ زور دار مڪ هنيائين ۽ هڪ حيواني آواز ۾ دانهون ڪري روئڻ لڳو. هن جي مضبوط مڪ جي شديد ضرب سبب ميز تي رکيل بلوري گلاس اڇي فرش تي ڪريا ۽ انهيءَ دم ٽڪر ٽڪر ٿي پکڙجي ويا. هوڏانهن سندس سڀ ساٿي ۽ انهن جون ساٿياڻيون ڊپ ۾ پرجي هن ڏانهن ڏسڻ لڳيون.

”ڏسو ته ڪيئن نه رعب ڄمائي رهيو آهي!“ هڪ خلاصيءَ کلندي چيو.

”بند ڪر بڪ!“ ٻئي پريان چيو.

”اڙي ڊگلس ڇوٿو رڙين، استاد؟“ ٽئين هن جي ويجهو ايندي ۽ سندس پلوَ کي ڇڪيندي چيو.

”هل نه وري مٿان ٿي اچون!“

ڊگلس يڪدم روئڻ بند ڪيو ۽ ساهه گهٽي، پنهنجي سيني ساٿين مٿان نظر اڇلائي. سڀ نشي ۾ چور هئا. هن جي پرسان ئي هڪ خلاصي هڪ ريشمي لباس ۾ ملبوس مرڪندڙ ڇوڪريءَ کي بغل ۾ جهليون پيو هو.

ريشم ۽ سلڪ جي لباس ۾ ملبوس رن، ڊگلس کي هڪ تازي زخم مثل نظر آئي، جنهن مٿان گلابي رنگ جا تهه ڄمائي حسين بڻايو ويو هجي. هو پنهنجي جڳهه تان اٿيو ڄڻ ته ڪنهن لڙائيءَ ۾ ٽپو ڏئي رهيو هو. هن هڪ وحشاني عزم سان پنهنجي پرپور طاقت جي زور تي رنڊيءَ کي پنهنجي ساٿي خلاصيءَ جي هنج مان جدا ڪيو ۽ هڪ شينهن وانگي گجگوڙ ڪري چوڻ لڳو:

”ڇڏ، ڇڏ هن کي! ڏسين نٿو هيءَ تنهنجي ڌيءُ آهي!....... توهان مان هر هڪ جي بغل ۾ اوهان جي ڌيءُ ويٺل آهي!.......هيڏي ڏسو هيءَ آهي منهنجي ڌيءُ.........ليوسي! ها..... ها.......ها.........“ ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو اهڙي طرح ڄڻڪ هو ٿهڪ ڏئي رهيو هجي. ان کان پوءِ پنهنجون ٻئي ٻانهون هوا ۾ ڦهلائيندو هو ٿڙندڙ قدمن سان اڳتي وڌيو ۽ فرش مٿان ڪري پيو. بيقراريءَ جي حالت ۾ هو پنهنجون ٻئي ٻانهون ۽ ٽنگون فرش مٿان ائين هٽي رهيو هو جيئن اڌ ڪُٺلُ ڪڪڙ ڦٿڪندو آهي.

هن جا سڀ ساٿي پنهنجي پنهنجي جڳهه تي حيران ۽ پريشان ويٺا رهيا.

”هلو ته هن کي ڪنهن بستري تي آرامي ڪريون.“ هن جي هڪ ساٿيءَ چيو.

سيني گڏجي هن کي کنيو ۽ هن کي گهليندا، ڏاکڻ جي رستي مٿينءَ ماڙ تي کڻي ويا، جتي هن کي هڪ بستري تي سمهاريائون.

ليوسيءَ جي ڪمري ۾ ليوسيءَ جي بستري تي !.

(سماهي ’مهراڻ‘ جي ٿورن سان.)

*********

## آسڪر وائيلڊ

## گرداس واڌواڻي

# سَرهو شهزادو

اتانهون هڪ ٿنڀي تي سَرهي شهزادي جو پتلو اُڀو هو پري پري کان پيو پسبو هو. سونن ورقن سان سون وَرِنو ڪيل، اکين ۾ نيلم هئس ۽ ترار جي هٿئي تي هڪ جرڪندڙ لعل.

هرهنڌ پتلي جي واهہ واهہ هئي ۽ سيني دلين ۾ پيهي ويو هو. هڪ ڪائونسلر ازخود چئي ڏنو ”ڪُهڙو نہ سوڀيا وان !“ پاڻ کي مصوريءَ جو ماهر سمجهي پاڻ پڌائيندو هو. پر هو ڪائونسلر شايد ڊنو تہ ماڻهو ڪارڪردگي پڇندا يا چوندا تہ ڏسڻ جو توهہ آهي. سو چئي ڏنائين ”پر ڪهڙي ڪم جو؟“

هڪ جيجل ماءُ ٻار کي چيو ”چو نہ ٿو سَرهي شهزادي جيان ٿين. جو سدائين پيو کلي ۽ خوش نظر اچي. ٻار ڪيتو ڪيو هو تہ چنڊ کپي ۽ رودن لائي وينو هو. ماءُ چيو تہ، ”سَرهو شهزادو ڪڏهن بہ ڪيتو نہ ڪندو هو.“

هڪ سورن سڙيل هن سريش پتلي ڏانهن نظر ڪري چيو : ”ڪو ئي تہ سنسار ۾ هو جو سدائين خوش هو!“

ديول مان چوڪرا سهڻن چلڪندڙ جبن ۾ ٻاهر پڌر ۾ آيا ۽ پتلي ڏانهن نهاري چيائون : ”جهڙوڪ ملائڪ !“ استاد پڙڪيو تہ، ”ڪيئن ٿا چئو ملائڪ آهي.“ چوڪرن امالڪ جواب ڏنو : ”اسان اها صورت خوابن ۾ ڏٺي آهي.“

هڪ رات شهر مٿان هڪ پکي اڏري آيو. ڇهہ هفتا ٿيا، سندس ساٿي وڃڙي وڃي مصر جي پرئمڊ تي پهتا هئا، پر هي رهي پيو هو.

اها بہ هڪ پريت ڪهاڻي آهي. دل ڏئي وينو هو درياهہ جي ڪپ تي هڪ لڏندڙ لام ڏسي. اها بسنت رت هئي ۽ بود ۾ اچي لام پيڙو ٿيو هو. هڪ ئي ڳالهہ ڪيائين : ”توسان پريم ڪرڻ ٿو گهران.“

لڏندڙ لام نئڙي جهٽڪو ڏنو ۽ پکي سمجهي ويو.

خوشيءَ جي خمار ۾ هن چوڌاري ڦيريون پاتيون. پاڻيءَ ۾ ڪنيڙاٽيون پُسائي، ڦوهارا وسايا ۽ چانڊاڻ ۾ چانديءَ جون لهرون لهرايون. سارو اونهارو اها پيار ورڪا چالو رهي.

”هن پيار مان نڪي وري نڪي سري“ ٻين پکين چون چون ڪئي تہ، ”نڪي پئسو پنجڙ نڪو مٽ مائٽ“ ايئن تہ هو ئي ڪونہ تہ پاڻيءَ جي مٿان ٻيون لامون نہ پئي لڙيون. پوءِ سرءُ آئي، پکي اڏامي ويا ۽ هي پکي رهجي ويو.

جڏهن سڀ پکي هليا ويا تہ هي پکي اباڻڪو ٿي پيو. محبوب مان اهو ساءُ نٿي آيس. ”مُنهان هڪ اکر نہ ٿي اُڪليس. “ هن چيو. ”مجاڻ مون کي ڇيڙائي ٿي ۽ سارو وقت هوا سان سُر ملائي

جهومي رهي آهي. هر هڪ هوا جي جهوٽي سان جهڪي ٿي . پر سچ ڇئبو تہ سڀاجهڙي گهر جهالائو آهي ; پر منهنجو تہ پير ٽڪي ئي ڪو نہ. منهنجي دل وٽان اها وَني ٿيندي جا سفر ۾ سدا ساڻ رهي.“

منهن سامهون ٿي پکيءَ لام کي چيو، ”مون سان ٽپڙ ٻڌي ملڪان ملڪ هلڻ لاءِ تيار آهين؟“ لام ڪنڌ ڌوڻيو. هن جو جيءُ گهر سان جڙيو پيو هو.

”اهو مون سان ڪل چرچو ٿي ڪرين. منهنجي هاڻ تياري پرئمبر ڏانهن آهي.“ ۽ الله توهار چئي اڏامي ويو.

اوچتو هن جي نظر پتلي تي پيئي. اڄوڪي رات اتي ئي رهندس، هن سوچيو. مڪتي هوا پئي لڳندي، واهہ جي وسرام واري جڳهہ ٿيندي. ڊرو ٿي هيٺ لٿو ۽ شهزادي جي پيرن ۾ ڊاٻو ڪيائين. چوڌاري نظر ڦيريندي اندر جو اندر ۾ چيائين : ”مون کي تہ سولائيءَ سان ڪمرو ملي ويو آهي ! “ هاڻ هو ننڊاڪڙو هو. سِر کي سيري کنڀن ۾ لڪايائين. اتي هڪ وڏو ڦاٽيءَ جو ٽيپو مٿس لڙي ڪريو. ڏاڍي عجب ۾ پيو تہ آسمان ۾ ڪڪر نالي کي بہ ڪونهي، تارن جي جهر مر لڳي پيئي آهي; پر برسات پيئي پوي! سائي لام جي دل بہ برسات سان هئي. اها هن جي خود غرضي هئي، ۽ ائين ٻيو ٽيپو ڪريو.

”هي پتلو ڪهڙي ڪم جو جو برسات کان بہ بچاءُ نہ ڪري، پکيءَ کي ڪاوڙ لڳي ۽ وڃڻ لاءِ دل ٻڌائين تہ من کو ٽائينڪو هنڌ ليجي پوي!

اڃا اڏامڻ لاءِ پر ساهيائي ڪين هئائين تہ ٽيون ٽيپو ڪريو. ۽ وات مان نڪري ويس: ”اڙي هي ٽئي ڇا پيو؟“

سَرهي شهزادي جي پتلي جون اکيون آليون هيون ۽ سون ورن ڳلن تان لڙڪن جون لارون وهنديون پئي ويس. چنڊ جي چانڊاڻ ۾ منهن تي مهڪ ڏسي پکيءَ کي ڪهڪاءُ ٿيو : ”توهين ڪير آهيو؟“ پکيءَ پڇيو.

”مون کي سَرهو شهزادو ڪري ڪوٺين ٿا.“

”تہ پلا روئين ڇو ٿو؟ روئي روئي مون کي تہ پسائي ڇڏيو اٿئي.“

پتلي جواب ڏنو :”جڏهن سنسار ۾ انسان جو روپ ۽ انساني دل هئم، تہ خبر ئي نہ هئم، تہ روئڻ ڇا ٿيندو آهي؟ رهندو بہ هوس سندر سئنس سوسي محل ۾، جتي ڏکن کي داخل ٿيڻ جي جهل هئي. ڏينهن ڏني جو دوستن سان کل، خوشيءَ ۽ کيڏڻ ۾ وقت گذرندو هو ۽ شام جو وڏي هال ۾ راڳ روپ ۽ رقص ٿيندي هئي. ساري باغ کي چوڌرف شاهي ديوار هئي ۽ مون کي ڪا ڄاڻ نہ هئي، تہ ٻاهر ڇا پيو وهي واپري، اندر سڀ خوشيءَ جو سامان هڪيو هو.

”درٻاري مون کي ڪوٺيندا ئي هئا سَرهو شهزادو۔ ۽ مان برابر هوس بہ. جي ايئن سمجهجي تہ حياتي ۾ سونهن سوپيا، سهنج ۽ منيون منيون مسرتون خوشي مهيا ڪري سگهن ٿيون، منهنجي حياتي ائين گذري. هاڻ جڏهن دنيا مان گذر ڪري ويو آهيان تہ مون کي اُيو ڪري ايترو تہ مٿي بيهاريو اٿن، جو شهر ۾ ٻاهر جي اُگراڻ ۽ گند کي اکئين ڏسي سگهان ٿو. جيتوڻيڪ منهنجي دل شيهي جي ٺهيل آهي ; پر مان لڙڪن کي روڪي نہ ٿو سگهان.“

پکيءَ دل ۾ چيو آهي تہ سجو سون جو نهيل، تہ دل ڪيئن شيهي جي ٿيندي! شايد پنهنجي شخصي وڏائي وڏي واڪي ڪرڻ کان ونءُ ٿو وڃي.

منڻن منڻن لفظن ۾ پتلي وري چوڻ شروع ڪيو :

”پري پري هڪ گهٽيءَ ۾ هڪ گهر آهي. ان جي هڪ دري کليل آهي ۽ ان منجهان مان ڏسان ٿو تہ هڪ پورهيت عورت ميز جي پر ۾ ويٺل آهي. اکيون ڏرا ڏئي ويون اٿس ۽ هٿن ۾ بہ ست نہ رهيو اٿس . هوءَ ڪپڙا ناهي، پرت پري وڪرو ڪرڻ واري آهي. هن وقت بہ هوءَ پرت پري رهي آهي. اهو جبو مهاراڻيءَ جون سرتيون پائي محفلن ۾ ويندڀون. پر ۾ ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ بستري تي هڪ معصوم ٻار سمهيل آهي. ٻار کي بخار آهي ۽ سنگتڙا گهري ٿو. پر ماڻس وٽ هڪ ڪوڏي بہ نہ آهي. هوءَ رڳو ٻار کي نديءَ جو پاڻي پياري سگهي ٿي ۽ تنهن ڪري هو سڏڪا پيو پري.“

”پکي، او منهنجا پيارا پکي، منهنجي ترار جي هٿئي ۾ لڳل لعل ان کي وڃي پهچاءِ. مان هن ٿنڀي تي ٻڌو پيو آهيان ۽ چري نہ ٿو سگهان.“

چلڪندڙ لعل چهنب ۾ کڻي پکي شهرن جي عمارتن مٿان اڏامڻو وڏي ديول جي ٽاور مٿان لنگهہ هوس، جتي سفيد سنگ مرمر مان گهڙيل ملائڪن جا پتلا هئا. پکي محل مٿان اڏامڻو اندر ناچ ۽ ڳاني جا آلاپ هئا. هڪ نازنين پنهنجي پريتم سان بالڪنيءَ ۾ بيٺل هئي : ”ڪيئن نہ تارا جهر مر لاي بيٺا آهن.“ نوجوان نازنين کي چيو. نازنين وراڻيو :” اها محبت جي دلڪش ڪهاڻي آهي، اميد اٿم تہ محفل جي وقت کان اڳ منهنجو جبو تيار ٿي ويندو جو پائي هلنديس.“

پکي اڏامندو پئي ويو. درياهہ ۾ جهازن تي روشن شمعدان پئي جرڪيا.
رستي تي مارڪيٽ ڏٺائين، جتي يهودين ڏي وٽ پئي ڪئي ۽ ڏوڪڙ
ساهمين ۾ پئي توريائون. نيٺ ان مسڪين جي گهر پهچي، هن ڳڙڪيءَ
مان اندر نظر ڪئي.

بستري تي بخار ۾ ٻار ڦٿڪي رهيو هو. ماڻس کي ننڊ اچي ويئي هئي، ڏاڍي ٿڪل هئي. پکي ٽپڪي ڏئي اندر گهڙيو ۽ لعل ميز تي رکيائين. بعد ۾ بستري جي چوڌاري اڏامي، ٻار جي گرم لڱن تي کنڀن سان وڃڻو هنيائين.

”هاڻ کهڙي نہ ٿڌاڻ آهي!“ ٻار چيو ”مان ضرور چاق ٿيندس.“ ائين وري منڙي ننڊ اچي ويس.

هاڻي پکي ڦيرو ڏئي سَرهي شهزادي ڏانهن واپس وريو. جيڪي ٿي گذريو هو سارو حال احوال ڏنائينس ”منهنجون تہ متيون منجهي پيون آهن. تہ ههڙي ولهہ ۾ پاڻ کي گرم پيو سمجهان!“

”اهو چڱي عمل جو ڦل آهي.“ شهزادي چيو. ننڍڙو پکي خيال ۾ پئجي ويو ۽ ننڊ اچي ويس. خيالن ۾ ٻيون هٿڻ سان سدائين ننڊ گهيرو ڪندي هيس.

جڏهن پرهہ ڦٽيءَ پکيءَ درياهہ طرف رخ رکيو ۽ پاڻيءَ ۾ پر پسايائين. پکي – وديا جو ماهر اتان لانگهائو ٿيو اچرج مان چيائين : ”واهہ تنهنجي مايا، سياري ۾ سئالو (1) !“ هن معجزي بابت

هڪ مقامي مخزن کي خط لکي موڪليائين. هر ڪو ان معجزي جو حوالو ڏيڻ لڳو ته خط ۾ ايتري ته چٽائي ڪيل آهي، جو وسهڻ جي نه آهي.

هاڻ هن مصر ڏانهن منهن ڪيو ته دوستارن جو وڃي مڪا ميلو ڪبو. ڏاڍو بودَ ۾ اچي ويو هو. شهر جي سڀني ڏسڻ جهڙن يادگارن کي ڏسي ورتائين. ديول جي چوٽيءَ تي ويهي ڏٺائين، ٻه جهرڪيون چون چون ڪري رهيون آهن ته ”هي ڪهڙو اجنبي هتي پيدا ٿيو آهي!“ اهو ڍڏي نهايت خوش ٿيو.

”چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ سُرهي شزادي وٽ موٽي آيو. پڇيائينس ”مصر لاءِ ڪو ڪم ڪار. مان وڃڻ جي تياريءَ ۾ آهيان.“

”پکيئڙا، منهنجا پکيئڙا، ڏٺيءَ واسطي مون لاءِ هڪ رات رهي پئه.“ شهزادي

ليلايو. پکيءَ پنهنجي ساٿين جي خبر ڏني ته ”اهي اوسيئڙي ۾ هوندا ۽

وڏيڪ گشت جون مهلون ذيان ڪندا هوندا.“

پکيئڙا، ننڍڙا پکيئڙا، شهر کان ٻاهر گهڻو پري ڪوٺڙيءَ ۾ وينو ڏسان، ته هڪ نوجوان وينو آهي. هڪ ننڍڙي ٽپائيءَ تي ڪاغذن ۾ منهن اٽس ۽ پر ۾ گک ڪومايل گلن جو گلدستو رکيل اٽس. سندس وارن ۾ چمڪ آهي، چپ ڳاڙها جهڙا ڏاڙهونءَ داڻا ۽ اکين مان اتساھ پيو بکيس. ٿيئٽر جي ڊائريڪٽر لاءِ هڪ ناٽڪ لکي رهيو آهي؛ پر سرديءَ ۾ هٿ ئي نه ٿو هليس. بخاري ۾ باھ وساميل آهي ۽ هوبک ۾ ساڻو آهي.“

”هڪ رات وڏيڪ رهڻو پيو“ پکيئڙي جو جواب هو. ”ڇا هن وٽ ٻيو لعل ڪٽي وڃڻو آهي؟“ هن وڏيڪ پڇيو.

”افسوس ٻيو لعل نه اٿم!“ شهزادي ڏکارو ٿي چيو. ”باقي اٿم هي اکيون، جي نيلمن جون ٺٽيل آهن. اهي نيلم انڊيا مان هزارين سال اڳ خريد ڪيل هئا، اهي چني ڪٽي وڃ. نوجوان ڪنهن جوهيريءَ وٽ وڪٽي، ڪوئلا ۽ ڪاٺو خريد ڪري وٺندو ۽ ناٽڪ ٻه لکي پورو ڪري سگهندو.“

”مهربان سائين، مان اهڙو ڪنو ڪم ڪري نه ٿو سگهان.“ آلين اکين سان پکيئڙي ناڪار ڪئي.

”پکيئڙا توکي ائين ئي ڪرڻو پوندو، جيئن مان چوان ٿو.“

پکيءَ شهزادي جي اک چني ورتي ۽ ان ليکڪ جي گهر ڏانهن اڏرندو ويو. ڇت ڀڳل هئي ۽ اندر وڃڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿيس. نوجوان منهن هٿن ۾ ڪري ستل هو ۽ پکيءَ جي پرن جي ڦڙ ڦڙ ڪنين نه پيس. اکيون کوليائين، ته ميز تي هڪ نيلم پيل ڏٺائين.

واڪو ڪري چيائين ”منهنجي نالي جي ساک ٿيڻ شروع ٿي ويئي آهي.

هيءُ انعام ڪنهن قدر دان وٽان آيو هوندو. هاڻ ناٽڪ پوري ڪرڻ ۾ ڪا ٻه دير نه لڳندي.“

ٻئي ڏينهن پکي وري موڪلائڻ لاءِ آيو پر شهزادي وري ٻه نه ڇڏيس. چيائينس ”هڪ ڏينهن وڏيڪ ترس.“

”ڏسو نہ ٿا تہ سيارو آهي، جلدي برف ڪرندي. مصر ۾ اڃا تپت آهي ۽ سون ساون وڻن ۾ سج جي تروِرن سان ڪجور پچي راس پئي ٿئي ۽ واڳون بيپرواهہ نيل نديءَ جي ڇڪَ ۾ پيا ليٽن پيٽن. منهنجي دوستن بالبيڪ جي مندر ۾ آکيرا ٺاهي ڇڏيا آهن. “

”مان وچان ٿو پر توهين منهنجي دل ۾ سدا ياد هوندا. مان بَسنت رُت تائين واپس اچي ويندس ۽ توهان لاءِ ٻہ جواهر آڻيندس، جي توهان ڏيئي ڇڏيا آهن. لعل، ڳاڙهي گلاب کان بہ سوايو هوندو ۽ نيلم سامونڊي نيري پاڻيءَ جون سڪون لاهيندو.“

شهزادي چئي ڪجهہ ٻڌو ئي ڪينَ. چيائين، ”سامهون چؤواٽي وٽ هڪ نينگريءَ کي ماچيس هئا، پر هٿن مان هيٺ گٽر ۾ ڪري پيا اٿس. سڀ خراب ٿي پيا آهن ۽ جي وڪڻي ڪجهہ پئسا هٿ ۾ نہ هوندس تہ سِر تي موچڙا پوندس. منهنجي ٻي اک ڪڍي وڃي ڏينس، تہ پوءِ هوءَ گهر ۾ پيءُ جي مار کان بچي ويندي.“

”مان هڪ رات وڌيڪ رهڻ لاءِ تيار آهيان، پر توهان جي ٻي اک ڪيئن ڪڍان. توهين تہ اصل سور داس ٿي پوندا.“

”پيارا پکيئڙا، جيئن چوانءِ تيئن ڪر.“ شهزادي وري بہ ائين چيو.

پکيءَ کي ٻيو چارو ڪو نہ هو ۽ ٻي اک بہ ڪڍي رفو چڪر ٿيو. نينگر اڳيان هوا مان ٽُٻي ڏيئي، هن جي هٿ جي ترِيءَ تي ڏري ويو. ڇوڪريءَ کان رڙ نڪري ويئي، ”ڪهڙو نہ قيمتي جواهر ! “ وٺي گهر ڏانهن لوهہ پاتائين.

موٽڻ تي پکيءَ سوچيو تہ : ”هڪ انڌي کي ڇڏي مان وڃي نہ ٿو سگهان. مون کي هاڻ هتي سدائين لاءِ رهڻو پيو.“

سڄو ٻيو ڏينهن پکي شهزادي جي ڪلهي تي ويٺو رهيو. هن کي ولائتين جون ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳو. جي جي ملڪ هن گهميا هئا — هن نيل جي ڪناري تي ڏنل ٻگهہ پکين جي ڳالهہ ڪئي، جن جون قطارن پنيان قطارون هڪ ڄنگهہ تي بيٺيون هونديون آهن ۽ وقت بہ وقت جهٽڪي سان پاڻيءَ مان ڇهنبن سان مڇيون پڪڙيندا آهن.

مفنڪس جي ڳالهہ ڪيائين، تہ دنيا جهڙو ئي جهونو آهي. رهندو بيابان ۾ آهي ؛ پر سڀ ڪجهہ سوجهي سگهندو آهي. واپارين جا قافلا، اٺن جون قطارون جي عطر عنبير ۽ ٻيو قيمتي مال وٺڻ واپار لاءِ آڻيندا ۽ نيندا آهن. اهڙيءَ طرح جيڪي بہ ڏٺو هئائين ان جو بيان ڪري شهزادي کي وندرايائين.

”منهنجا دل گهريا دوست، تو مون کي عجيب غريب ڪهاڻيون سڻايون آهن ؛ پر سڀ کان عجيب غريب ڪهاڻي مردن عورتن جي غربت ۽ ڏکن ۽ سورن جي آهي. هن سنسار ۾ انسان جي حالت کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ نہ آهي، جو اسرار ٿي سگهي.

”اڏام هن منهنجي شهر مٿون پيارا پکيئڙا، ۽ ڏسُ تہ اتي ڇا ڇا پيو ٿئي.“

پکي اڏاڻو ۽ گشت ۾ ڏٺائين محلن ۾ عيش عشرت جو سامان هڪيو هو. خوشيون ۽ خوشبوبون هيون، گڏ و گڏ دروازن وٽ فقيرن جا ميڙ هئا. اونڌاهين ڪنڊن ڪڙڇن ۾ نظر ڪيائين، مُردن جهڙا لنگهڻ ڪيندڙ ٻار ڏٺائين، جن کي نستائيءَ ۾ پري پري تائين ڪجهه نظر نہ ٿي آيو. هڪ پاري پل جي ڪمان هيٺ ٻہ معصوم ٻار سيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ليٽيا پيا هئا. چيائون پئي: "ڏاڍي بک لڳي آهي." پر پريان چوڪيدار رڙ ڪئي : "هيءَ جڳهہ سمهڻ لاءِ نہ آهي." اتان اٿي هو برسات ۾ گم ٿي ويا.

موٽي، پکيءَ شهزادي کي سربستو احول ڏنو.

شهر جو احوال ٻڌي، شهزادي اکر اکر ڪري چيو تہ : "ڏس، منهنجو سارو بدن سونن ورقن سان سينگاريل آهي. تون هڪ هڪ ورق لاهي وٽ ۽ غريبن ۾ ورهاءِ، جي جيئن ٿا انهن لاءِ، سون ئي خوشي آهي."

هڪ هڪ ورق ڪري پکيءَ پٽي ورتو. سَرهي شهزادي جو پتلو باقي پٿر وڃي رهيو. هڪ هڪ ورق ميڙي غريبن وٽ پهتو. سون ڏسي ٻارن جا ڳل ڳاڙها ٿي ويا. نچيا ٽپيا ۽ گُد گُد ٿي چيائون : "هاڻ مانيءَ جي پرواهہ ناهي."

برف پوڻ لڳي جنهن کان پوءِ پاري جهڙو سيءُ پوڻ لڳو. چمڪاٽ پئي ڪيائون. گهرن جي ڇتين تان برف جا لينگها ڄڻ تلوارون هيون. سڀ ڪنهن کي پشمي جبا اوڍيل هئا ۽ ٻارن لعل رنگ جون ٽوپيون پهريو برف تي سڪيٽنگ پئي ڪئي.

پکي ويچارو سيءَ ۾ سڪي ويو ٿڌ ورائي ويئي هئس ؛ پر شهزادي کي ڇڏڻ جي نہ ڪيائين. هن جي پيار ۾ ٻڌو پيو هو. بيڪريءَ جي ٻاهران ڊبل روٽيءَ جا ٽڪرا ڪسڪائي ورتائين ۽ کنڀ ڦڙڪائي پاڻ کي گرم پئي ڪيائين.

نيٺ پَروُن پئجي ويس تہ پڇاڙڪو وقت آيو آهي ؛ ايتري سگهہ نہ رهيس جو اڏمي شهزادي جي ڪلهن تي پهچي سگهي. پُڻ پُڻ ڪيائين" مان تنهنجي هٿن کي جيڪر چمان!"

"نندڙا پکيڙا، مان هاڻي خوش ٿو ٿيان تہ تون هاڻي مصر وڃي رهيو آهين. تو چڱو ئي وقت مون کي ڏنو آهي. تون اچي منهنجا چَپَ چُم. منهنجو پيار ٻہ دل ۾ ڪٽي وڃ."

۽ هن سَرهي شهزادي جا چَپَ چُميا ۽ ڦان ٿي ڪريو ۽ پتلي جي پيرن ۾ پساهہ ڏنائين.

ان پهر پتلي اندر ڪجهہ ڏڪاءُ ٿيو ڄڻ تہ ڪجهہ ڏري پيو آهي. حقيقت هيءَ هئي تہ شيهي جي دل پتلي ۾ اندر ڏري ٻہ ڦاڪون ٿي پيئي هئي.

ٻئي ڏينهن ميئر ڪائونسلرن سان گڏ چؤواٽي پر ۾ چڪر تي نڪتو هو.

اتان لنگهندي پتلي کي ڏسي هن چيو" خبر نہ آهي، تہ سَرهي شهزادي جي پتلي سان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي؟"

ڪائونسلرن ٻہ سُر ۾ سُر ملايو ۽ ان وقت ئي مٿي جاچ لاءِ ويا.

ڏٺائون تہ هيرا جواهر سڀ گم هئا ۽ سونن ورقن جو بہ پتو نہ هو. ميئر چيو: ”جهڙو فقير ٿي پيو آهي.“ ڪائونسلرن بہ ها ۾ ها ملائي.

ميئر چيو: ”پيرن وٽ هڪ مئل پکي بہ پيو آهي.“ چيائين : ”يڪدم اشتهار ڪيڻ گهرجي تہ پکين کي هتي مرڻ جي منع آهي.“ ڪائونسل ڪلارڪ ان جو نوٽ ورتو.

سو سَرهي شهزادي جو پتلو ڊاٺو ويو. ”هيءُ کهڙي ڪم جو رهيو جڏهن ان ۾ سونهن نہ رهي.“ يونيورسٽي جي هڪ پروفيسر ٻوڪ ڏنو.

کوري ۾ پتلي کي ڳاريو ويو ۽ ميئر ڪارپوريشن جي ميٽنگ ڪوٺائي تہ : ”پتلي جو ڌاتو ڪيئن ڪم آڻجي؟“ ميٽنگ ۾ چيائين: ”ٻيو پتلو ٺاهڻو پوندو. اهو منهنجو هوندو.“

ڪائونسلرن ۾ هُل مچي ويو تہ : ”چا تنهنجو؟“

هر ڪو چوڻ لڳو تہ چو نہ منهنجو --- مون جيسين ٻڌو پئي تيسين سڀ گڙ ٻڙ ڪري رهيا هئا. پتلي جي ڳارڻ واري کوري جي فورمئن چيو ”عجيب آهي تہ شيهي جي دل ڳري ئي نٿي. ڪٽي ٿا ڦٽو ڪريونس.“

هڪ ڪچري جي ڍير تي ڪٽي اڇلايائونس. مئل پکي بہ اتي ئي پيو هو.

خداوند ڪريم پنهنجي هڪ ملائڪ کي سڏي چيو تہ ”دنيا مان ڳولهي ڪري بہ سوغاتون ڪٽي اچ.“ ۽ ملائڪ شيهي جي دل ۽ مئل پکي ڪٽي آيو.

خداوند ڪريم جو چوڻ هو : ”تنهنجي چونڊ پوري آهي. منهنجي بهشت ۾ هي پکيئڙو سدا منڙو گيت ڳائيندو رهندو. ۽ منهنجي سوني شهر ۾ سَرهو شهزادو سدا منهنجا گيت ڳائيندو رهندو.

******

(1) Swallow هڪ پکي جيڪو سياري ۾ وچ اوير جي گرم علائقن ڏانهن اڏام ڪندو آهي ـ مترجم

## گرهام گرين

## ولي رام ولڀ

# ڏوراپو

گرهام گرين (Graham Greene) 1904ع ۾ برخامستيڊ (انگلينڊ) ۾ اتي جي اسڪول جي هيڊ ماستر هي گهر جنم ورتو ۽ انهيءَ اسڪول ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. هو سر ڊبليو گهام گرين K.B.Cجو پاڻيو آهي. جو پهين مهاڀاري جنگ ۾ ائڊمرلٽيءَ جو سيڪريٽري هو. هن باليان ڪاليج آڪسفورڊ مان 1925ع ۾ گريجوئيشن ڪئي. جتي(The Oxford Out Look) لکيائين، جو پوءِ 1929ع ۾ ڇپيو. هن انهيءَ وچ ۾ ڪيترائي ڏنڊا ڪيا. ناٽنگهام ۽ پوءِ لنڊن ۾ (The Times)۾ صحافيءَ جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. پر پوءِ پنهنجي پهرين ناول ڇپجڻ تي استعيفا ڏئي فري لانس ليڪ ٿيو. سندس پهرين ڪهاڻي 1936ع ۾ آمريڪا جي Storyنالي رسالي ۾ ڇپي هئي. اڄ هو دنيا جو مهندار ڪيٿوليڪ ناول نويسن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. سندس افسانوي ادب کي فلم ذريعي ۽ ناٽڪن جهڙوڪ (1953) The Living Room The Potting Shed (1957) , وغيره جي ڪري ٿيئٽر جي شائقن ۾ سڃاتو وڃي ٿو. هن گهڻائي ناول لکيا آهن، جن کي هن ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. هڪڙن کي هو "تفريحي" ڪوٺي ٿو. مثال طور : Brighten Rock (1938) , The Third Man وغيره ۽ ٻيا روحاني قدرن جي کوج بابت آهن.مثال طور The Heart of Matter (1948) , The End of the Affair (1951) سندس ڪهاڻين جي مجموعي May we Barrow Your Husband ?(1967) جي مواد ۾ مرڪ سان گڏ لڙڪ به آهن. انهيءَ کان سواءِ سندس آتم ڪهاڻي
A Story of Life به 1971ع ۾ ڇپي آهي. (مترجم: ولي رام ولڀ)

هو ٻئي باغيچي ۾ بينچ تي ٻگپل دير کان ويٺا هئا – چپ چاپ. اهو اونهاري جي شروعات جو ڏاڍو چٽو ڏينهن هو. آسمان ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ سفيد ڪڪر پکڙيل هئا، پر ممڪن هو ته ڪڪر وکري وڃن ۽ آسمان صاف نيرو ڏسڻ ۾ اچي.

ٻئي چڙهيل عمر جا هئا، پر ٻنهي مان ڪنهن کي به وڃايل جواني پر ۾ ناهي رکڻ جو چاهه نه هو. هونئن مرد پنهنجي ريشمي مڇن جي ڪري گهڻو ناهوڪو ڏسڻ ۾ تي آيو جيترو هن پنهنجو پاڻ کي سمجهيو ٿي. ۽ عورت به آرسيءَ واري پنهنجي عڪس کان گهڻو وڏيڪ پياري ڏسڻ ۾ ٿي آئي.

ڳنڀيرتا ٻنهي ۾ هئي ۽ اها ئي ٻنهي ۾ هڪجهڙائي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ پنجن منٽن جي وڇوٽي هئي، جتان لڳو ٿي جڻ هو عرصي کان پرٽيل هجن ۽ ڊگهي وقت جي ساٿ سبب سندن

صورتون بہ پاڻ ۾ ملڻ لڳيون هيون. ٻنهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي واچ ڏٺي ٿي، ڇو تہ ٻنهي وٽ اها نويڪلائي ٿوري وقت لاءِ هئي.

مرد ڊگهو ۽ بدن ۾ سنهو هو. نازڪ نقش، چهرو سادو پر منجهس سونهن هئي، سهڄتا هئي. پرسان ڇتي عورت پهرين نظر ۾ هڪ ٿڌي ۽ تراشل ٽنگن واري تصوير جيئن ڏسڻ ۾ ٿي آئي. سندس چهري مان لڳو ٿي ڄڻ هن لاءِ اهو گرميءَ جو هڪ اداس ڏينهن هجي. پر پوءِ بہ هوءَ واچ جو ڇيو ميجي اٿڻ لاءِ تيار هجي.

هو شايد هڪ ٻئي سان ڳالهائين ئي نہ ها، جيڪڏهن وٽائنن بہ شرارتي ڇوڪرا نہ اچي لنگهن ها. انهن مان هڪ ڄڻي جي ڪلهي ۾ ريڊيو لڙڪيل هو ۽ پنهنجي ڌيان ۾ گم ڪبوترن کي پٿي ماريو، اڏاريو ۽ ستايو. هڪ ڪبوتر کي ڪو وڏيڪ ڌڪ لڳي ويو هو ۽ تنهن ڪري ڦهڪو ڪري اچي هيٺ ڪريو ۽ ڦٿڪڻ لڳو. اهي ڇوڪرا انهن ڪبوترن کي ڦٿڪندو ڇڏي اڳيان نڪتا هليا ويا هئا.

مرد اٿيو پنهنجي ڇتيءَ کي ڇهبڪ جيان جهلياڻين، : ”بدمعاش !“ سندس واتان نڪتو.

”ويچارو ڪبوتر !“ عورت ڏڪندڙ ڇپن سان چيو.

ڪبوتر جي هڪ ٽنگ مڙي وئي هئي. هڪ پاسي جي ڪنبڙاتي هيٺ لڙڪي پئي هيس. هن زمين تي ڪيئي پيرا ليٽڙيون پاتيون پر اڏامي نہ سگهيو.

”توهان هڪ ڪن لاءِ ڪنهن ٻئي پاسي نهاريو“ مرد چيو ۽ ڇتي هڪ پاسي رکي. ڪبوتر ڪٽي ورتائين ۽ تڪڙو تڪڙو سندس ڳچي مهٽڻ لڳو.”اهو هڪ ڊينگ آهي جو پکي پاليندڙن لاءِ ڄاڻڻ ضروري آهي.“ وري هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري گند جو ڊبو ڳوليو ۽ ڏيرج سان ڪبوتر ان ۾ وجهي ڇڏيائين.

”هاڻي پيو ڪجھ نٿي ٿي سگهيو“ مرد مڙي پڇتاءَ وچان چيو.

”مان اهو نٿي ڪري سگهيس.........“

”ڪنهن کي مارڻ، اسان جي دؤر جو هڪ سوکو ڪم آهي.“ مرد جي ڳالھ ۾ ڪوڙاڻ هئي.

هاڻي جڏهن هو واپس بينچ تي اچي ويٺو تہ سندس وچ ۾ ساڳي ويڇوتي نہ هئي. هاڻي هو منڊ بابت ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ڪري سگهيا پئي – جيئن گذريل هفتي ڪُمندائتو سيءُ پيو هو........ انهيءَ کان اڳ واري هفتي..........

عورت جو انگريزي لهجو ڪيس وٽيو ۽ فرينچ گهٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪانئس معافي گهري. عورت ٻڌايس تہ ہ انگريزي ڪٿي ۽ ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهي هئي.

”اهو سمنڊ ــ ڪناري جو شهر..........“

”سمنڊ هميشہ مون کي سليٽي لڳندو آهي.“

پوءِ ٻئي ڪافي دير پنهنجي ماٺ ۾ هيڪل هيڪل ويٺا رهيا. پوءِ مري ويل جي باري ۾ سوچيندي عورت ڪانئس پڇيو :”هو ڪڏهن فوج ۾ بہ هو؟“

”نہ جڏهن لڙائي لڳي، مان چاليهين ورهين جو هئس.“ مرد ٻڌايس تہ :”هڪ پيري سرجري مشن تي هندوستان ويو هوس. مون کي هندوستان ڏاڍو وڻيو.“ ۽ مرد جي اکين ۾ ياد جي چمڪ اچي وئي. هو عورت کي لکنؤ ۽ آگري جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. پراڻي دهليءَ جون بہ. ۽ چوڻ لڳو” مون کي رڳو نئين دهلي چڱي نہ لڳي، ڇو تہ اُها ڪنهن انگريز ناهي هئي، انهيءَ مان مون کي واشنگٽن جو خيال ايندو رهيو هو.........“

”اوهان کي واشنگٽن پسند ناهي؟“

”سچ چوان........مون کي پنهنجي ملڪ مزو نہ ايندو آهي. مون کي پراڻيون شيون وڻنديون آهن، انهيءَ ڪري مون کي هندوستان وڻيو هو اهو مون کي بلڪل پنهنجو لڳو هو...... ايئن جيئن هاڻي فرانس لڳي ٿو.....منهنجو ڏاڏو برٽش ڪونسل هو نائيس ۾...........“

”تڏهن اهو بلڪل نئون شهر هو........“

”ها، پر هاڻي اهو پڪي عمر و ٿي ويو آهي. اسان آمريڪي جيڪي ڪجهہ جوڙيون ٿا، اهو خوبصورتيءَ ڪري پوڙهو نہ ٿو ٿئي.........“

”اوهان شادي ڪئي آهي يا نہ؟“

”مرد ٿورو هٻڪيو. پوءِ چيائين، ”ها.“ ۽ هن ڇتي سياويڪ ڊنگ سان جهلي ورتي، جڻ انهيءَ وقت ڪنهن سهاري جي ضرورت هجيس.

”مون کي اها ڳالهہ پڇڻ نہ گهرجي ها..........“

”ڇو نہ.......۽ توهان؟“ مرد عورت کي ڪجهہ راحت ڏيڻ جي خيال کان پڇيو. جيتوڻيڪ سندس هٿ ۾ شاديءَ جي منڊي ڇتي ڏسڻ ۾ پئي آئي.

”ها.“

هاڻي مرد کي لڳو تہ ڪيس پنهنجو نالو نہ ٻڌائڻ اَڏنگائي ٿيندي. انهيءَ ڪري چيائين،”منهنجو نالو گرِيوز آهي، هينري سي – گرِيوز.“

”منهنجو ڪيري ڪليئر.“

”اڄ جي ٻپهري ڏاڍي وڻندڙ هئي.“

”پر سج لهندي ٿوري ٿڌ ٿي وئي آهي.“

مرد جي ڇتي ڏاڍي وڻندڙ هئي. ان جي سونهري ڪنيءَ کي عورت ساراهيو ۽

ڪيس وير ڪبوتر ياد آيو. چوڻ لڳي، ”اهو توهان جو ڏاڍو ڪهل پريو ورتاءُ هو. پر ڏکيو هو مان نٿي ڪري سگهيس، مان بزدل آهيان.....“

”اسان سڀ ڪٿي نہ ڪٿي ضرور بزدل آهيون.....“

” پر اوهان ناهيو.“

”مان بہ.......“ مرد جي من ۾ ڪجھ چوڻ لاءِ اپريو پر عورت جڻ سنس ڪوٽ جي ڪالر ڪي جهلي ڪيس روڪي ڇڏيو هجي. هن سچ پچ سندس ڪوٽ جي ڪالر کي جهليو هو ۽ چئي رهي هئي، ”ڪٿان آلو رنگ لڳي ويو آهي، اوهان جي ڪوٽ تي.“

”اڄ منهنجي گهر جي ڏاڪڻ تي رنگ ٿي رهيو هو.....“

”هتي اوهان جو گهر بہ آهي؟“

”گهر نہ چوٿين ماڙ تي هڪ ننڍڙو اپارٽمينٽ........“

”لفٽ هوندي؟“

”نہ، اها هڪ پراڻي عمارت آهي.“

عورت جڻ مرد جي اڻچاتل زندگيءَ جي هڪ چير مان ليئو پائي ورتو هو. جواب ۾ ڪجھ پنهنجي باري ۾ بہ ڪيس چوڻو هو ـــ گهڻو نہ ٿورو ئي سهي، سو چيائين، ”منهنجو اپارٽمينٽ ناخوش هئڻ جي حد تائين نئون آهي. دروازو بجليءَ تي کلي ٿو بنا هٿ لڳائڻ جي، هوائي اڏي جي دروازي جيئن.....“

پوءِ ننڍيو ننڍيون ڳالهيون ٿينديون رهيون....... هوءَ ڪٿان پنير خريد ڪندي آهي....... هو شيون ڪٿان خريد ڪندو آهي.......

” ٿڌ وڌندي ٿي وڃي........ هاڻي هلجي.“عورت چيو.

”اوهان هتي هن پارڪ ۾ اڪر اينديون آهيو؟“

”پهريون ڀيرو آئي آهيان.“

” ڪيڏو عجيب اتفاق آهي، مان بہ هتي پهريون ڀيرو آيو آهيان، جڏهن تہ مان هتان ويجهو رهان ٿو.“

”۽ مان هتان کان گهڻو پري.“

قدرت جا راز ڪيئن نہ لڪل رهندا آهن. ٻئي بينچ تان اٿيا، مرد هٻڪي چيو، اوهان کي وقت نہ هوندو، نہ تہ رات جي ماني جيڪر ٻئي گڏجي کائون.“

عورت کان هڪ ڪن لاءِ انگريزي ڳالهائڻ جڻ وسري ويئي، فرينچ ۾ چيائين، ”اوهان جي زال..........“

”هوءَ ماني ڪنهن ٻئي هنڌ کائيندي، پر اوهان جو مڙس؟“

”هو يارهين وڳي کان اڳ گهر نہ ايندو.“

ڪجھ منٽن جي مفاصلي تي هڪ هوٽل هئي. عورت کي ڪا خاص بک نہ هئي، پر کاڌن جي ڊگهي فهرست پڙهندي وقت گذاريندي هوءَ ڪيس اچا وڌيڪ ويجهو ٿيندي وئي. کاڌو اڳيان آيو تہ ٻنهي جي واتان نڪتو ”مون ايئن نہ سوچيو هو......“

”ڪڏهن ڪيئن ڪجھ ٿي ويندو آهي.......“ مرد چيو.

”پنهنجي ڏاڏي جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟“

”مون ڪيس گهٽو نہ ڏٺو هو........“

”اوهان جو پيءُ آمريڪا ڇو ويو هو؟“

”شايد ائڊوينچر لاءِ.....شايد اها ئي خواهش مون ڪي واپس يورپ وٺي نہ آئي، پر منهنجي پيءُ جي زماني ۾ آمريڪا رڳو ڪوڪا ڪولا نہ هئي.......“

”اوهان هتي يورپ ۾ شادي ڪئي هوندي؟“

”نہ، مان پنهنجي زال کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو آهيان، ويچاري.......“

”ويچاري؟“

”ڪانئس ڪوڪا ڪولا نٿي وسري.“

”پر اها تہ هتي بہ ملي ٿي، “ عورت ڄاڻي واڻي اڻ ٺهڪندڙ وراڻي ڏني.

”وائين – “ويٽر آيو، مرد پڇيس، ”ڪهڙو وائين؟“

”مون کي گهڻي خبر ناهي، ڪو بہ “

”منهنجو خيال هو سيئي فرينچ.......“

”اها چونڊ منهنجو مڙس ڪندو آهي......“

اوچتو جڻ ٻنهي جي وچ ۾ صوفي تي ڪو اچي ويٺو هجي – مڙس ! سانت گهري ٿي ويئي. اها سانت نہ ٽٽي ها – جڻ بہ پاڇا اتي ڄمي ويا هئا.—جيڪڏهن عورت ڳالهائڻ جو ست نہ ساري ها، ”اوهان جا ٻار آهن؟“

”نہ، اوهان جا؟“

”نہ.“

”اوهان کي انهيءَ ڪري ڪا ڪوٺ محسوس ٿيندي آهي؟“

عورت وراڻيو، ”منهنجو خيال آهي ڪا نہ ڪا ڪوٺِ، هر ڪنهن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي رهجي ويندي آهي.“

”خير اڄ مان خوش آهيان، جو انهيءَ پارڪ ۾ ويس.“

”مان بہ خوش آهيان.“

انهيءَ کان پوءِ جي سانت هڪ سهائي سانت هئي. ٻئي پاڇا اتان اٿي هليا ويا هئا – ڪين اڪيلو ڇڏي، هڪ پيرو ميوي جي پليٽ ۾ سندن آڱريون هڪ ٻئي سان ڇُهجي وييون، سندن سمورا سوال جڻ ختم ٿي ويا. هڪ ٻئي کي هنن ايترو سمجهي ورتو جيترو ڪنهن ٻئي کي نہ سمجهيو هئائون. اهو خوشگوار شاديءَ جيئن هو، سڄاڻپ ۽ سمجھ جي منزل کان پرانهون، ريس جي منزل پويان رهجي وئي. ۽ هاڻي جڻ وقت ۽ موت، ٻئي دشمن رهجي ويا هئا.

ڪافي آئي ـــ وڌندڙ عمر جي اهڃاڻ وانگي. ۽ انهيءَ کان پوءِ برانديءَ جو ڊُڪُ ضروري هو – اداسيءَ کي نڙي کان لاهڻ جي لاءِ. اهو سيڪجھ ائين هو، جڻ هو عمر جو مفصلو لنگهي ويا هجن، پر اڏامندڙ پکين جئن.....ٽورن ئي ڪلاڪن ۾.

مرد بل ادا ڪيو ۽ هو ٻاهر آيا. اهو وقت موت جي پيڙا مثل هو ۽ ان کي سهڻ لاءِ هو ٻئي نازڪ ۽ هيٺا هئا. مرد چيو ”مان اوهان کي اوهان جي گهر تو ڇڏي اچان.“

”نہ ايترو پري ڪيئن هلندؤ؟“

”ڪنهن هوٽل جي ڪليل ڇت تي هڪ ٻيو ڊرنڪ ڪريون.“

”هاڻي ڊرنڪ انهيءَ کان وڌيڪ اسان کي ڇا ڏيندو؟“ عورت چيو”هيءَ شام پنهنجو پاڻ مڪمل آهي. تون سچ هڪ ڪومل روح آهين...“ اهو جملو سندس واتان فرينچ ۾ نڪتو هو جنهن ۾ هن ”تون“ لفظ کي ڏاڍي پاٻوهہ ۽ پنهنجائپ سان اچاريو هو. پر پنهنجو پاڻ کي دلاسو ڏيڻ لاءِ هن سوچيو تہ مرد کي چڱي طرح فرينچ نٿي اچي، انهيءَ کي ڏيان نہ ڏنو هوندائين.

انهن هڪ ٻئي جو پتو نہ پڇيو نہ ٽيليفون نمبر . ٻئي سمجهي ويا هئا ---- سندن زندگيءَ ۾ اهو پل ڏاڍي دير سان آيو هو --- بنهہ پڇاڙيءَ ۾. مرد ٽئڪسي جهلي منجهس عورت کي وهاريو ۽ پاڻ هوريان هوريان پنهنجي گهر ڏانہ هلڻ لڳو. جوانيءَ جي وقت ڪجهہ بزدلي هوندي آهي، اها وڏي عمر ۾ سياڻپ ٿي ويندي آهي، پر انهيءَ سياڻپ هٿان بہ انسان افسوس جو ڪردار بڻجي سگهي ٿو.

*****

هيري ڪليئر جڏهن پنهنجي گهر آٽوميٽڪ دروازو اورانگهي اندر ويئي تہ ڪيس هميشہ وانگي هوائي اڏي جي ڳالهہ ياد آئي. ڇهين ماڙ تي سندس اپارٽمينٽ هو. دروازي جي مٿان رت جي رنگ جهڙي ۽ پيلي رنگ جي هڪ ائبسٽرڪٽ پينٽنگ هئي، جا ڪيس اجنبيءَ جيئن لڳي. هوءَ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ پٽ جي پرئين پر کان پنهنجي مڙس کي ٻڌي سگهي ٿي --- هوءَ سوچي رهي هئي، اڄ مڙسس وٽ ڪهڙي ڇوڪري هئي – ٽوني يا ٻي ڪا؟ هن ٻئي دروازي تي ائبسٽرڪٽ پينٽنگ ناهي هئي. ۽ ٽوني، جا بيلي ڊانسر هئي، چيو ٿي تہ ڊرائنگ روم ۾ رکيل ڇٽَ جو ماڊل هوءَ آهي.

هوءَ سمهڻ لاءِ ڪپڙا بدلائڻ لڳي. پر واري ڪمري جا آواز هڪ ڇار اٽيندا رهيا، پر اڄ واري بينچ جو ڏيک سندس اکي آڏو اچي ويو. هوءَ پير دٻيل دٻيل ڪٽندي ۽ رکندي رهي. سندس اچڻ جو آهٽ سندس مڙس جي ڪنن تي پوي ها تہ سندس مڙس جي طلب تيز ٿي وڃي ها. پٽ جي اورئين پر سندس وجود، سدائين هن جي خواهش جي لاءِ ضروري هوندو هو. آواز آيو :”پيارا ! پيارا !“ آواز وڪريل هو. اهو نالو هن لاءِ نئون هو. هن ميز ڏانهن هٿ وڌايو ڪنن مان لاٿل واليون ميز تي رکيائين ---- ۽ ڪيس ميوي جي پليٽ ۾ ڪنهن جون ڇهيل آڱريون ياد اچي ويون. پر واري ڪمري مان هلڪن ٿهڪن جو آواز اچي رهيو هو – ميريءَ ميڻ جون گوليون پنهنجي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون ۽ اکيون ٻوٽي سوچڻ لڳي – زندگي ڪجهہ ٻي طرح هجي ها، جيڪڏهن پندرهن ورهيہ اڳ هوءَ اڄ واري بينچ تي ويهي ها ۽ ڦٿيل ڪبوتر کي پيڙا کان ڇڏائيندڙ مرد کي ڏسي رهي هجي ها !

*****

ھن وھاڻن جي ٽيڪ ڏئي گِريوز جي زال چئي رھي ھئي، ”تون ڪنھن عورت سان گھمندو رھيو آھين؟“ ھڪ وھاڻي ۾ ٻرندڙ سگريٽ ڇھڻ ڪري ڪيئن ٽنگ ٽي ويا ھئا.

”نہ اھو تنھنجو اجايو خيال آھي.“

”تو ڇيو ھو تہ تون ڏھين وڳي موٽي ايندين؟“

”فقط ويھہ منٽ مٿي ٿيا آھن.“

”تون ڪنھن بار ۾.........“

”مان پارڪ ۾ وينو رھيس۽ پوءِ وڃي ماني ڪاڌم...... توکي ننڊ جي دوا ڏيان؟“

”تنھنجو مطلب آھي تہ مان سمھي پوان، مري وڃان ۽ تون مون وٽ نہ اچين؟“

مرد ڏيان سان پاڻيءَ ۾ دوا جا ٻہ ڦڙا وڌا. ھاڻي ھو ڪجہ بہ چوي ھا تہ سندس زال تائين نہ پھچي ھا. وارن ۾ گھنڊيون وجھڻ لاءِ سندس زال ٻاڙھي رنگ جون ڪلپون لڳائي رکيون ھيون. ھوءَ دوا پيئڻ لاءِ جھڪي تہ مرد کي مٿس ترس اچي ويو تہ ھوءَ آمريڪا ڪان پري اچي، آمريڪا لاءِ اداس ھئي. ڪيس ڪڏھن ويساھہ ئي نہ آيو تہ ھتي بہ ڪوڪا ڪولا ساڳي ئي ھئي. اج چڱو ٿيو جو ھن بنا ڪجھ چوڻ جي دوا پي ورتي ۽ اجوڪي رات گذريل خراب راتين جئن نہ ھئي. ۽ ھو پنھنجي پلنگ جي ٻانھينءَ تي ويھي سوچڻ لڳو :”ڪھڙي انداز سان ھوٽل ڪان ٻاھر ھن ڪيس ”تون“ چيو ھو.

” ڇا پيو سوچين؟“ جوڻس اوچتو سوال ڪيس.

”سوچي رھيو ھئس، زندگي ڪجھ ٻي طرح بہ ٿي سگھي پئي....“

اھو انھيءَ مرد جو سڀ ڪان وڏو ڏوراپو ھو. جيڪو ھن زندگيءَ جي خلاف اج پھريون گھمرو ٻڌو ھو.

**********

# مختصر ڪهاڻيون

## لومڙ

### خليل جبران

هڪ لومڙ صبح ويل پنهنجي پاڇي تي نظر وڌي ۽ چيائين: ”اڄ مون کي نيرن لاءِ هڪ اٺُ ملڻ گهرجي.“

هو سڄو ڏينهن اٺ جي ڳولا ۾ رهيو. منجهند جو جڏهن هن پنهنجو پاڇو ڏٺو. تڏهن چيائين: ”مون لاءِ هڪ ڪوئو ئي ڪافي ٿيندو.“

******

## ٻه عورتون

### خليل جبران

مان جنهن ڳوٺڙي ۾ پيدا ٿيو هوس، تنهن ۾ هڪ عورت ۽ سندس ڌيءَ رهنديون هيون. اهي ٻئي مرض ڪابوس ۾ ورتل هيون. هڪ رات جڏهن پوري ڪائنات تي ماٺ مڙهيل هئي، تڏهن مون کي ماءُ ڌيءَ ننڊ واري حالت ۾ پنهنجي باغ ۾ گهمندي نظر آيون. جنهن تي ڪوهيڙو پکڙيل هو. ماءُ ڌيءَ کي چيو :” ها، ها مون کي خبر پئجي وئي آهي، منهنجي دشمن تون آهين. جنهن منهنجي جواني برباد ڪري ڇڏي. تنهن ڪري مون پنهنجي زندگيءَ جي پڊن تي زندگيءَ جي عمارت اڏائي....... اي ڪاش مان توکي ماري سگهان ها.“

ڌيءَ وراڻيس: ” اي قابل نفرت ۽ خود غرض پوڙهي، تون جيڪا منهنجي ۽ منهنجي آزاد فطرت جي وچ ۾ اچي وئين آهين ۽ جيڪا منهنجي زندگيءَ کي پنهنجي برباد زندگيءَ جهڙو بنائڻ ٿي گهرين، اي ڪاش، خدا توکي موت نصيب ڪري. “

ان ويل هڪ ڪڪڙ ٻانگ ڏني ۽ ٻئي عورتون سجاڳ ٿي پيون. پوڙهيءَ نهايت شفقت مان چيو :” چا هيءَ تون آهين، منهنجي پياري ڌيءَ؟“

۽ ڌيءَ انتهائي پيار مان وراڻي ڏني : ”هائو پياري امان.“

## انصاف

## خليل جبران

هڪ ڀيري شاهي محلات ۾ دعوت ٿي. ان موقعي تي هڪڙو ماڻهو آيو ۽ پنهنجي پاڻ کي شهزادي جي آڏو پيش ڪيائين. سڀ مهمان هن ڏانهن متوجهه ٿيا. هنن ڏٺو ته سندس هڪڙي اک ٻاهر نڪري آئي هئي ۽ خالي جاءِ تان رت وهي رهيو هوس. ڪانئس شهزادي پڇيو: "تو تي ڪهڙو ڪلور ٿيو آهي؟"
هن وراڻيو: "مان هڪ عادي چور آهيان ۽ اڄ رات جڏهن اڃا چنڊ نه نڪتو هو تڏهن مان هڪ شاهوڪار جو دڪان ڀڃڻ ويو هوس. پر غلطيءَ سبب ڪاتار جي گهر ۾ گهڙي ويس. جيئن ئي مان دريءَ مان ٽپيس، تيئن منهنجو مٿو ڪاتار جي ڪرگهي سان لڳو ۽ منهنجي اک ڦسي پئي. "اي شهزادا، هاڻ مون کي انصاف گهرجي."
اهو ٻڌي شهزادي ڪاتار کي گهرايو ۽ فيصلو ٻڌايو ته هن جي هڪ اک ڪڍي وڃي.
ڪاتار عرض ڪيو: "اي شهزادا، تنهنجو فيصلو صحيح آهي ته منهنجي هڪڙي اک ڪڍي وڃي. پر منهنجي ڪم ۾ ٻن اکين جي ضرورت آهي ته مان ان ڪپڙي کي ٻنهي پاسن کان ڏسي سگهان، جيڪو مان اڻندو آهيان. منهنجي پاڙي ۾ هڪڙو موچي آهي، جنهن جون ٻئي اکيون سلامت آهن. سندس ڪم ۾ انهن ٻنهي اکين جي ڪا به ضرورت ناهي."
اهو ٻڌي شهزادي موچيءَ کي سڏايو. هو آيو ته هن جي ٻن اکين مان هڪ اک ڪڍي وئي. ان طرح انصاف جي تقاضا پوري ٿي وئي.

## عقلمند ڪتو

## خليل جبران

هڪ ڀيري هڪ عقلمند ڪتي ٻلين جو ولر ڏٺو. جڏهن هو انهن جي ويجهو پهتو، تڏهن هن ڏٺو ته ٻليون پنهنجو پاڻ ۾ مست آهن، ۽ هن ڏانهن ڏسن به نه ٿيون، تنهن ڪري هو انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ بيهي رهيو.
پوءِ انهن مان هڪ ٿلهي، سهڻي جوان سنجيده ٻلي، اٿي ۽ سيني تي گهري گهور وجهي چوڻ لڳي: "ڀينرون خدا تعاليٰ کان دعا گهرو چو ته جڏهن پوري اعتماد سان دعا گهرنديون، تڏهن آسمان مان سچ پچ ڪوئن جي بارش ٿيندي."
ڪتو اها ڳالهه ٻڌي پنهنجي منهن کلڻ لڳو ۽ هنن کان منهن ڦيري هيئن چوندو هليو ويو: "اڙي انڌيون ۽ بيوقوف ٻليون، ڇا اهو ڪتاب ۾ لکيل ناهي، توهان کي پاڻ ۽ توهان جي ابي ڏاڏي کي ان جي پروڙ ناهي ته جڏهن خدا تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ سان بارش ٿيندي، تڏهن آسمان مان ڪوئن بدران هڏا وسندا آهن.؟

# ڏيتي ليتي

## خليل جبران

هڪ شخص وٽ ايتريون ته سُيون هيون جو هوند پوري ماٿري پرجي وڃي. هڪ ڏينهن مريم هن وٽ آئي ۽ چيائين : ”ادا، منهنجي ٻچڙي جو وڳو ڦاٽي پيو آهي، هوءَ هيڪل ڏانهن وڃي، تنهن کان اڳ مان سندس وڳي کي ٽوپا ڏئي پهرڻ لائق بڻائڻ ٿي گهران. ڇا تون مون کي هڪ سئي عنايت ڪندين؟“

هن مريم کي سئي ڏني، پر ڏيتي ليتيءَ جي باري ۾ هن کي ڏکي سمجهاڻي ڏيندي چيائين : ”جڏهن تنهنجو پُٽ هيڪل ڏانهن وڃڻ لڳي، تڏهن هن کي هي منهنجو خطبو ٻڌائي ڇڏجانءِ.“

*نوٽ : هيڪل : يهودين جي عبادت گاهه.*

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book